ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 12 جنوري 2026ع 22 رجب المرجب 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (150)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ٽرمپ پاران ايران تي ڪاهه جو امڪان، اسرائيل هاءِ الرٽ، حملو ٿيو ته آمريڪا ۽ روسي اڏن کي نشانو بڻائينداسين: صدر پزشڪيان

آمريڪي صدر طرفان ايران ۾ غير فوجي هدفن کي نشانو بڻائڻ جي امڪان تي سنجيدگي سان غور شروع ڪيو ويو آهي، ڪيس فوجي آپشنز تي بريفنگ پڻ ڏني وئي آهي: پرڏيهي ميڊيا

صدر ٽرمپ اڃا حملن جو حتمي فيصلو ناهي ڪيو پر فوجي ڪارروائي جي اجازت ڏيڻ تي غور ڪري پيو، ايران ۾ آمريڪا جي امڪاني مداخلت سبب اسرائيل هاءِ الرٽ جاري ڪري ڇڏيو

امڪاني آمريڪي مداخلت جي خدشن تي ايراني پارليامينٽ جو غير معمولي اجلاس ۾ حملي جي صورت ۾ ايران جي رد عمل ۽ ملڪي سلامتي جي معاملن تي غور ڪيو ويو

جيڪڏهن آمريڪا اسان تي حملو ڪيو ته ان جو جواب ضرور ڏنو ويندو ۽ ضرورت پوڻ تي اسرائيل ۽ خطي ۾ آمريڪي اڏن کي به نشانو بڻايو ويندو: اسپيڪر محمد باقر

ڪنهن پرڏيهي کي ايراني قوم ۾ ڏڦيڙ وجهڻ جي اجازت نه ڏينداسين، آمريڪي صدر کي وينزويلا، غزا ۽ ٻين هنڌن تي ڪنيل قدمن تي شرم اچڻ گهرجي: صدر مسعود پزشڪيان

آمريڪا ۽ اسرائيل ايران ۾ ڏڦيڙ ۽ بدامني پکيڙڻ چاهين ٿا، عوام ڏڦيڙين ۽ دهشتگردن کان پاڻ کي پري رکي، ۽ يقين رکڻ گهرجي ته اسان انصاف قائم ڪرڻ چاهيون ٿا: قوم کي خطاب

واشنگٽن/ تهران (مانٽرنگ ڊيسڪ) ايران ۾ جاري حڪومت مخالف احتجاجي مظاهرن کي ڏسندي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان ايران ۾ غير فوجي هدفن کي نشانو بڻائڻ جي امڪان تي سنجيدگي سان غور شروع ڪيو ويو آهي. آمريڪي ميڊيا موجب ٽرمپ کي فوجي آپشنز تي بريفنگ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

جمرود ۾ باب خيبر وٽ ڪار ۽ ٽرڪ ، 4 ڄڻا فوت، لاش اسپتال منتقل

پشاور (اي پي پي) خيبر جي تعلقي جمرود ۾ باب خيبر وٽ ڪار ۽ ٽرڪ وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا فوت ٿي ويا. بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني نوجوانن کي آءِ ٽي شعبي ۾ عالمي معيار جي تعليم ڏيڻ پهرين ترجيح آهي: وزيراعظم

آءِ ٽي جي ترقي لاءِ قائم عرفه ڪريم فائونڊيشن جي حڪومتي سطح تي هر ممڪن مدد ڪئي ويندي

حڪومت پاڪستان کي خطي ۾ آءِ ٽي شعبي جو مرڪز بڻائڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي

نوجوانن کي آءِ ٽي جي تعليم ۽ تربيت ۽ شعبي ۾ انٽر پرينيورشپ جي حوصلا افزائي ڪئي پئي وڃي

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستاني نوجوانن کي عالمي معيار جي آءِ ٽي شعبي جي تعليم ۽ تربيت فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي، آءِ ٽي جي ترقي لاءِ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

لاهور: عرفا ڪريم رنڌاوا جا والدين وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري رهيا آهن

وزيراعظم لاهور ۾ اشرفيه يونيورسٽي پهچي مولانا فضل الرحيم اشرفي جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اشرفيه يونيورسٽي لاهور جي سربراهه مولانا فضل الرحيم اشرفي جي لاڏاڻي تي تعزيت لاءِ يونيورسٽي جو دورو ڪيو ۽ انتظاميه ۽ مرحوم جي وارثن سان تعزيت جو اظهار ڪيو. گڏيل ڏينهن وزيراعظم بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ اقامه ۽ ليبر قانونن جون 18 هزار ڀڃڪڙيون، 10 هزار غير قانوني پرڏيهي بي دخل

غير قانوني طور تي سعودي ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙن ۾ 60 سيڪڙو ايٿوپين، 39 سيڪڙو يمني شامل

هڪ هفتي دوران 10 هزار 195 غير قانوني پرڏيهين کي سندن ملڪ واپس موڪليو ويو آهي: اختياريون

سرحد پار ڪري سعودي مان ٻن پاڙيسري ملڪن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙ 46 ماڻهو پڻ سوگها ڪيا ويا

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ۾ هڪ هفتي دوران اقامه ليبر ۽ سرحدي قانونن جي ڀڃڪڙين تي وڌيڪ 18 هزار 836 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو جڏهن ته 10 هزار 195 غير قانوني پرڏيهين کي سندن بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

حڪومت تعميري ترقي ۽ عوامي خدمت جي سياست تي يقين رکي ٿي: طلال چوڌري

اسان ڪوڪلن نعرن بدران عملي ڪم کي ترجيح ڏيون ٿا، ترقياتي ڪم ترجيحي بنيادن تي جاري آهن

وزيراعظم شهباز شريف ۽ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز عوام جي خدمت ڪري رهيا آهن

فيصل آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو آهي ته وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز تعمير ۽ ترقي ۽ عوامي خدمت جي سياست تي يقين رکن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

مولانا فضل الرحمان جي جامعه اشرفيه آمد، مولانا فضل الرحيم جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

لاهور (اي پي پي) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جو سربراهه مولانا فضل الرحمان جامعه اشرفيه ويو ۽ مولانا فضل الرحيم جي لاڏاڻي تي سندس پٽ مولانا زبير حسن بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ سعودي عرب پاران اسٽرٽيجڪ حصيداري کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي سعودي نائب پرڏيهي وزير وليد بن عبدالڪريم الخريجي سان ملاقات ٿي

خطي ۾ امن، استحڪام ۽ سلامتي کي هٿي ڏيڻ لاءِ او آءِ سي فريم ورڪ تحت سهڪار جاري رکڻ جو عزم

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار او آءِ سي پرڏيهي وزيرن واري ڪائونسل جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سينيٽر اسحاق ڊار جون او آءِ سي اجلاس ۾ مختلف ملڪن جي پرڏيهي وزيرن ۽ سيڪريٽري جنرل سان ملاقاتون

جده (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار او آءِ سي جي پرڏيهي وزيرن واري ڪائونسل جي غير معمولي اجلاس جي موقعي تي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

لاهور: مال روڊ تي نارين پراڻن ڪتابن جي اسٽال تان ڪتاب چونڊي رهيون آهن

حيدرآباد: سنڌو ڪناري نارين اٺ تي سواري ڪري رهيون آهن

وينزويلا تي لاڳو پابنديون ايندڙ هفتي ختم ڪري سگهجن ٿيون: آمريڪي ناڻي وزير

اسان ان تيل تان به پابنديون هٽائي رهيا آهيون جيڪو وڪرو ڪرڻو آهي: اسڪاٽ بيسنٽ

ايندڙ هفتي لاڳو ڪيل ڪيترين ئي پابندين وڌيڪ نرم يا ختم ڪري سگهجن ٿيون: ميڊيا سان ڳالهيون

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي ناڻي واري وزير اسڪاٽ بيسنٽ چيو آهي ته آمريڪا وينزويلا تي لاڳو ڪيل ڪيترين ئي پابنديون وڌيڪ نرم يا ختم ڪري سگهي ٿو ته جيئن عالمي مارڪيٽ ۾ وينزويلا جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪئناڊا جو وزيراعظم مارڪ ڪارني پنج ڏينهن جي سرڪاري دوري تي سياڻي چين پهچندو

مونٽريال (اي پي پي) ڪئناڊا جو وزيراعظم مارڪ ڪارني سياڻي آڱاري تي چين جي سرڪاري دوري جي شروعات ڪندو جيڪو بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو پوليس ڪارروائي، آئيس ۽ چرس هٿ، پنج جوابدار گرفتار

پوليس ڪارروائي ڪري ٻه آئس ۽ 12 ڪلو چرس برآمد ڪري ورتو

گرفتار جوابدارن ۾ خالد ابڙو، ساجد پٺاڻي، ڪامران، ليلي ڪانسٽيبل نازيه ۽ سندس والده شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار منشيات مافيا جي وڏي گينگ جا 05 جوابدار گرفتار ڪرڻ ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات برآمد ڪرڻ تي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ سندن ٽيم کي شاباس ڏيندي ڏوهن خلاف مجموعي ڪارڪردگي کي ساراهيو ۽ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪيلاش جو قتل هڪ فرد جو نه سنڌ جي شعور جو قتل ٿيو آهي: ڪيئل داس ڪوهستاني

ڪيلاش جو قاتل گرفتار ٿي چڪو آهي، وفاقي حڪومت ڪيلاش جي وارثن سان هر ممڪن قانوني مالي مدد ڪندي

سنڌ حڪومت هنن غريبن سان گڏ آهي، اسان هنن جي هر ممڪن مدد ڪنداسين: ڪرشنا ڪماري

وڪيل دوستن به تعاون ڪيو آهي، اسان سڀني جو هڪ عزم آهي قاتل کي منطقي انجام تائين پهچايون: ويرجي ڪولهي

ٽلهار (ن ع) مقتول ڪيلاش جي وارثن سان بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ٽلهار: مملڪتي وزير ڪيئل داس ڪوهستاني ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سمنڊ پار پاڪستانين پاران موڪليل ملڪ سان محبت جو اعليٰ مثال آهي: شهباز شريف

ماڻسا ناڻي ۾ 16.5 سيڪڙو اضافو سمنڊ پار پاڪستانين جو حڪومتي پاليسين تي اعتماد جو ثبوت آهي

سمنڊ پار پاڪستانين جي ڀلائي لاءِ قدم حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهن: بيان ۾ اظهار

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊسمبر 2025ع ۾ گڏيل سال جي پيٽ ۾ رڪارڊ ماڻسا جو ناڻو موڪلڻ تي سمنڊ پار پاڪستانين سان ٿورن جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سمنڊ پار پاڪستانين بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

آءِ سي سي پارٽ جي سياست ٺاڙو روڪي سگهي ته ان کي بند ٿيڻ گهرجي: سعيد اجمل

هڪ ملڪ جي مرضي تي سڄي دنيا جي ڪرڪيٽ نٿي هلي سگهي: اڳوڻو ڪرڪيٽر

سڄي دنيا پاڪستان اچي کيڏي رهي آهي ته ڀارت کي ڪهڙي تڪليف آهي: تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي ڪرڪيٽر سعيد اجمل چيو آهي ته جيڪڏهن آءِ سي سي ڀارت جي سياست کان نٿي روڪي سگهي ته ان کي بند ٿيڻ گهرجي. ڪراچي ۾ تقريب کي خطاب ڪندي سعيد اجمل بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

واپڊا پاران ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ بابت رپورٽ جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن. آچر ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ آن لائن منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ هلائيندڙ ٽولي جا 3 جوابدار گرفتار

اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ ۽ سي آءِ اي ٽاسڪ فورس گڏيل ڪارروائي ڪندي گرفتاريون ڪيون

جوابدارن ڪان 25 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جي منشيات پڻ هٿ ڪئي وئي آهي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ ۽ سي آءِ اي ٽاسڪ فورس منشيات فروشن خلاف گڏيل ڪارروائي ڪندي، شهر ۾ آن لائن منشيات سپلاءِ نيٽ ورڪ هلائيندڙ هڪ ٽولي جي 3 ميمبرن کي گرفتار ڪيو. ايس ايس پي ايس آءِ يو عمران خان چيو ته جوابدار گل بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

خانپورمهر: حرن جو روحاني پيشوا پير پاڳارو سردار علي گوهر مهر سان تعزيت ڪري رهيو آهي

سويڊن ۾ پناهه جي درخواستن ۾ غير معمولي 30 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي

اسٽاڪ (اي پي پي) سويڊن ۾ پناهه جي گولا ۾ ايندڙ ماڻهن جي انگ ۾ گذريل بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

لاهور: داتا دربار جو روڊ ويڪرو ڪرڻ لاءِ ڪوٽائي ڪئي پئي وڃي

پاڪستان صوماليه جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي حمايت ڪري ڇڏي، اسرائيلي قدم امن لاءِ خطرو آهن: اسحاق ڊار

ڪنهن خودمختيار رياست جي لازمي حصي کي تسليم ڪرڻ ڪو سفارتي عمل نه پر رياستي جارحيت آهي، صوماليلينڊ کي اسرائيل پاران غيرقانوني ۽ ناجائز طور تي تسليم ڪرڻ جي مذمت ڪريون ٿا

اسرائيلي قدم عالمي طور تسليم ڪيل سرحدن تي سڌي ريت حملو آهن، عالمي برادري هڪ آواز بڻجي صوماليه جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي کي نقصان پهچائيندڙ سمورن قدمن کي رد ڪري

جمون ڪشمير جو مسئلو ڏکڻ ايشيا ۾ تڪرار جو بنيادي سبب ۽ ايٽمي فليش پوائنٽ آهي، گڏيل قومن جي نگراني ۾ تڪرار جي منصفاڻي، ڏکيي ۽ پرامن حل لاءِ فوري ۽ گڏيل ڪوششون ٿيڻ گهرجن

اسرائيل جي غير ذميواري واري حرڪت خطي ۾ دهشتگردي خلاف علائقائي ۽ عالمي ڪوششن کي ڪمزور ڪري ٿي ۽ اهڙيون نازڪ حالتون پيدا ٿينديون جيڪي انتهاپسند گروپن لاءِ سازگار ٿي سگهن ٿيون

فلسطيني عوام جي خوداراديت واري حق جي جائز جدوجهد جي حمايت ڪيون ٿا، پائيدار امن ۽ استحڪام جو واحد رستو 1967ع کان اڳ واري آزاد ۽ خودمختيار فلسطيني رياست جو قيام آهي: نائب وزيراعظم

پاڪستان پاران او آءِ سي جي ميمبر ملڪن سان گڏجي اسرائيل جي غيرقانوني قدم کي رد ڪندي ۾ رياستن جي حصن کي تسليم ڪرڻ کي عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي منشور ڀڃڪڙي قرار ڏنو ويو

جده (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اسرائيل پاران هٿ ٺوڪي صوماليلينڊ کي تسليم ڪرڻ واري قدم کي غيرقانوني ۽ عالمي قانون جي خلاف ورزي قرار ڏيندي صوماليه جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي لاءِ پاڪستان جي مڪمل حمايت جو اظهار ڪيو آهي. گڏيل ڏينهن پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب او آءِ سي پرڏيهي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

جده: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار اجلاس ۾ شريڪ آهي

پاڪ بحريه جي ڪيترن ئي جهازن تي ٻڌل فلوٽيلا عمان جي بندرگاهه پهچي ويو

مشن ڪمانڊر ڪموڊور عامر اقبال ڪمانڊنگ آفيسرز سان گڏجي عمان جي بحري قيادت سان ملاقاتون ڪيون

ملاقاتن دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن، بحري فوجن وچ ۾ رابطن ۽ ميري ٽائيم سيڪيورٽي ۾ تعاون تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪ بحريه جي جهازن راهه ناورد (سيل شپ)، مددگار ۽ پاڪستان ميري ٽائيم سيڪيورٽي ايجنسي (پي ايم ايس اي) جي جهاز پي ايم ايس ايس ڪشمير تي ٻڌل فلوٽيلا مسقط، عمان بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ 50 هزار ثقافتي اثاثن جي رجسٽريشن جو هدف حاصل ڪيو ويو

عسير، الباحه ۽ مڪي شريف جون 8 هزار کان وڌيڪ آڌاوتون ثقافتي ورثي ۾ شامل ٿي ويون

ٿئين رجسٽريشن ڪانپوءِ ملڪي سطح تي 50 هزار ثقافتي اثاثن جو هدف حاصل ٿي ويو

رياض (اي پي پي) سعودي عرب ۾ 50 هزار ثقافتي اثاثن جي رجسٽريشن جو هدف حاصل ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق سعودي هيريٽيج ڪميشن جو چوڻ آهي ته عسير، الباحه ۽ مڪي شريف جي 8 هزار بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

قلندر جو پيغام محبت، امن ۽ رواداري اسان سڀني لاءِ مشعلِ راهه آهي: اويس قادر شاهه

حضرت لعل شهباز قلندر برصغير جا عظيم صوفي بزرگ ۽ انسانيت جا علمبردار هئا

سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي، جتي انسانيت سڀ کان وڏي عبادت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه جو 21 رجب، حضرت لعل شهباز قلندر جي ولادت جي ڏينهن تي پيغام حضرت لعل شهباز قلندر برصغير جا عظيم صوفي بزرگ ۽ انسانيت بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس زنجيرن ۾ جڪڙيل عورت کي بچائي ڇڏيو اڳوڻي مڙس خلاف ڪيس داخل

پاڙي وارن پاران 15 تي شڪايت ڪرڻ تي پوليس فوري طور تي فليٽ تي ڪارروائي ڪئي

عورت جي گهر، هٿن ۽ پيرن ۾ زنجيرن سان ٻڌو ويو، ڪٽر مشين ذريعي زنجيرون ڪٽيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پوليس ڊيفنس فيز 5 ۾ واقع هڪ فليٽ ۾ عورت کي زنجيرن ۾ جڪڙيل عورت کي بازياب ڪرايو ويو. پوليس موجب مددگار 15 کي هڪ رپورٽ ملي ته درخشان ٿاڻي جي حد ۾ ڊيفنس فيز 5 ڪمرشل ايريا ۾ واقع هڪ فليٽ ۾ عورت کي غير قانوني طور تي قيد ڪيو پيو وڃي، جنهن بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز ۽ ڪسٽم جي گڏيل ڪارروائي، ٽان ڪسٽم پيڊ سامان هٿ

يوسف گوٺ بخش ٽرمينل مان ايراني ٽائل پٽي، ٽائون ڪريم، ڪيڪ ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ۽ ڪسٽم انفورسمنٽ خفيه ڄاڻ جي بنياد تي گڏيل ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي 100 فٽ روڊ يوسف گوٺ بس ٽرمينل مان وڏي مقدار ۾ اسمگل ٿيل نان ڪسٽم پيڊ ايراني ٽائيل پٽي، برتن، ڪريم ايراني ڪيڪ سڪل ڪيس لوڊ ٿائر بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پنوعاقل: حرن جو روحاني پيشوا پير پاڳارو مريدن کي ديدار ڪرائڻ وقت دعا گهري رهيو آهي

صدر، وزيراعظم، گهرو وزير، سينيٽ چيئرمين ۽ ٻين پاران پاران قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد ۾ شادي واري گهر اندر گيس سلينڊر ڌماڪو، گهوٽ ڪنوار سميت 8 ڄڻا فوت، 11 زخمي

سيڪٽر جي سيون ٽو آبپارا ۾ رات جو 2 وڳي ڄڃ واپس گهر پهچڻ ڪانپوءِ سلينڊر ڌماڪو ٿيو

ڌماڪي سبب عمارت ڪِري پئي ۽ گهوٽ ۽ ڪنوار سميت 6 ڄڻا ڦٽڻ تي دبجي فوت ٿي ويا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي وڌيڪ ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا، فوتين جا لاش به اسپتال آندا ويا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد جي سيڪٽر جي سيون ٽو آبپارا ۾ شادي واري بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

چاڙ صاحب: سرڪاري عمارتن تي قبضن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ملڪ جي پراڻن مسئلن جو حل انتظامي سڌارا ۽ نوان صوبا ناهن پر آهي: عبدالعليم خان

استحڪام پاڪستان پارٽي جي پهرين ترجيح ملڪ ۽ قوم جي خدمت ۽ عوامي مسئلن جو حل آهي

اسان فيصلو ڪيو آهي ته وڌيڪ صوبن لاءِ تحريڪ هلائي وڃي، اهو ڪيو ابراهيم به حمايت ڪئي آهي

لاهور (اي پي پي) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان چيو آهي ته ڪاموڪي کي موٽر وي سان ڳنڍڻ ۽ جي ٽي روڊ کي 6 لائين وارو ڪيو ويندو ۽ عوامي خدمت جي ان سفر ۾ اٿون پاڻ به بار بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ وڏن جي غير قانوني وادي کي برداشت نه ڪيو ويندو: ڊاڪٽر شذره منصب علي

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي واري مملڪتي وزير ڊاڪٽر شذره منصب بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

پان سيد آباد ۾ گئس جي لوڊ شيڊنگ سان گڏ پريشر گهٽجي وڃڻ صارفين پاران نوٽيس جو مطالبو

پان سيد آباد (ن ع) پان سيد آباد ۾ سوئي سدرن گئس ڪمپني جي لاپرواهي ۽ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ جلسي دوران ميڊيا جي گاڏين تي به حملا، صحافين ۽ ڪيمرامينن تي تشدد

شريمننن ميڊيا جي نمائندن کي ڌمڪيون ڏنيون ۽ سندن ڪيمرا ۽ ٻئي سامان نقصان پهچايو

ڪراچي پريس ڪلب، پي ايف يو ۽ مختلف صحافتي تنظيمن جي پاران سخت لفظن ۾ مذمت

ڪراچي : پي ٽي آءِ جي جناح گرائونڊ جلسي دوران صحافين تي حملا پريس ڪلب سميت صحافتي تنظيمن جي سخت مذمت ڪراچي جي جناح گرائونڊ ۾

ڏگهڙي پرسان ديهه 175 ۾ انب جي وڻ سان ٽنگيل هڪ عورت جو لاش هٿ

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي پرسان ديهه 175 ۾ انب جي وڻ سان ٽنگيل هڪ عورت جو مبينا طور ڦاهو کاڌل لاش مليو اطلاع موجب گوٺ عارف رمداڻ جي رهواسڻ 85 ورهين جي تيجي زال ڪرشن ڪولهي جو بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي خلاف شعبي ۾ سهڪار، پاڪستاني ۽ آمريڪي فوجن جي گڏيل مشق شروع

ٻن هفتن تي ٻڌل گڏيل مشق نيشنل ڪائونٽر ٽيررازم سينٽر پبي ۾ شروع ٿي وئي آهي: ترجمان

گڏيل مشق جو مقصد دهشتگردي جي خاتمي واري شعبي ۾ تجربن جي ذريعي هم آهنگي ۾ واڌ آهي

اهڙيون گڏيل مشقون تبديل ٿيندڙ سيڪيورٽي چيلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون

راولپنڊي (م د) پاڪستان ۽ آمريڪا جي فوجن وچ ۾ 13هين به طرفي گڏيل مشق انسپائرڊ گيمبٽ 2026 جي شروعات ٿي وئي آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

آمريڪي رياست ۾ ٽن هنڌن تي فائرنگ، 6 ڄڻا مارجي ويا، هڪ شخص گرفتار

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا جي اوڀر واري رياست مسيسيپي ۾ ٽن هنڌن تي فائرنگ جي واقعن ۾ 6 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن جڏهن ته هڪ شڪي شخص کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي ٻين قوتن سان گڏجي آئين جو ڍانچو بگاڙي ڇڏيو آهي، سنڌ ۾ ڊڪٽيٽرشپ آهي: سهيل آفريدي

پنجاب ۽ سنڌ ۾ پي ٽي آءِ سان حڪومتي سطح تي ناانصافي ڪئي وئي، پر عوام عمران خان سان گڏ آهي

تحريڪ جو ايندڙ مرحلو ڪي پي ۾ ٿيندو خان جو پيغام ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو ويندو

عوام ڊي چوڪ وڃڻ لاءِ مڪمل تيار آهي ۽ رڳو عمران خان جي سڏ جو انتظار آهي: ڪراچي جلسي کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي باغ جناح ڪراچي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي وڏي جلسي کي خطاب ڪندي چيو آهي ته پنجاب ۽ سنڌ ۾ پي ٽي آءِ سان حڪومتي سطح تي ناانصافي ڪئي وئي، پر ان باوجود عوام عمران خان سان گڏ بيٺل آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت به پي ٽي آءِ سان سٺو سلوڪ ناهي ڪيو ۽ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ساليانو بندين سبب ڦليلي واهه جو پيٽ خالي نظر اچي رهيو آهي

آمريڪي صدر وينزويلا جي تيل مان ملندڙ آمدني جي تحفظ واري حڪمنامي تي صحيحون ڪري ڇڏيون

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وينزويلا جي تيل جي بنياد تي آمريڪا کي ٿيندڙ آمدني جي تحفظ لاءِ هڪ هنگامي حڪمنامي تي صحيحون بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڪنوار پاران شادي کان انڪار ڪرڻ تي نوجوان مايوس ٿي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي شاهه فيصل ڪالوني ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي جتي هڪ نوجوان پنهنجي ڪنوار پاران شادي کان انڪار ڪرڻ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جلسي کان اڳ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۽ پوليس ۾ جهيڙو، شيلنگ، 30 گرفتار

باغ جناح ۾ گڏ ٿيل مجريل ڪارڪنن پوليس موبائل کي روڪيندي ۽ پٿر اڇلايا ويا

پوليس جوابي ڪارروائي ڪندي لٺبازي ۽ شيلنگ ڪئي، 30 ڪارڪن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي نمائش چورنگي تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي جلسي کان اڳ پوليس ۽ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۾ سخت ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي، باغ جناح ۾ مجريل ڪارڪنن پوليس موبائل کي روڪيندي ۽

پنجاب فرانزڪ ليب پاران 9 مئي واقعن ۾ سهيل آفريدي ۽ ٻين اڳواڻن جي موجودگي جي تصديق

فرانزڪ ليبارٽري پشاور پوليس جي درخواست تي 9 مئي واقعن سان لاڳاپيل وڊيوز ۽ آڊيو وڊيول جو جائزو ورتو

سهيل آفريدي جي پروفائل تصوير وڊيو سان ملائڻ سان معلوم نظر ايندڙ شخص ساڳيو ٿي آهي

ڪي پي جي وڏي وزير سميت ڪامران بنگش، تيمور جهگڙا ۽ عرفان سليم موجود هجڻ جي تصديق

اسلام آباد (م د) پنجاب فرانزڪ سائنس ليبارٽري 9 مئي جي واقعن ۾ خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي، پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن ڪامران بنگش، تيمور جهگڙا ۽ عرفان سليم جي موجودگي جي تصديق ڪري ڇڏي پنجاب فرانزڪ ليبارٽري پشاور پوليس جي درخواست تي 9 مئي جي واقعن بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪي پي حڪومت عوام جي تحفظ، تعليم، صحت ۽ ڀلائي کي ترجيح ڏئي: حنيف عباسي

صوبائي حڪومت عوام جي تحفظ ۾ ناڪام ۽ صوبي ۾ دهشتگردن کي سهولت فراهم ڪري پئي

امن امان جي بحالي ۽ هر سطح تي احتساب کي يقيني بڻائڻ لاءِ فوري ڪارروائي ٿيڻ گهرجي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي ملڪ جي ڀلائي تي ذاتي اقتدار کي ترجيح ڏيڻ تي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ موسم ٿڌي، خشڪ ۽ جابلو علائقن ۾ شديد برسات ۽ برفباري جو امڪان آهي: موسميات کاتو

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ جڏهن ته جابلو علائقن ۾ شديد ٿڌ رهڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته معاشهين وارن علائقن ۾ جزوي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پاڪستان هندو ڪائونسل پاران ڪرايل اجتماعي شادي جي تقريب ۾ جوڙا اچي رهيا آهن

حضرت لعل شهباز قلندر پنهنجي تعليمات ۽ عملي ڪردار ذريعي محبت، رواداري ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو: ذوالفقار شاهه

قلندر ذات، نسل، ٻولي ۽ فرقي جون سموريون ديواريون ڪيرائي انسانيت کي جوڙڻ جو درس ڏنو

درگاهه اڄ به امن، رواداري ۽ ڀائيچاري جي روشن علامت آهي، جتي هر مڪتبهءِ فڪر ۽ هر طبقي جا ماڻهو حاضري ڏين ٿا

نوجوان نسل کي صوفين جي تعليمات سان جوڙڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، صوفين جو پيغام انتهاپسندي، نفرت ۽ بيائي جي خلاف آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رجب المرجب برصغير جي عظيم صوفي بزرگ حضرت لعل شهباز قلندر جي يومِ ولادت جي موقعي تي اوقاف، مذهبي معاملن زڪوات ۽ عشر واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي پاران خصوصي پيغام جاري ڪيو ويو آهي هن حضرت لعل شهباز قلندر جي ديني روحاني ۽ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سپر ٽيڪس لاڳو ڪرڻ بابت اهم ڪيسن جي ٻڌڻي اڄ آئيني عدالت ۾ ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايف آءِ اي جي ڪارروائي غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث جوابدار گرفتار

ڪارروائي ۾ 16 هزار آمريڪي ڊالر ضبط ڪيا ويا، جوابدار محمد ڪوئين کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪراچي زون پاران غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث ماڻهن خلاف وڏي پيماني تي ڪارروايون جاري آهن ڊي جي ايف آءِ اي جي هدايتن تي ايف آءِ اي ڪمرشل بينڪنگ سرڪل ڪراچي اهم ڪارروائي ڪندي غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

آمريڪا جو شام ۾ داعش خلاف نئون فوجي آپريشن، ٺڪاڻن تي حملا، ڪيترائي ڌماڪا

داعش جي حملن ۾ ٻه آمريڪي ترجمان مارجي وڃڻ بعد جوابي ڪارروائين جو ٻيو مرحلو شروع ڪيو ويو

اسان توهان کي دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ مان ڳولي وٺنداسين ۽ ماري ڇڏينداسين: آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ

ٽرمپ انتظاميا پالميرا ۾ حملي جي جوابي ڪارروائي کي "آپريشن هاڪ آءِ اسٽرائيڪ" جو نالو ڏنو ويو

دمشق (اي پي پي) آمريڪا شام ۾ داعش خلاف جوابي ڪارروائين جي هڪ ٻئي مرحلي جي شروعات ڪري ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڪارروائي گذريل مهيني ٿيل ان حملي ڪانپوءِ ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ٻه آمريڪي ترجمان مارجي ويا هئا. پرڏيهي خابرو اداري مطابق آمريڪي فوجي جي سينٽرل ڪمانڊ جو بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: گئس سلينڊر جي ڦاٽڻ سبب ٿيل تباهي جو ڏيک، ٻئي طرف زخمين کي کنيو پيو وڃي

بقايا 1 — اسحاق ڊار

وزيرن واري ڪائونسل جي 22هين غير معمولي اجلاس کي خطاب ڪندي سينيٽر اسحاق ڊار اسرائيل پاران هٽ ڌوڪي صوماليلينڊ کي تسليم ڪرڻ واري قدم کي غيرقانوني ۽ عالمي قانون جي پڃڪڙي قرار ڏيندي رد ڪيو ۽ صوماليه جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي لاءِ پاڪستان جي مڪمل حمايت جو اظهار ڪيو. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار وفاقي جمهوريه صوماليه جي خودمختياري، وحدت ۽ علائقائي سلامتي لاءِ پاڪستان جي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪندي صوماليلينڊ کي اسرائيل پاران غيرقانوني ۽ ناجائز طور تي تسليم ڪرڻ ۽ اسرائيلي پرڏيهي وزير جي بنا سبب ۽ ڇڙ ڏياريندڙ صوماليلينڊ جي دوري جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته ڪنهن به خودمختيار رياست جي لازمي حصي کي تسليم ڪرڻ ڪو سفارتي عمل نه پر هڪ جارحيت آهي. اسرائيلي قدم صوماليه جي عالمي طور تسليم ٿيل سرحدن تي سڌي ريت حملو آهن. عالمي برادري هڪ آواز ٿيجي صوماليه جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي کي نقصان پهچائيندڙ سمورن قدمن کي رد ڪري، جمون ڪشمير جو مسئلو ڏکڻ ايشيا ۾ تڪرار جو بنيادي سبب ۽ ايٽمي فليش پوائنٽ آهي. گڏيل قومن جي نگراني ۾ ان تڪرار جي منصفاڻي، ڏکهي ۽ پرامن حل لاءِ فوري ۽ گڏيل ڪوشش جي سخت ضرورت آهي. هتي او آءِ سي جي پرڏيهي وزيرن جي ڪائونسل جي غيرمعمولي اجلاس کي خطاب ڪندي هن چيو ته سڀ کان اڳ جمهوريه ترڪيه جو او آءِ سي ڪائونسل آف فارن منسٽرز جي چيئرمين جي حيثيت سان سعودي عرب ۽ وفاقي جمهوريه صوماليه جو دل سان شڪريو ادا ڪيان ٿو. هن چيو ته اسرائيل جو غيرقانوني قدم يعني هٽ ڌوڪي صوماليلينڊ کي هڪ آزاد رياست تسليم ڪرڻ واري عمل سان پيدا ٿيل خطرن تي غور لاءِ او آءِ سي جي پرڏيهي وزيرن واري ڪائونسل جو غير معمولي اجلاس وقت تي منعقد ڪرڻ جو اهم قدم کنيو ويو سعودي عرب جي قيادت، خادم الحرمين الشريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز السعود، ولي عهد ۽ وزيراعظم محمد بن سلمان بن عبدالعزيز السعود ۽ پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان السعود جي دانشمندانه قيادت سبب او آءِ سي ۽ امت کي درپيش چئلينجز جي حل لاءِ انهن جي مسلسل حمايت تي به شڪريو ادا ڪيان ٿو. اسان او آءِ سي جي سيڪريٽري جنرل حسين ابراهيم طحا ۽ سندس ٽيم جا به ٿورائتا آهيون جن هنگامي اجلاس جي تياري نهايت محنت ۽ مهارت سان ڪئي اسحاق ڊار چيو ته هو وفاقي جمهوريه صوماليه جي خودمختياري، وحدت ۽ علائقائي سلامتي لاءِ پاڪستان جي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪري ٿو اسان صوماليه جي وفاقي جمهوريه جي علائقي صوماليلينڊ کي اسرائيل پاران غيرقانوني ۽ ناجائز طور تسليم ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ اسرائيل جي پرڏيهي وزير جي بنا جواز ۽ ڇڙ ڏياريندڙ صوماليلينڊ جي دوري جي سخت مذمت ڪيون ٿا هن چيو ته پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ ان معاملي تي ٿيل بريفنگ دوران پڻ صوماليه جي ڀرپور حمايت جو اظهار ڪيو ۽ اسرائيل جي قدمن جي مذمت ڪئي اسان ان اڳڀرائي کي صوماليه جي عالمي طور تسليم ٿيل سرحدن تي سڌي ريت حملو قرار ڏيون ٿا، جيڪا عالمي قانون جي سخت پڃڪڙي آهي هن چيو ته صوماليه جو علائقو صوماليلينڊ جو هڪ لازمي ۽ ورهائڻ نه جوڳو حصو آهي. ڪنهن به پرڏيهي ڌر کي ان بنيادي حقيقت کي تبديل ڪرڻ جو ڪو قانوني ۽ اخلاقي اختيار ناهي. هن چيو ته ڪنهن خودمختيار رياست جي لازمي حصي کي تسليم ڪرڻ ڪو سفارتي عمل ناهي پر هڪ سياسي جارحيت آهي جنهن سان هڪ خطرناڪ نظريو قائم ٿئي ٿو ۽ جنهن سان آفريڪا، احمر سمنڊ جي خطي ۽ ان کان اڳيان امن ۽ سلامتي کي خطرا لاڳو ٿي سگهن ٿا. هن چيو ته پاڪستان او آءِ سي جي ميمبر ملڪن سان گڏجي اسرائيل جي ان غيرقانوني قدم کي رد ڪري ٿو جنهن جو اظهار جاري ٿيل گڏيل بيان ۾ ڪيو ويو آهي. ان گڏيل بيان ۾ رياستن جي حصن کي تسليم ڪرڻ کي عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي منشور جي بنيادي اصولن جي پڃڪڙي قرار ڏنو ويو آهي ۽ ان قدم کي آفريڪا، احمر سمنڊ جي خطي ۽ گڏيل عالمي سلامتي تي سنگين اثرن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي او آءِ سي ۽ عالمي برادري پاران اسرائيل جي ان غيرقانوني قدم کي سختي سان رد ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن اهو گستاخي وارو قدم ٻين ملڪن لاءِ مثال بڻجي سگهي هن چيو ته آفريڪا جي خطي ۾ موجوده ڇڪتاڻ واري صورتحال هن وقت وڌيڪ فڪر جوڳي آهي جڏهن صوماليه پنهنجو سياسي ۽ ادارتي رخ حوصلو ڏيندڙ ۽ ٺوس اڳڀرائي جو مظاهرو ڪري رهيو آهي وفاقي جمهوريه صوماليه قومي مفاهمت، آئيني سڌارن ۽ رياستي ادارن جي بحالي ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. ماليات، شعبي ۾ هاڪاري لاڙا خاص ڪري اقتصادي قانونسازي جون ڪوششون ۽ هڪ فرد هڪ ووٽ تي ٻڌل جامع چونڊ طرف اڳڀرائي صوماليه جمهوريت ۽ استحڪام کي مضبوط بڻائڻ طرف هڪ قدم آهي اهي ڪاميابيون صوماليه جي عوام جي ملڪيت ۽ قيادت ۾ هلندڙ سياسي مفاهمت ۽ سهڪار جي سفر جي عڪاسي ڪن ٿيون ان هاڪاري اڳڀرائي جو تحفظ ۽ استحڪام ضروري آهي. نه ڪي اهڙن قدمن ذريعي ان کي نقصان پهچايو وڃي جيڪي ملڪ کي ورهائڻ ۽ حاصل ٿيل اڳڀرائي کي نقصان پهچائڻ جو سبب بڻجن. هن چيو ته پاڪستان القاعده سان واڳيل دهشتگرد تنظيم الشباب ۽ ان جي اتحادين جي مستقل خطري جي پيٽ ۾ صوماليه عوام ۽ سندن سيڪيورٽي فورسز جي قربانين کي تسليم ڪري ٿو اسرائيل جي غير ذميواري واري حرڪت خطي ۾ دهشتگردي خلاف علائقائي ۽ عالمي ڪوششن کي ڪمزور ڪري ٿي ۽ اهڙيون نازڪ حالتون پيدا ڪري ٿي جيڪي انتهاپسند گروپن لاءِ سازگار ثابت ٿي سگهن ٿيون هن چيو ته پاڪستان او آءِ سي جي ان اپيل سان اتفاق ڪري ٿو ته سمورين رياستون ۽ ادارا صوماليلينڊ جي اختيارين سان ڪنهن به قسم جي رسمي، نيم رسمي يا غير رسمي رابطن کان پاسو ڪن ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته ڪنهن به سطح تي ٿيندڙ رابطا صوماليه جي خودمختياري ۽ وحدت جو مڪمل احترام ڪندا. هن چيو ته پاڪستان فلسطينين جي زبردستي بي دخلي بابت ڪنهن به تجويز يا منصوبي ۽ صوماليه جي وفاقي جمهوريه جي علائقي صوماليلينڊ کي ڪنهن اهڙي غير قانوني قدم سان جوڙڻ جي سختي سان مذمت ڪري ٿو فلسطينين جي لڏپلاڻ يا جبري آبادڪاري جي حمايت ڪندڙ ڪو به عمل نه رڳو عالمي قانون جي پڃڪڙي آهي پر خطي ۾ منصفاڻي ۽ ڏکهي مدي واري امن جي امڪان کي به نقصان پهچائي ٿو اسان فلسطيني عوام جي خودارادیت واري حق جي جائز جدوجهد لاءِ پنهنجي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪيون ٿا. پائيدار امن ۽ استحڪام جو واحد رستو 1967ع کان اڳ جي سرحدن جي بنياد تي هڪ آزاد ۽ خودمختيار فلسطيني رياست جو قيام آهي جنهن جي گادي جو هنڌ القدس الشريف هجي. هن چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ 2803 ۽ غزه تڪرار جي خاتمي جي جامع منصوبي جي ڀرپور حامي طور پاڪستان ان جي اثرائتي طور لاڳو ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو ته جيئن جنگ بندي کي پائيدار بڻائي سگهجي ۽ غزه ۾ جنگ جو خاتمو هجي، فلسطيني عوام کي باوقار زندگي ميسر ٿئي جن ڏکهي انساني الميي کي منهن ڏنو آهي ۽ فلسطينين جي خودارادیت واري حق ۽ رياست جي قيام طرف هڪ بهترين رستو هموار ٿئي. سلامتي ڪائونسل جي غير مستقل ميمبر جي حيثيت سان پاڪستان او آءِ سي ۽ عرب ڀائيوارن سان گڏجي فلسطين جي خودارادیت واري حق ۽ انصاف ۽ امن لاءِ عالمي حمايت کي سرگرم ڪندو رهندو هن چيو ته جمون ڪشمير جو حل طلب تڪرار ڏکڻ ايشيا ۾ تڪرار جو بنيادي سبب ۽ هڪ ايٽمي فليش پوائنٽ آهي. گڏيل قومن جي نگراني ۾ ان تڪرار جي منصفاڻي، ديرپا ۽ پرامن حل لاءِ فوري طور تي گڏيل ڪوشش جي سخت ضرورت آهي. جتي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهرائن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب هجي اسان او آءِ سي پاران ڪشميري ڀينرن ڀائرن جي لاڳاتار مضبوط ۽ پختي حمايت جي تعريف ڪيون ٿا. جڏهن ته او آءِ سي تي زور ڀريون ٿا ته هو جمون ڪشمير جي مسئلي جي منصفاڻي حل لاءِ پنهنجي ڪوششن ۾ تيزي آڻي هن چيو ته پاڪستان او آءِ سي ۽ وسيع تر عالمي برادري کان مطالبو ڪري ٿو ته هو هڪ آواز ٿي صوماليه جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي کي نقصان پهچائڻ وارن سمورن قدمن کي رد ڪري هن چيو ته اهو اجلاس صوماليه سان اسان جي اجتماعي يڪجهتي جو واضح اظهار آهي جيڪو هن جي خودمختياري خلاف هڪ غير ذميوار ڌر جي کليل پڃڪڙي جي مقابلي ۾ سامهون آيو آهي هن چيو ته پاڪستان صوماليه جي حڪومت ۽ عوام سان ڀرپور يڪجهتي ۽ حمايت جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو

بقايا 2 — شخص گرفتار

اختيارين مسيسيپي ۾ فائرنگ جي واقعن جي سلسلي ۾ 6 ڄڻن جي فوتگي ڪانپوءِ هڪ شخص کي حراست ۾ وٺڻ جو اعلان ڪيو آهي ڪلي ڪائونٽي جي شيرف ايڊي اسڪاٽ فيس بڪ پوسٽ ۾ ٻڌايو ته رياست الاباما جي سرحد ويجهو علائقي ويسٽ پوائنٽ ۾ تشدد سبب ڪيترين ئي معصوم جانيون ضايع ٿي ويون آهن هن هڪ ٽي وي چينل کي ڏنل بيان ۾ وڌيڪ چيو ته 6 ڄڻا ٽن مختلف هنڌن تي فوت ٿيا. شيرف واضح ڪيو ته هڪ شڪي شخص حراست ۾ آهي علائقي جي رهائشين کي هاڻي ڪو خطرو ناهي

بقايا 3 — گڏيل مشق شروع

موجب گڏيل مشق جي شروعات 9 جنوري 2026 کان نيشنل ڪائونٽر ٽيررازم سينٽر پبي ۾ ٿي ٻن هفتن تي ٻڌل اها مشق دهشتگردي جي خاتمي جي شعبي ۾ منعقد ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جي فوجن جا پيشيور دستا حصو وٺي رهيا آهن. بيان ۾ ٻڌايو ويو ته گڏيل مشق جي افتتاحي تقريب ۾ ٻنهي ملڪن جي اختيارين شرڪت ڪئي گڏيل مشق جو مقصد دهشتگردي جي خاتمي جي شعبي ۾ تجربن جي ڏي وٺ ذريعي هم آهنگي ۾ واڌ آهي مشق ۾ شهري علائقن ۾ جنگي ڪارروايون، نشانچي بازي ۽ آپريشنل نظرين جي هم آهنگي تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي. آءِ ايس پي آر چيو ته اهڙيون گڏيل مشقون تبديل ٿيندڙ سيڪيورٽي چيلينجن کي منهن ڏيڻ عسڪري معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ دهشتگردي خلاف فوج جي صلاحيت وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن. انسپائرڊ گيمبٽ 2026 پاڪستان ۽ آمريڪا جي امن ۽ استحڪام لاءِ جاري سهڪار جي عڪاسي آهي

بقايا 4 — سهيل آفريدي

جلسي کي ناڪام بڻائڻ لاءِ هر ممڪن رڪاوٽ وڌي وئي، پر ڪراچي جي عوام سڀ رڪاوٽون ٽوڙي جلسي کي ڪامياب بڻايو سهيل آفريدي چيو ته هن تحريڪ جو ايندڙ مرحلو خيبرپختونخوا ۾ ٿيندو ۽ اسٽريٽ موومينٽ وسيلي عمران خان جو پيغام ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو ويندو هن سنڌ ۽ خاص طور تي ڪراچي جي عوام جو دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪندي چيو ته اڄ جي جلسي ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته قوم عمران خان سان گڏ بيٺل آهي. وزيراعليٰ خيبرپختونخوا چيو ته جيڪي ماڻهو سمجهي رهيا هئا ته عمران خان جي سياست ختم ٿي چڪي آهي اهي اڄ ڪراچي اچي ڏسن ته عوام جو سمنڊ عمران خان جي حمايت ۾ نڪتل آهي هن چيو ته جنهن ڏينهن عمران خان سڏ ڏيندو، عوام بنا دير روڊن تي نڪري ايندي سهيل آفريدي وڌيڪ چيو ته ڪراچي جي عوام ثابت ڪيو آهي ته بنا سهولتن جي به وڏو ڪامياب جلسو ٿي سگهي ٿو سنڌ حڪومت جلسي کي روڪڻ لاءِ انتظامي ۽ سياسي رڪاوٽون وڌيون. پر عوام انهن سڀني رڪاوٽن کي هٽائي ڇڏيو هن الزام لڳايو ته سنڌ حڪومت سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جي بي حرمتي ڪئي آهي. جنهن کي سنڌ جي عوام ڪڏهن به معاف نه ڪندي. هن چيو ته پيپلز پارٽي ٻين قوتن سان گڏجي آئين جو ڍانچو بگاڙي ڇڏيو آهي ۽ سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جي ڊڪٽيٽرشپ قائم آهي سهيل آفريدي چيو ته عوام ڊي چوڪ وڃڻ لاءِ مڪمل تيار آهي ۽ صرف عمران خان جي سڏ جو انتظار آهي هن ڪارڪنن کي مخاطب ٿيندي چيو ته اهو ئي جذبو ۽ جنون برقرار رکڻو آهي ڇو ته اسان ڪنهن کي به اجازت نه ڏينداسين ته هو اسان جا حق ختم ڪري يا قوم جي ليڊر عمران خان کي بنا جواز جيل ۾ رکي آخر ۾ هن چيو ته سنڌ ۾ جاري فسطائيت هميشه ياد رکي ويندي ۽ تاريخ ۾ لکبي ته ڪيئن عوام جو رستو روڪيو ويو پر عوام هر ظلم جي سامهون بيهڻ جو حوصلو رکندي آهي

بقايا 5 — صحيحيون

ڪيون آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق وينزويلا جي نڪولس مادورو کي سندس ڏال سميت گرفتار ڪرڻ جي آمريڪي صدر جي حڪم تي عمل ڪانپوءِ هڪ ٻي وڏي اڳڀرائي سامهون آئي آهي ۽ صدر ڊونلڊ ٽرمپ هڪ نئين هنگامي حڪمنامي تي صحيحيون ڪري آمريڪي دولت جي تحفظ جو قدم کڻڻ جي راهه هموار ڪري ڇڏي آهي وائٽ هائوس ان جاري حڪمنامي سان ٻيا صفحا به گڏيا آهن اهو قدم صدر ٽرمپ آمريڪي تيل ڪمپنين جي انتظامي عهديدارن سان ملاقاتن ڪانپوءِ کنيو آهي ڊونلڊ ٽرمپ سان ٿيل ملاقات ۾ آمريڪي تيل ڪمپني ايگزون موبل جي چيف ايگزيڪٽو جو چوڻ هو ته جيستائين سڌارا نه آندا وڃن وينزويلا سيڙپڪاري جي قابل حالتن وارو ملڪ ناهي. وائٽ هائوس مطابق ان حڪمنامي تحت صدر ٽرمپ وينزويلا کي آمريڪي قومي مفادن خلاف قدم کڻڻ کان روڪي رهيو آهي ان حڪمنامي ذريعي وينزويلا کي آمريڪي تيل ڪمپنين جا وسيلا ضبط ڪرڻ کان روڪي انهن ڪوششن کان به وينزويلا کي روڪيو ويو آهي جيڪي وينزويلا جي اقتصادي ۽ سياسي استحڪام لاءِ آمريڪي ڪوششن کي نقصان پهچائي سگهن ٿا.

بقايا 6 — خودڪشي

تي خودڪشي ڪري ڇڏي پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته نوجوان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ تي خودڪشي ڪئي 25 سالن جي حماد محمد جي نڪاح ٻه مهينا اڳ پنهنجي مامي جي ڌيءَ سان ٿي هئي پوليس جو چوڻ آهي ته جڏهن سندس مامي جي ڌيءَ شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته نوجوان مايوسي ۾ خودڪشي ڪري ڇڏي

بقايا 7 — پهچي ويو

جي بندرگاهه سلطان قابوس جو دورو ڪيو بندرگاهه پهچڻ تي عماني عملدارن طرفان جهازن جو شاندار استقبال ڪيو ويو گڏيل ڏينهن نيوي طرفان جاري بيان موجب دوري دوران مشن ڪمانڊر ڪموڊور عامر اقبال ڪمانڊنگ آفيسرز سان گڏجي عمان جي بحري قيادت سان ملاقاتون ڪيون مشن ڪمانڊر رائل نيوي آف عمان جي وقتي ڪمانڊر ڊپٽي جي آپريشنز اينڊ پلانز ڪمانڊر ميري ٽائيم سيڪيورٽي سينٽر ڪمانڊر سيد بن سلطان نيول بيس ۽ ڪمانڊنٽ سلطان قابوس نيول اڪيڊمي سان ملاقاتون ڪيون انهن ملاقاتن دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن، بحري فوجن وچ ۾ رابطن ۽ ميري ٽائيم سيڪيورٽي ۾ تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. رائل نيوي آف عمان جي آفيسرز ۽ مڊشپ مين جهازن جو به دورو ڪيو ۽ پاڪ بحريه جي آفيسرن سان گڏيل دلچسپي جي موضوعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي بندرگاهه تي قيام دوران عمان جي عسڪري عملدارن ۽ عام شهرين پاڪ بحريه جي جهازن جو دورو ڪيو جنهن ۾ وڏو انگ پاڪستاني ڪميونٽي ۽ پاڪستان اسڪول مسقط جي شاگردن جو هو بندرگاهه جي دوري ڪانپوءِ پاڪ بحريه ۽ پاڪستان ميري ٽائيم سيڪيورٽي ايجنسي جي جهازن رائل نيوي آف عمان جي جهاز خصب (KHASAB) سان گڏ بحري مشق ڪئي ان مشق جو مقصد ٻنهي بحري فوجن وچ ۾ گڏيل تعاون کي وڌائڻ ۽ بحري مشقون ٻه طرفين منعقد ڪرڻ ذريعي سگهڻ جي گڏيل موقعن کي هٿي ڏيڻ هو پاڪستان ۽ عمان سامونڊي پاڙيسري آهن ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ اعليٰ عملدارن سان گڏوگڏ بحري جهازن جي پورٽ ڪالز ۽ گڏيل مشقون باقاعدگي سان منعقد ڪيون وينديون آهن پاڪ بحريه ۽ پاڪستان ميري ٽائيم سيڪيورٽي ايجنسي جي جهازن جي ان دوري سان ٻنهي بحري فوجن وچ ۾ ٻطرفا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا

بقايا 8 — حاصل ڪيو ويو

ڪان وڌيڪ اڏاوتي ثقافتي ورثي جي اڏائن کي نيشنل آرڪيٽيڪچرل هيريٽيج ۾ رجسٽر ڪيو ويو آهي رپورٽ مطابق نئين رجسٽر ڪيل اڏاوتي اڏائن ڪانپوءِ ملڪي سطح تي 50 هزار ثقافتي اڏائن جي رجسٽريشن جو هدف حاصل ٿي ويو جيڪو گڏريل سال مقرر ڪيو ويو هو ثقافتي هنڌن جي رجسٽريشن جي شروعاتي مرحلي ۾ 990 هنڌ الباحه ريجن ۾، 4645 علائقا عسير ۽ 2946 هنڌ مڪي شريف ريجن ۾ رڪارڊ ڪيا ويا. واضح رهي ته اهو قدم سعودي ورثي ان کي دستاويزي شڪل ڏيڻ ۽ تحفظ جي ڪوشش جي عڪاسي ڪري ٿو

بقايا 9 — اويس قادر شاهه

جا علمبردار هئا، سيد اويس قادر شاهه موجب حضرت لعل شهباز قلندر جو پيغام محبت، امن ۽ رواداري اسان سڀني لاءِ مشعل راهه آهي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي موجب لعل شهباز قلندر جون تعليمات اتحاد، ڀائپي ۽ انسانيت جو درس ڏين ٿيون حضرت لعل شهباز قلندر علم ۽ روحانيت جو روشن ٿنڀ هئا. اسپيڪر سنڌ اسيمبلي حضرت لعل شهباز قلندر جو فيض اڄ به دلين کي جوڙي رهيو آهي، سيد اويس قادر شاهه چيو آهي ته سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي، جتي انسانيت سڀ کان وڏي عبادت آهي.

بقايا 10 — ڪيس داخل

تي ايس ايڇ او درخشان پوليس هڪ پوليس پارٽي سان گڏ ڄاڻايل هنڌ تي پهتي درخشان پوليس اسٽيشن جي ايس ايڇ او رياض نيازي چيو ته جڏهن انهن کي عورت کي غير قانوني طور تي قيد ڪرڻ جي اطلاع ملي ته فليٽ جو دروازو اندر کان بند هو جڏهن اهي پاڙيسرين جي موجودگي ۾ فليٽ جو تالو ٽوڙي اندر داخل ٿيا ته فاطمه نالي هڪ عورت کي سنگس ڪچهريءَ هٿن ۽ پيرن ۾ لوهه جي زنجيرن سان ٻڌو ويو ۽ قيد ڪيو ويو هن چيو ته ڪٽر مشين جي مدد سان زنجير ڪٽيا ويا ۽ عورت کي محفوظ طور تي بچايو ويو معائنه عورت انڪشاف ڪيو ته هوءَ شيرين جناح ڪالوني جي رهواسي آهي سندس اڳوڻي مڙس کيس پنهنجي ٻارن جي خرچن جي ادائيگي جي بهاني سان ڄاڻايل فليٽ تي سڏيو هو عورت پوليس کي ٻڌايو ته جڏهن هوءَ صبح جو 9 وڳي فليٽ تي پهتي ته سندس اڳوڻي مڙس پنهنجي دوست سان گڏجي کيس زبردستي بيڊ روم ۾ بند ڪري زنجيرن ۾ ٻڌي ڇڏيو پوليس موجب فليٽ ۾ عورت جي رڙيون ٻڌڻ کان پوءِ پاڙيسرين 15 هيلپ امداد آفيسر کي اطلاع ڏنو پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري جوابدار جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 11 — پيڊ سامان هٿ

۽ ڪيڙو برآمد ڪري ورتو آهي. برآمد ڪيل نان ڪسٽم پيڊ شيون گودامن ۾ لڪايو ويون هيون جن جي ماليت ڪروڙين رپين ۾ ٻڌائي وڃي ٿي پاڪستان رينجرز سنڌ پاران اسمگلنگ جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن جو سلسلو جاري رکيو ويندو. برآمد ٿيل شيون 17 مزدا ٽرڪن ذريعي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ڪسٽم اختيارين حوالي ڪيون ويون آهن. عوام کان اپيل آهي ته ڏوهن ۽ اسمگلنگ جي خاتمي لاءِ اهڙن عنصرن بابت فوري طور ويجهي رينجرز چيڪ پوسٽ، رينجرز هيلپ لائين 1101 يا رينجرز مددگار واٽس ايپ نمبر 03479001111 تي ڪال يا ايس ايم ايس ذريعي اطلاع ڏين. توهان جو نالو راز ۾ رکيو ويندو.

بقايا 12 — تصديق

سان لاڳاپيل وڊيوز ۽ آڊيو ويزول جو جائزو ورتو. رپورٽ موجب يو ايس بي ۾ موجود 16 وڊيوز جو تجزيو ڪيو ويو جنهن دوران ڪيترين ئي وڊيوز ۾ ڪنهن به قسم جي ايڊيٽنگ جا ثبوت نه مليا، ڪجهه وڊيوز ماڻهن ۽ ڪيمپس جي واڌ جي نشاندهي ڪئي وئي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سهيل آفريدي ۽ عرفان سليم سان لاڳاپيل ٻن وڊيوز ۾ ڪليپس جوڙڻ جا ثبوت سامهون آيا، سهيل آفريدي جي پروفائل تصوير کي 9 مئي جي وڊيو سان ملائي ڏٺو ويو جنهن سان معلوم ٿيو ته پروفائل تصوير ۽ وڊيو ۾ نظر ايندڙ شخص ساڳيو ئي آهي اهڙي ريت عرفان سليم جي پروفائل تصوير جي به وڊيوز ۾ موجود هجڻ جا ثبوت مليا وڌيڪ، ڪامران بنگش جي پروفائل تصوير ۽ وڊيو ۾ موجود شخص کي هڪ ئي قرار ڏنو ويو جڏهن ته تيمور جهگڙا جي پروفائل تصوير ۽ وڊيوز ۾ نظر ايندڙ شخص ۾ به مطابقت ملي رپورٽ موجب سڄو تجزيو رڳو ويزول مواد تائين محدود رکيو ويو ۽ رپورٽ جي تياري 19 ڊسمبر کان 23 ڊسمبر 2025 دوران مڪمل ڪئي وئي واضح رهي ته دهشتگردي ڪورٽ عدالت ريڊيو پاڪستان حملي واري ڪيس ۾ پوليس کان رپورٽ طلب ڪئي هئي جنهن بعد پوليس وڊيوز جي تجزيي لاءِ مواد پنجاب فرانزڪ ليبارٽري ڏانهن موڪليو هو.

بقايا 13 — حنيف عباسي

پي ٽي آءِ کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي صوبائي حڪومت خيبر پختونخوا جي رهواسين جي جان مال ۽ عزت کي غير محفوظ بڻائي ڇڏيو آهي گڏريل ڏينهن پنهنجي هڪ انٽرويو دوران وفاقي وزير ڪي پي ڪي حڪومت تي عوام جي تحفظ ۾ ناڪامي ۽ صوبي ۾ دهشتگردن کي سهولت فراهم ڪرڻ جو الزام لڳايو آهي هن چيو ته ڪي پي ڪي جا ماڻهو غير محفوظ آهن سندن جان مال ۽ عزت غير محفوظ آهي جيڪا صوبائي حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي. هن امن امان جي بحالي ۽ هر سطح تي احتساب کي يقيني بڻائڻ لاءِ فوري ڪارروائي تي به زور ڀريو هڪ سوال جي جواب ۾ هن رمارڪس ڏنا ته پي ٽي آءِ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ڪو به ناهي. ليڊر هئڻ جي دعويٰ ڪندڙ سنجيده ناهن ۽ ڪيترائي پارٽي جا حقيقي ميمبر به ناهن هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسلام آباد ۾ وڌيڪ وڻ لڳائڻ جي حمايت جو اظهار ڪيان ٿو هن وقت تائين لڳايل وڻن جو تعداد ناڪافي آهي، سڄي شهر ۾ وڏي پيماني تي وڻ لڳائڻ جي مهم هلائي وڃي

بقايا 14 — موسميات کاتو

جهڙالي رهڻ ڪانسواءِ گلگت بلتستان، ڪشمير ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ هلڪي برسات/ هلڪي برفباري ٿي سگهي ٿي. پنجاب، مٿاهين سنڌ ۽ خيبر پختونخوا جي ميداني علائقن ۾ رهڻ دوران شديد ڪوهيڙو/ ڇانئيل رهڻ. پوٺوهار خطي ۽ ڪشمير ۾ صبح جي وقت ۾ ڪجهه هنڌن تي ڪوهيڙو پوڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي مطابق گڏريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم ٿڌي ۽ خشڪ، جڏهن ته مٿاهين وارن علائقن ۾ شديد ٿڌ رهي اسلام آباد، پوٺوهار خطي ۽ ڪشمير ۾ صبح جي وقت ۾ ڪجهه هنڌن تي ڪوهيڙو پيو پنجاب، مٿاهين سنڌ ۽ خيبر پختونخوا جي ميداني علائقن ۾ رهڻ دوران شديد ڪوهيڙو ڇانئيل رهيس آچر ڏينهن رڪارڊ ڪيل گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد اسڪردو ۾ ڪاتو 14، ليهه ۾ ڪاتو 13، استور ۾ ڪاتو 11، گوپس ۾ ڪاتو 09، گلگت ۾ ڪاتو 08، زيارت، قلات ۾ ڪاتو 07، ڪالام، هنزه ۾ ڪاتو 06، ديس راولاڪوٽ ۽ پاراچنار ۾ ڪاتو 04 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 15 — ذوالفقار شاهه

سماجي خدمتن تي کيس زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته حضرت لعل شهباز قلندر پنهنجي تعليمات ۽ عملي ڪردار ذريعي محبت، انسان دوستي، رواداري ۽ ڀائيچاري جو اهڙو پيغام ڏنو جيڪو اڄ به معاشري لاءِ مشعل راهه آهي هن چيو ته قلندر ذات، نسل، ٻوليءَ ۽ فرقي جون سمورين ديوارون ڪيرائي انسانيت کي جوڙڻ جو درس ڏنو صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته حضرت لعل شهباز قلندر جي درگاهه اڄ به امن، رواداري ۽ ڀائيچاري جي روشن علامت آهي. جتي هر مڪتب فڪر ۽ هر طبقي جا ماڻهو حاضري ڏين ٿا. هن چيو ته هيءَ درگاهه رڳو عبادت جي جاءِ ناهي پر سماج جي اصلاح، سماجي هم آهنگي ۽ انسان دوستي جو مضبوط مرڪز آهي سيد رياض حسين شاهه شيرازي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته نوجوان نسل کي صوفين جي تعليمات سان جوڙڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته صوفين جو پيغام انتهاپسندي، نفرت ۽ بيائي جي خلاف مضبوط فڪري بنياد فراهم ڪري ٿو هن چيو ته جيڪڏهن حضرت لعل شهباز قلندرؒ جي محبت ۽ خدمت خلق واري فلسفي کي اپنايو وڃي ته معاشري ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏئي سگهجي ٿي هن وڌيڪ چيو ته اوقاف کاتو حڪومت سنڌ حضرت لعل شهباز قلندرؒ سميت سمورن صوفي بزرگن جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهيو آهي هن واضح ڪيو ته درگاهن تي بهتر سهولتون، اثرائتا انتظام ۽ امن امان کي يقيني بڻايو پيو وڃي ته جيئن زائرين سڪون ۽ هڪجهڙائي سان روحاني فيض حاصل ڪري سگهن

بقايا 16 — جوابدار گرفتار

ملوث هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي ايف آءِ اي موجب گرفتار جوابدار محمد ڪونين کي پي آءِ سي ايڇ ايس ڪراچي مان گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدار غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج جي ڪاروبار ۾ ملوث هو جوابدار جي قبضي مان 16 هزار آمريڪي ڊالر موبائل فون ۽ غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج سان لاڳاپيل اهم ثبوت به هٿ ڪيا ويا آهن جاچ دوران معلوم ٿيو ته جوابدار بنا لائسنس ڪرنسي ايڪسچينج جو ڪاروبار هلائي رهيو هو ۽ برآمد ٿيل ڪرنسي بابت لاڳاپيل اختيارين کي مطمئن نه ڪري سگهيو جوابدار کي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي جڏهن ته سندس ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا 17 — عدالت ۾ ٿيندي

عدالت ۾ (اڄ) سومر 12 جنوري 2026ع تي سپر ٽيڪس لاڳو ڪرڻ بابت اهم ڪيسن جي ٻڌڻي ٿيندي هي ڪيس بينچ نمبر هڪ جي آڏو ٻڌڻي لاءِ مقرر آهي، جنهن جي سربراهي وفاقي آئيني عدالت جو چيف جسٽس، جسٽس امين الدين خان ڪندو جڏهن ته بينچ ۾ جسٽس سيد حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس ارشد حسين شاهه به شامل هوندا. ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيسن ۾ ڊي جي خان سيمنٽ ڪمپني لميٽيڊ، ميپل ليف سيمنٽ فيڪٽري لميٽيڊ ۽ ابراهيم فائبرز لميٽيڊ ۽ ٻين ڪمپنين طرفان داخل ڪيل آئيني اپيلون شامل آهن.

بقايا 18 — ڪيترائي ڌماڪا

چوڻ آهي ته وڏي پيماني تي اهو حملو آمريڪا جي شراڪتدار فورسز سان گڏجي ڪيو ويا آهن انهن حملن ۾ شام جي مختلف علائقن ۾ داعش جي ڪيترن ئي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو ويو آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ پنهنجي بيان ۾ چيو ته اسان جو پيغام واضح آهي جيڪڏهن توهان اسان جي فوجين کي نقصان پهچائيندو ته اسان توهان کي دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ مان ڳولي وٺنداسين ۽ ماري ڇڏينداسين پوءِ توهان انصاف کان بچڻ جي ڪيتري ئي ڪوشش ڇو نه ڪيو ان کان هڪ ڏينهن اڳ، شام جي حڪومت چيو هو ته ان جي سيڪيورٽي فورسز داعش جي ڪارروائين جي فوجي سربراهه کي گرفتار ڪري ورتو آهي ٽرمپ انتظاميا پاليرا ۾ حملي جي جواب ۾ ان ڪارروائي کي "آپريشن هاڪ آءِ اسٽرائيڪ" جو نالو ڏنو آهي

بقايا 19 — عبدالعليم خان

ٻار ڪامونڪي اينڊو رهندس گڏريل ڏينهن هڪ ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي عبدالعليم خان چيو ته استحڪام پاڪستان پارٽي جي اولين ترجيح ملڪ ۽ قوم جي خدمت ۽ عوامي مسئلن جو حل آهي. هن صوبن جو انگ وڌائڻ جي حوالي سان چيو ته ملڪ جي پراڻن مسئلن جو حل انتظامي سڌارا ۽ نوان صوبا ناهن ۽ آهي اسان فيصلو ڪيو آهي ته وڌيڪ صوبن لاءِ تحريڪ هلائي وڃي، ان معاملي تي ايم ڪيو ايم به اسان جي حمايت ڪئي آهي جيڪڏهن ڪنهن وٽ اڪثريت آهي ته هو هڪ بدران پنهنجا وڌيڪ وڏا وزير ناهي ان ۾ منهنجو يا منهنجي پارٽي جو ڪو به ذاتي فائدو ناهي فائدو صرف عوام جو ٿيندو ڀارت سان تازي ڇڪتاڻ جي حوالي سان هن چيو ته الله تعاليٰ پاڪستان کي سرخرو ڪيو ۽ پاڪ فوج جو وقار دنيا ۾ بلند ٿيو هن وڌيڪ چيو ته جنگ دوران چين ترڪيه ۽ آذربائيجان پاڪستان سان گڏ بيٺل رهيا، جڏهن ته اڄ ڪيترائي ملڪ پاڪستان کان جهاز خريد ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهن هي سڀ پاڪ فوج جي پيشيوراڻي صلاحيت ۽ قيادت جو نتيجو آهي. جيڪڏهن جنرل بهادر هجي ته سپاهي بهادر ٿي ويندو آهي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جي سلامتي هر شيءِ کان وڌيڪ آهي جيستائين فوج ۽ عوام متحد نه هوندا ته ڪو به ملڪ ترقي نٿو ڪري سگهي، اسان عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري ڪوشش جاري رکنداسين

بقايا 20 — شڪرو منصب علي

علي اسلام آباد ۾ وڻ لڳائڻ جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو آهي ته وڻن جي نقصان سبب بڻجندڙ ڪنهن به ڪوتاهي کي سختي سان منهن ڏنو ويندو اسلام آباد ۾ وڻن جي وڍي جي تازي خدشن جي باري ۾ گڏريل ڏينهن پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته اسلام آباد ۾ وڻن جي تحفظ تي ڪو به ڊاهه نٿو ڪري سگهجي هن زور ڀريو ته وڻن جي غير قانوني وڍي کي برداشت نه ڪيو ويندو ۽ ملوث ڌرين کي سخت سزا ڏني ويندي هن چيو ته حڪومت شهر ۾ وڻن کي محفوظ ۽ ماحولياتي قانونن کي برقرار رکڻ لاءِ پوري طرح پرعزم آهي هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته وڻن جي غير قانوني وڍي هڪ ڏوهاري عمل آهي جنهن کي برداشت نه ڪيو ويندو هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته مناسب اجازت ڪانسواءِ ترقي جي نالي تي به وڻ وڍيو ويو ته وزيراعظم جي هدايتن تحت سخت انڪوائري ۽ جوابدهي ڪئي ويندي هن شهرين جي فائدي لاءِ شهري وڻڪاري جي تحفظ ۽ توسيع جي عزم جو ورجاءُ پڻ ڪيو

بقايا 21 — نوٽيس جو مطالبو

عدم توجهي سبب شهر ۾ گئس جي لوڊ شيڊنگ وڌي وڃڻ سان گڏ شهر جي اڌ آبادي ۾ گئس پريشر گهٽجي ويو آهي. جنهن ڪري صارفين ڪاٺين جو استعمال ڪري رهيا آهن. جنهن ڪري هو سخت ڏکيائن کي منهن ڏئي رهيا آهن. شهرين ۽ صارفين سوئي سدرن گئس ڪمپني جي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته هن طرف توجهه ڏئي سوئي گئس جي لوڊ شيڊنگ گهٽائڻ سان گڏ گئس پريشر وڌايو وڃي.

بقايا 22 — عورت جو لاش هٿ

لاش انب جي وڻ سان ٽنگيل حالت ۾ ڏٺو ويو واقعي جي اطلاع ملندي ئي ڏڪهڙي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو پوليس موجب لاش کي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقا اسپتال ڏڪهڙي منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 23 — صدر پزشڪيان

ڏني وئي آهي پر حتمي فيصلو اڃا تائين ناهي ڪيو ويو جڏهن ته خطي ۾ ڇڪتاڻ کي ڏسندي اسرائيل هاءِ الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي آمريڪي اخبار نيو يارڪ ٽائمز دعويٰ ڪئي آهي ته ٽرمپ انتظاميا ايران خلاف امڪاني ڪارروائي جي مختلف آپشنز تي غور ڪري رهي آهي. رپورٽ موجب ڊونلڊ ٽرمپ کي ايران تي فوجي حملن بابت بريفنگ ڏني وئي جنهن ڪانپوءِ تهران ۾ غير فوجي هدفن کي نشانو بڻائڻ جي امڪان تي سنجيدگي سان سوچيو پيو وڃي. آمريڪي اختيارين جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته صدر ٽرمپ اڃا ايران تي حملن جو حتمي فيصلو ناهي ڪيو پر فوجي ڪارروائي جي اجازت ڏيڻ تي غور ڪري رهيو آهي هوڏانهن ايران ۾ آمريڪا جي امڪاني مداخلت سبب اسرائيل هاءِ الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي ميڊيا رپورٽن موجب اسرائيلي سيڪيورٽي ادارن احتياطي قدم سخت ڪري ڇڏيا آهن پر اهو واضح ناهي ڪيو ويو ته ان هاءِ الرٽ جي عملي شڪل ڇا آهي. ذريعن موجب ڇنڇر ڏينهن اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو ۽ آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطو ٿيو هو جنهن ۾ ايران ۾ امڪاني آمريڪي مداخلت تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ٻئي طرف ايران آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي خبردار ڪيو آهي ته ڪنهن به آمريڪي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو ايران ۾ جاري احتجاج ۽ امڪاني آمريڪي مداخلت جي خدشن تي ايراني پارليامينٽ جو غير معمولي اجلاس ٿيو جنهن ۾ آمريڪي حملي جي صورت ۾ ايران جي ردعمل ۽ ملڪي سلامتي جي معاملن تي غور ڪيو ويو ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر چيو ته جيڪڏهن آمريڪا ايران تي حملو ڪيو ته ان جو جواب ضرور ڏنو ويندو ۽ ضرورت پوڻ تي اسرائيل ۽ خطي ۾ آمريڪي اڏن کي به نشانو بڻايو ويندو. هن الزام هنيو ته ايران ۾ تازي ڏڦيڙ ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل جو هٿ آهي. واضح رهي ته ايران ۾ امڪاني آمريڪي مداخلت کي ڏسندي اسرائيل به هاءِ الرٽ تي آهي هوڏانهن ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل پنهنجي ناپاڪ مقصدن لاءِ ايران ۾ ڏڦيڙ ڪرائي رهيا آهن صحافين سان ڳالهائيندي مسعود پزشڪيان چيو ته آمريڪا ۽ اسرائيل ايران ۾ ڏڦيڙ ۽ بدامني پکيڙڻ چاهين ٿا، ايراني عوام ڏڦيڙين ۽ دهشتگردن کان پاڻ کي پري رکي. هن چيو ته عوام ڏڦيڙ پکيڙڻ جي اجازت نه ڏئي، عوام کي يقين رکڻ گهرجي ته اسان انصاف قائم ڪرڻ چاهيون ٿا. هوڏانهن قوم کي خطاب ڪندي مسعود پزشڪيان چيو ته حڪومت مسئلن جي حل، عوام جي تڪليف گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي پر ڪنهن پرڏيهي کي قوم ۾ ڏڦيڙ وجهڻ جي اجازت نه ڏينداسين. هن چيو ته آمريڪي صدر کي وينزويلا غزا ۽ ٻين هنڌن تي ڪيل قدمن تي شرم اچڻ گهرجي. مسعود پزشڪيان ايراني عوام کي ملڪي مسئلن جي حل لاءِ متحد ٿيڻ جي اپيل ڪئي ۽ چيو ته ڪو به شهري بدامني نه پکيڙي ۽ ٻئي انسان کي قتل نه ڪري، حڪومت بدعنواني جي پاڙ خلاف ڪارروائي ڪري رهي آهي. هن عوام جي زندگين ۾ بهتري آڻڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽ سڀني کي ڏڦيڙن خلاف بيهڻ جي دعوت ڏني

بقايا 24 — وزيراعظم

قائم ڪيل عرفه ڪريم فائونڊيشن جو قيام هڪ سٺو عمل آهي جنهن جي حڪومتي سطح تي هر ممڪن مدد کي يقيني بڻايو ويندو گڏريل ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب اهڙو اظهار هن آءِ ٽي ماهر مرحوم عرفه ڪريم رنڌاوا جي والدين ثمينه امجد، امجد ڪريم رنڌاوا ۽ عرفه ڪريم فائونڊيشن جي چيف ايگزيڪيٽو تابنده اسلام سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن وزيراعظم سان ملاقات ڪئي وزيراعظم عرفه ڪريم جي ننڍي عمر ۾ ئي آءِ ٽي جي ميدان ۾ خدمتن ۽ پاڪستان جو نالو روشن ڪرڻ تي کيس خراج تحسين پيش ڪيو وزيراعظم چيو ته عرفه ڪريم جي آءِ ٽي شعبي ۾ لازوال خدمتن جي اعتراف ۾ لاهور ۾ واقع آءِ ٽي ٽاور کي مرحوم جي نالي سان منسوب ڪيو ويو. جيڪو عرفه ڪريم ٽاور جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو پاڪستان کي خطي ۾ آءِ ٽي جي شعبي جو مرڪز بڻائڻ لاءِ حڪومت ڏينهن رات ڪوشش ڪري رهي آهي. وزيراعظم چيو ته نوجوانن کي آءِ ٽي جي تعليم ۽ تربيت ۽ آءِ ٽي جي شعبي ۾ انٽر پرينيورشپ جي حوصلا افزائي ڪئي پئي وڃي، هلندڙ سال ۾ وفاقي حڪومت طرفان اعليٰ ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ليپ ٽاپ ورهايا پيا وڃن عرفه ڪريم مرحوم جي والدين وزيراعظم جي قيادت هيٺ آءِ ٽي جي شعبي جي ترقي لاءِ حڪومت جي قدمن کي ساراهيو

بقايا 25 — 4ڄڻا فوت

ريسڪيو 1122 خيبر مطابق ڪنٽرول روم کي اطلاع ملندي ئي ميڊيڪل ۽ ڊيزاسٽر ٽيمون موقعي تي پهچي ويون جن متاثرن کي اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن چئن ڄڻن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي فوتين ۾ منصور نعمان، سهيل ۽ ضراب شامل آهن

بقايا 26 — تعزيت ڪئي

آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم موجوده سربراهه مولانا قاري ارشد عبيد سان مولانا فضل الرحيم اشرفي ۽ اشرفيه يونيورسٽي لاهور جي ڳوٺي سربراهه جي لاڏاڻي تي دلي تعزيت جو اظهار ڪيو نائب سربراهه حافظ اسد عبيد، نائب سربراهه ۽ مرحوم مولانا فضل الرحيم اشرفي جي صاحبزاده زبير حسن ۽ ناظم اعليٰ قاري مولانا اويس حسن به ان موقعي تي موجود هئا. وزيراعظم مرحوم جي درجن جي بلندي لاءِ فاتحه خواني ۽ دعا ڪئي

بقايا 27 — پرڏيهي بي دخل

ملڪ واپس موڪليو ويو پرڏيهي ميڊيا مطابق ڀهرين کان 7 جنوري 2026ع وچ ۾ مجموعي طور تي 11 هزار 710 ماڻهن کي اقامه قانونن 4 هزار 239 کي غير قانوني سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ۽ 2 هزار 887 کي محنت واري قانون جي پڃڪڙي تي حراست ۾ ورتو ويو غير قانوني طور تي سعودي عرب ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 741 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو انهن ۾ 60 سيڪڙو ايٿوپين 39 سيڪڙو يمني ۽ هڪ سيڪڙو ٻين ملڪن سان تعلق رکن پيا. ان کان علاوه 46 اهڙن ماڻهن کي به گرفتار ڪيو ويو آهي جيڪي سرحد پار ڪري سعودي عرب مان پاڙيسري ملڪن ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. سفي رهائش، روزگار ۽ پناهه ڏيڻ ۾ ملوث 19 ماڻهن کي به حراست ۾ ورتو ويو آهي جڏهن ته ان دوران 10 هزار 195 غير قانوني پرڏيهين کي ملڪ واپس موڪليو ويو آهي

بقايا 28 — تعزيت جو اظهار

جامعه اشرفيه جي نائب سان تعزيت جو اظهار ۽ مغفرت جي دعا ڪئي هن چيو ته مولانا فضل الرحيم جي لاڏاڻي سان علمي ويهڪون يتيم ٿي ويون آهن مولانا فضل الرحيم علم ۽ عمل جو حسين امتزاج هو هن سان هميشه محبت جو رشتو رهيو آهي ان موقعي تي جي يو آءِ پنجاب جو امير مولانا صفي الله جي يو آءِ پنجاب جو ترجمان حافظ غضنفر عزيز جنرل سيڪريٽري حافظ عبدالرحمان ۽ ٻيا گڏ هئا.

بقايا 29 — طلال چوڌري

ٿا، اسان ڪوڪلن نعرن بدران عملي طور تي ڪم کي ترجيح ڏيون ٿا، تڪ ۾ ترقياتي ڪم ترجيحي بنيادن تي جاري آهن عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪيا ويندا اهڙو اظهار هن پاڪستان مسلم ليگ (ن) ضلعي فيصل آباد جي سينئر نائب صدر آفتاب اڪبر چوڌري جي سربراهي ۾ آيل هڪ وفد سان ملاقات دوران ڪيو ان موقعي تي وفد سينئر محمد طلال چوڌري ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر بدر چوڌري جي خاص گذارش تي پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز طرفان سيوريج ۽ شهر جي 5 ارب روپين جي خصوصي گرانٽ، گرلز ڊگري ڪاليج جي قيام جي منظوري، عورتن لاءِ ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ جي منظوري، ٽي ايڇ ڪيو جي اپ گريڊيشن ميونسپل ڪميٽي جڙانوالا کي ميونسپل ڪارپوريشن جو درجو ڏيڻ سميت ٻين ترقياتي ڪمن تي پنهنجي طرفان پارٽي ڪارڪنن طرفان ۽ جڙانوالا واسين طرفان خصوصي ٿورو مڃيندي انهن کي گلدستو پيش ڪندي سندن ڪوششن کي ساراهيو آفتاب اڪبر چوڌري مملڪتي وزير کي جاري ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ ۽ وڌيڪ علائقائي مسئلن کان به آگاهه ڪيو جنهن تي گهرو معاملن واري مملڪتي وزير وفد کي پنهنجي مڪمل تعاون جي خاطري ڪرائي

بقايا 30 — بڻائڻ تي اتفاق

22هين غير معمولي اجلاس جي موقعي تي جده ۾ سعودي عرب جي نائب پرڏيهي وزير وليد بن عبدالڪريم الخريجي سان ملاقات ڪئي آچر ڏينهن پرڏيهي آفيس مان جاري بيان مطابق ملاقات ۾ پاڪستان سعودي عرب اسٽريٽجڪ حصيداري کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ خطي ۾ امن استحڪام ۽ سلامتي کي هٿي ڏيڻ لاءِ او آءِ سي جي فريم ورڪ تحت ويجهو سهڪار جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو

بقايا 31 — ملاقاتون

مختلف ملڪن جي پرڏيهي وزيرن ۽ او آءِ سي جي سيڪريٽري جنرل سان ملاقاتون ڪيون. گڏريل ڏينهن پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اسلامي تعاون تنظيم جي پرڏيهي وزيرن واري ڪائونسل جي غير معمولي اجلاس ۾ پاڪستاني وفد جي قيادت ڪئي اهو اجلاس وفاقي جمهوريه صوماليه جي خطي صوماليلينڊ کي اسرائيل پاران تسليم ڪرڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل سنگين نقصانن تي غور لاءِ منعقد ڪيو ويو هو پنهنجي خطاب ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسرائيل پاران صوماليلينڊ کي غير قانوني طور تسليم ڪرڻ ۽ اسرائيل جي اهلڪارن جي صوماليلينڊ تي بنا جواز ۽ انتهائي ڇڙ ڏياريندڙ دوري جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪئي

بقايا 32 — آمريڪي نائب وزير

تيل جي وڪري ۾ سهولت فراهم ڪري سگهجي پرڏيهي خبررسان اداري مطابق ميڊيا سان ڳالهائيندي اسڪاٽ بيسنٽ چيو ته اسان ان تيل تان پابنديون هٽائي رهيا آهيون جيڪو وڪرو ڪرڻو آهي آمريڪي ناڻي واري وزير کان جڏهن پڇيو ويو ته وڌيڪ پابنديون ڪڏهن هٽائي سگهجن ٿيون هن چيو ته ايندڙ هفتي جي شروع ۾ ٿي سگهي ٿو پر هن ڪا حتمي تاريخ جي وضاحت نه ڪئي

بقايا 33 — پنج جوابدار گرفتار

تعريف ڪئي آهي. تفصيل موجب، ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد چوڌري جي اڳوائي ۾ لاڙڪاڻو پوليس منشيات جي هڪ وڏي نيٽ ورڪ کي بي نقاب ڪندي ڪامياب ڪارروائي دوران پنج منشيات وڪرو ڪندڙ گرفتار ڪري ورتا. پوليس مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪارروايون ڪندي ٻه ڪلو کان وڌيڪ آئس ۽ ٻارهن ڪلو کان وڌيڪ چرس برآمد ڪئي آهي. گرفتار جوابدارن ۾ بدنام زمانه منشيات فروش خالد ابڙو سليم پتافي ڪامران عرف وڏايو ابڙو ليڊي ڪانسٽيبل نازيه ڪورائي ۽ سندس والده فرزانه شامل آهن جڏهن ته ڪجهه ساڳي منشيات اڳاڙي فرار ٿي ويا، جن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. تفصيل موجب اها ڪارروائي وفاقي سول حساس اداري جي سهڪار سان ڪئي وئي، ابتدائي جاچ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته ليڊي ڪانسٽيبل نازيه ڪورائي پوليس وردي جي آڙ ۾ صوبي جي مختلف ضلعن ۾ منشيات جي فراهمي ۾ ملوث هئي جڏهن ته سندس والده به هن نيٽ ورڪ جو حصو هئي هي ڪارروائي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ارشاد مغل ۽ انچارج سي آءِ اي سب انسپيڪٽر ارشد محمود ملڪ جي نگراني هيٺ جوڙيل ٽيم سرانجام ڏني. جنهن ٿوري ئي وقت ۾ پورو نيٽ ورڪ ٽوڙي ڇڏيو. ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد چوڌري پنهنجي عزم جو اظهار ڪندي چيو آهي ته لاڙڪاڻو کي منشيات کان پاڪ بڻائڻ لاءِ بنا ڪنهن امتياز جي ڪارروايون جاري رهنديون ۽ منشيات فروشن خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي

بقايا 34 — چين پهچندو

گڏريل 8 سالن ۾ ڪنهن ڪينيڊين اڳواڻ جو چين جو پهريون دورو هوندو پرڏيهي ميڊيا مطابق ان دوري جو مقصد واپار تي ڳالهه ٻولهه ۽ سالن کان جاري سفارتي ڇڪتاڻ کانپوءِ ٻه طرفا لاڳاپن جي بحالي آهي چيني صدر شي جن پنگ گڏريل سال آڪٽوبر ۾ ايشيا پيسيفڪ اڪنامڪ ڪوآپريشن سربراهه اجلاس جي موقعي تي ملاقات دوران مارڪ ڪارني کي چين جي دوري جي دعوت ڏني جنهن کي ڪينيڊين وزيراعظم ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ وارن لاڳاپن ۾ هڪ اهم موڙ قرار ڏنو هو

بقايا 35 — ڪيهل داس

ڏک ونڊڻ آيو آهيان مملڪتي وزير ڪيهل داس ڪوهستاني سينيٽر ڪرشنا ڪماري وزيراعليٰ معاون خصوصي وير جي ڪولهي جو پيرو لاشاري ڳوٺ ڏاهو ڪولهي ۾ ميڊيا سان ڳالهيون مملڪتي وزير چيو ته ڪيلاش جو قتل هڪ فرد جو نه سڄي جي شعور جو قتل ٿيو آهي اسان ڪيلاش جي قتل واري ڏينهن کان وٺي پوليس ۽ انتظاميا سان رابطي ۾ هئا سين وفاقي حڪومت سختي سان نوٽس ورتو آهي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان رابطي ۾ هئس ڪيلاش جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار ٿي چڪو آهي وفاقي حڪومت ڪيلاش جي وارثن سان هر ممڪن قانوني مالي مدد ڪندي اسان چاهيون ٿا ظالم وڏيرو ڪيفر ڪردار تائين پهچي ڪيلاش جي مالي مدد وفاقي حڪومت ڪندي صوبائي حڪومت به ڪيلاش جي مدد ڪندي وڪيل دوستن به تعاون ڪيو آهي اسان سڀني جو هڪ عزم آهي قاتل سرفراز کي منطقي انجام تائين پهچايو وڃي مير ويرجي ڪولهي جڏهن ته ڪرشنا ڪماري چيو ته پيپلزپارٽي هن غريبن جي پارٽي آهي سنڌ حڪومت هن غريبن سان گڏ اسان هنن جي هر ممڪن مدد ڪنداسين.

بقايا 36 — 8ڄڻا فوت

گهر ۾ سلينڊر ڌماڪي ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار سميت 8 ڄڻا فوت ۽ 11 ڄڻا زخمي ٿي پيا. پوليس موجب رات 2 وڳي جڃ جي گهر پهچڻ ڪانپوءِ سلينڊر ڌماڪو ٿيو جنهن سبب عمارت ڪري پئي ۽ گهوٽ ۽ ڪنوار سميت 6 ڄڻا ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويا. پوليس ٻڌايو ته لاشن ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي وڌيڪ ٻه زخمين جا سور نه سهندي فوت ٿي ويا پوليس موجب گهر ۾ شادي جو فنڪشن جاري هو ته سلينڊر ڌماڪو ٿيو ڌماڪو 66 ڪوارٽرز گلي نمبر 23 ۾ ٿيو جنهن سبب 4 گهر متاثر ٿيا ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جنرل اسلام آباد صاحبزاده محمد يوسف ٻڌايو آهي ته وفاقي گادي واري شهر اسلام آباد جي سيڪٽر جي سيون ٽو جي عمارت ۾ گيس سلينڊر ڌماڪي جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا فوت جڏهن ته 11 زخمي ٿي پيا آهن ڪيپيٽل ايمرجنسي سروسز جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر عبدالرحمان مطابق گيس سلينڊر جي ڌماڪي سبب عمارت ڊهي پئي جنهن جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا فوت جڏهن ته 11 زخمي ٿي پيا. ڌماڪي سبب هڪ نئون شادي شده جوڙو به ٿڏي تي فوت ٿي ويو امدادي ٽيمن واقعي واري هنڌ پهچي امدادي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون ۽ زخمين کي علاج لاءِ ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو اي ڊي سي جي چيو آهي ته ڌماڪي جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي، ڌماڪو گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب ٿيو آهي يا گئس جي ليڪيج سبب اهو معلوم ڪيو پيو وڃي هوڏانهن پمز اسپتال انتظاميا موجب سلينڊر ڌماڪي ۾ فوت ٿي ويل سمورن ماڻهن جي سڃاڻپ ٿي وئي آهي. پنجن ميتن کي سرد خاني منتقل ڪيو ويو آهي. ميتون ڪڏهن وصول ڪرڻيون آهن. پوسٽ مارٽم ڪرڻو آهي يا نه ان جو فيصلو سندن ڪٽنب ڪندا، ٻئي طرف صدر آصف زرداري، وزيراعظم شهباز شريف، وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سينيٽ جي چيئرمين يوسف رضا گيلاني ۽ ٻين پاران اسلام آباد جي، سيڪٽر جي سيون ٽو واري علائقي ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سبب جي نتيجي ۾ قيمتي انساني حياتين جي نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم صحت واري وفاقي وزير ۽ سيڪريٽري سميت پمز انتظاميه کي الرٽ رهڻ ۽ زخمين جي مڪمل صحتيابي تائين هر ممڪن طبي امداد ۽ سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي آهي هنن زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي وزيراعظم گهرو سيڪريٽري کي واقعي جي مڪمل جاچ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وزيراعظم واقعي ۾ فوت ٿي ويلن جي مغفرت جي دعا ڪندي انهن جي پونئرن سان همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو

بقايا 37 — شهباز شريف

پروپيگنڊا کي رد ڪندي وطن جي تعمير ۽ ترقي لاءِ مٽاسٽا جو ناڻو موڪلڻ سندن پنهنجي ملڪ سان محبت جو اعليٰ مثال آهي. گڏريل ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته ڊسمبر 2025ع ۾ محب وطن سمنڊ پار پاڪستانين 3.6 ارب ڊالرن جو مٽاسٽا جو ناڻو موڪليو جنهن تي سندن ٿورائتو آهيان مٽاسٽا جي ناڻي ۾ گڏريل سال جي ڀيٽ ۾ 16.5 سيڪڙو اضافو سمنڊ پار پاڪستانين جو حڪومتي پاليسين تي اعتماد جو ثبوت آهي. وزيراعظم چيو ته سمنڊ پار پاڪستانين جو پروپيگنڊا کي رد ڪري وطن جي تعمير ۽ ترقي لاءِ مٽاسٽا جو ناڻو موڪلڻ سندن پنهنجي ملڪ سان محبت جو اعليٰ مثال آهي. سمنڊ پار پاڪستاني اسان جو قيمتي اثاثو آهن. مون سميت پوري قوم کي مٿن فخر آهي. سمنڊ پار پاڪستانين جي ڀلائي لاءِ قدم حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهن

بقايا 38 — سعيد اجمل

چيو ته آءِ سي سي فيئر اينڊ لوو ڪرڪيٽ سان فيصلا ڪري، فيئر فيصلا ڪندو ته اهو ئي ٿيندو جيڪو پاڪستان ۽ ٻيا ڪرڪيٽ بورڊ چاهين ٿا هڪ ملڪ جي مرضي تي سڄي دنيا جي ڪرڪيٽ نٿي هلي سگهي هن چيو ته آءِ سي سي کي پيغام آهي ته فيئر ڪرڪيٽ ٿيڻ گهرجي سڄي دنيا پاڪستان اچي کيڏي رهي آهي ته ڀارت کي ڪهڙي تڪليف آهي جو پاڪستان نٿو اچي

بقايا 39 — جوابدار گرفتار

محمد، ياسر ۽ وسيم کي ڊيفنس فيز 5 خيابان بحريا مان گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدارن کان لکين رپين جي ماليت جي 300 گرام انتهائي خطرناڪ چرس ۽ جوابدارن پاران استعمال ٿيندڙ آلٽو ڪار هٿ ڪئي وئي ۽ انهن کي تحويل ۾ ورتو ويو جوابدارن کان هٿ ڪيل منشيات جي قيمت 25 لک رپين کان وڌيڪ آهي گرفتار جوابدار آن لائن نيٽ ورڪ استعمال ڪندي شهر جي پوش علائقن ۾ منشيات پهچائيندا هئا. جوابدار سوشل ايپليڪيشن ذريعي آن لائن منشيات جا آرڊر به وٺندا هئا، ۽ منشيات ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي شاگردن کي به وڪرو ڪئي ويندي هئي جوابدارن جا پوئين ڪرمنل رڪارڊ حاصل ڪيا پيا وڃن جڏهن ته جوابدارن خلاف وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

بقايا 40 — رپورٽ جاري

درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 18 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 18 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 9 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 9 هزار 300 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 14 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 14 هزار 500 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 5 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 5 هزار ڪيوسڪ، چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 7 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 7 هزار 600 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي صورتحال مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1492.00 فوٽ ۽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ، استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.747 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1200.10 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 4.256 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 643.30 فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.094 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو آهي

بقايا 41 — رڪارڊ ڪئي وئي

سال دوران 30 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي جيڪا 1985ع ڪانپوءِ هن وقت تائين جي گهٽ ترين سطح آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق سويڊن جي موجوده حڪومت سيپٽمبر ۾ ٿيل عام چونڊن کان اڳ قانونن کي وڌيڪ سخت ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو هو سويڊن جي حڪومتي اتحاد جنهن کي اميگريشن مخالف پارٽي سويڊن ڊيموڪريٽس جي حمايت حاصل آهي، 2022ع ۾ اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ پناهگيرن جي انگ ۾ گهٽتائي کي پنهنجي اهم پاليسي طور پيش ڪري رهيو آهي. حڪومت جو موقف آهي ته ملڪ ۾ گينگ وار ۽ ڏوهن جي لهر جو بنيادي سبب گڏريل سوشل ڊيموڪريٽڪ حڪومت جون نرم پاليسيون ۽ پرڏيهين جي معاشري ۾ ضم ٿيڻ ۾ ناڪامي آهي مائيگريشن بورڊ جي انگن اکرن مطابق يوڪرين پناهگيرن کان علاوه سويڊن ايندڙ پرڏيهين جو ڪل انگ 2024ع ۾ 82 هزار 857 هو جيڪو 2025ع ۾ گهٽجي 79 هزار 684 رهجي ويو آهي انهن انگن اکرن جي اهم ڳالهه اها آهي ته ڪل پرڏيهين ۾ پناهگيرن ۽ سندن خاندانن جو انگ رڳو 6 سيڪڙو رهيو جڏهن ته 2018ع ۾ اها شرح 31 سيڪڙو هئي اميگريشن واري وزير مطابق ايندڙ سال شهريت حاصل ڪرڻ ۽ واپسي جي عمل کي وڌيڪ سخت بڻايو ويندو

بقايا 42

وزيرن واري ڪائونسل جي 22هين غير معمولي اجلاس کي خطاب ڪندي سينيٽر اسحاق ڊار اسرائيل پاران هٽ ڌوڪي صوماليلينڊ کي تسليم ڪرڻ واري قدم کي غيرقانوني ۽ عالمي قانون جي پڃڪڙي قرار ڏيندي رد ڪيو ۽ صوماليه جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي لاءِ پاڪستان جي مڪمل حمايت جو اظهار ڪيو. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار وفاقي جمهوريه صوماليه جي خودمختياري، وحدت ۽ علائقائي سلامتي لاءِ پاڪستان جي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪندي صوماليلينڊ کي اسرائيل پاران غيرقانوني ۽ ناجائز طور تي تسليم ڪرڻ ۽ اسرائيلي پرڏيهي وزير جي بنا سبب ۽ ڇڙ ڏياريندڙ صوماليلينڊ جي دوري جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته ڪنهن به خودمختيار رياست جي لازمي حصي کي تسليم ڪرڻ ڪو سفارتي عمل نه پر هڪ جارحيت آهي. اسرائيلي قدم صوماليه جي عالمي طور تسليم ٿيل سرحدن تي سڌي ريت حملو آهن. عالمي برادري هڪ آواز ٿيجي صوماليه جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي کي نقصان پهچائيندڙ سمورن قدمن کي رد ڪري، جمون ڪشمير جو مسئلو ڏکڻ ايشيا ۾ تڪرار جو بنيادي سبب ۽ ايٽمي فليش پوائنٽ آهي. گڏيل قومن جي نگراني ۾ ان تڪرار جي منصفاڻي، ڏکهي ۽ پرامن حل لاءِ فوري ۽ گڏيل ڪوشش جي سخت ضرورت آهي. هتي او آءِ سي جي پرڏيهي وزيرن جي ڪائونسل جي غيرمعمولي اجلاس کي خطاب ڪندي هن چيو ته سڀ کان اڳ جمهوريه ترڪيه جو او آءِ سي ڪائونسل آف فارن منسٽرز جي چيئرمين جي حيثيت سان سعودي عرب ۽ وفاقي جمهوريه صوماليه جو دل سان شڪريو ادا ڪيان ٿو. هن چيو ته اسرائيل جو غيرقانوني قدم يعني هٽ ڌوڪي صوماليلينڊ کي هڪ آزاد رياست تسليم ڪرڻ واري عمل سان پيدا ٿيل خطرن تي غور لاءِ او آءِ سي جي پرڏيهي وزيرن واري ڪائونسل جو غير معمولي اجلاس وقت تي منعقد ڪرڻ جو اهم قدم کنيو ويو سعودي عرب جي قيادت، خادم الحرمين الشريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز السعود، ولي عهد ۽ وزيراعظم محمد بن سلمان بن عبدالعزيز السعود ۽ پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان السعود جي دانشمندانه قيادت سبب او آءِ سي ۽ امت کي درپيش چئلينجز جي حل لاءِ انهن جي مسلسل حمايت تي به شڪريو ادا ڪيان ٿو. اسان او آءِ سي جي سيڪريٽري جنرل حسين ابراهيم طحا ۽ سندس ٽيم جا به ٿورائتا آهيون جن هنگامي اجلاس جي تياري نهايت محنت ۽ مهارت سان ڪئي اسحاق ڊار چيو ته هو وفاقي جمهوريه صوماليه جي خودمختياري، وحدت ۽ علائقائي سلامتي لاءِ پاڪستان جي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪري ٿو اسان صوماليه جي وفاقي جمهوريه جي علائقي صوماليلينڊ کي اسرائيل پاران غيرقانوني ۽ ناجائز طور تسليم ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ اسرائيل جي پرڏيهي وزير جي بنا جواز ۽ ڇڙ ڏياريندڙ صوماليلينڊ جي دوري جي سخت مذمت ڪيون ٿا هن چيو ته پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ ان معاملي تي ٿيل بريفنگ دوران پڻ صوماليه جي ڀرپور حمايت جو اظهار ڪيو ۽ اسرائيل جي قدمن جي مذمت ڪئي اسان ان اڳڀرائي کي صوماليه جي عالمي طور تسليم ٿيل سرحدن تي سڌي ريت حملو قرار ڏيون ٿا، جيڪا عالمي قانون جي سخت پڃڪڙي آهي هن چيو ته صوماليه جو علائقو صوماليلينڊ جو هڪ لازمي ۽ ورهائڻ نه جوڳو حصو آهي. ڪنهن به پرڏيهي ڌر کي ان بنيادي حقيقت کي تبديل ڪرڻ جو ڪو قانوني ۽ اخلاقي اختيار ناهي. هن چيو ته ڪنهن خودمختيار رياست جي لازمي حصي کي تسليم ڪرڻ ڪو سفارتي عمل ناهي پر هڪ سياسي جارحيت آهي جنهن سان هڪ خطرناڪ نظريو قائم ٿئي ٿو ۽ جنهن سان آفريڪا، احمر سمنڊ جي خطي ۽ ان کان اڳيان امن ۽ سلامتي کي خطرا لاڳو ٿي سگهن ٿا. هن چيو ته پاڪستان او آءِ سي جي ميمبر ملڪن سان گڏجي اسرائيل جي ان غيرقانوني قدم کي رد ڪري ٿو جنهن جو اظهار جاري ٿيل گڏيل بيان ۾ ڪيو ويو آهي. ان گڏيل بيان ۾ رياستن جي حصن کي تسليم ڪرڻ کي عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي منشور جي بنيادي اصولن جي پڃڪڙي قرار ڏنو ويو آهي ۽ ان قدم کي آفريڪا، احمر سمنڊ جي خطي ۽ گڏيل عالمي سلامتي تي سنگين اثرن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي او آءِ سي ۽ عالمي برادري پاران اسرائيل جي ان غيرقانوني قدم کي سختي سان رد ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن اهو گستاخي وارو قدم ٻين ملڪن لاءِ مثال بڻجي سگهي هن چيو ته آفريڪا جي خطي ۾ موجوده ڇڪتاڻ واري صورتحال هن وقت وڌيڪ فڪر جوڳي آهي جڏهن صوماليه پنهنجو سياسي ۽ ادارتي رخ حوصلو ڏيندڙ ۽ ٺوس اڳڀرائي جو مظاهرو ڪري رهيو آهي وفاقي جمهوريه صوماليه قومي مفاهمت، آئيني سڌارن ۽ رياستي ادارن جي بحالي ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. ماليات، شعبي ۾ هاڪاري لاڙا خاص ڪري اقتصادي قانونسازي جون ڪوششون ۽ هڪ فرد هڪ ووٽ تي ٻڌل جامع چونڊ طرف اڳڀرائي صوماليه جمهوريت ۽ استحڪام کي مضبوط بڻائڻ طرف هڪ قدم آهي اهي ڪاميابيون صوماليه جي عوام جي ملڪيت ۽ قيادت ۾ هلندڙ سياسي مفاهمت ۽ سهڪار جي سفر جي عڪاسي ڪن ٿيون ان هاڪاري اڳڀرائي جو تحفظ ۽ استحڪام ضروري آهي. نه ڪي اهڙن قدمن ذريعي ان کي نقصان پهچايو وڃي جيڪي ملڪ کي ورهائڻ ۽ حاصل ٿيل اڳڀرائي کي نقصان پهچائڻ جو سبب بڻجن. هن چيو ته پاڪستان القاعده سان واڳيل دهشتگرد تنظيم الشباب ۽ ان جي اتحادين جي مستقل خطري جي پيٽ ۾ صوماليه عوام ۽ سندن سيڪيورٽي فورسز جي قربانين کي تسليم ڪري ٿو اسرائيل جي غير ذميواري واري حرڪت خطي ۾ دهشتگردي خلاف علائقائي ۽ عالمي ڪوششن کي ڪمزور ڪري ٿي ۽ اهڙيون نازڪ حالتون پيدا ڪري ٿي جيڪي انتهاپسند گروپن لاءِ سازگار ثابت ٿي سگهن ٿيون هن چيو ته پاڪستان او آءِ سي جي ان اپيل سان اتفاق ڪري ٿو ته سمورين رياستون ۽ ادارا صوماليلينڊ جي اختيارين سان ڪنهن به قسم جي رسمي، نيم رسمي يا غير رسمي رابطن کان پاسو ڪن ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته ڪنهن به سطح تي ٿيندڙ رابطا صوماليه جي خودمختياري ۽ وحدت جو مڪمل احترام ڪندا. هن چيو ته پاڪستان فلسطينين جي زبردستي بي دخلي بابت ڪنهن به تجويز يا منصوبي ۽ صوماليه جي وفاقي جمهوريه جي علائقي صوماليلينڊ کي ڪنهن اهڙي غير قانوني قدم سان جوڙڻ جي سختي سان مذمت ڪري ٿو فلسطينين جي لڏپلاڻ يا جبري آبادڪاري جي حمايت ڪندڙ ڪو به عمل نه رڳو عالمي قانون جي پڃڪڙي آهي پر خطي ۾ منصفاڻي ۽ ڏکهي مدي واري امن جي امڪان کي به نقصان پهچائي ٿو اسان فلسطيني عوام جي خودارادیت واري حق جي جائز جدوجهد لاءِ پنهنجي پختي حمايت جو ورجاءُ ڪيون ٿا. پائيدار امن ۽ استحڪام جو واحد رستو 1967ع کان اڳ جي سرحدن جي بنياد تي هڪ آزاد ۽ خودمختيار فلسطيني رياست جو قيام آهي جنهن جي گادي جو هنڌ القدس الشريف هجي. هن چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ 2803 ۽ غزه تڪرار جي خاتمي جي جامع منصوبي جي ڀرپور حامي طور پاڪستان ان جي اثرائتي طور لاڳو ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو ته جيئن جنگ بندي کي پائيدار بڻائي سگهجي ۽ غزه ۾ جنگ جو خاتمو هجي، فلسطيني عوام کي باوقار زندگي ميسر ٿئي جن ڏکهي انساني الميي کي منهن ڏنو آهي ۽ فلسطينين جي خودارادیت واري حق ۽ رياست جي قيام طرف هڪ بهترين رستو هموار ٿئي. سلامتي ڪائونسل جي غير مستقل ميمبر جي حيثيت سان پاڪستان او آءِ سي ۽ عرب ڀائيوارن سان گڏجي فلسطين جي خودارادیت واري حق ۽ انصاف ۽ امن لاءِ عالمي حمايت کي سرگرم ڪندو رهندو هن چيو ته جمون ڪشمير جو حل طلب تڪرار ڏکڻ ايشيا ۾ تڪرار جو بنيادي سبب ۽ هڪ ايٽمي فليش پوائنٽ آهي. گڏيل قومن جي نگراني ۾ ان تڪرار جي منصفاڻي، ديرپا ۽ پرامن حل لاءِ فوري طور تي گڏيل ڪوشش جي سخت ضرورت آهي. جتي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهرائن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب هجي اسان او آءِ سي پاران ڪشميري ڀينرن ڀائرن جي لاڳاتار مضبوط ۽ پختي حمايت جي تعريف ڪيون ٿا. جڏهن ته او آءِ سي تي زور ڀريون ٿا ته هو جمون ڪشمير جي مسئلي جي منصفاڻي حل لاءِ پنهنجي ڪوششن ۾ تيزي آڻي هن چيو ته پاڪستان او آءِ سي ۽ وسيع تر عالمي برادري کان مطالبو ڪري ٿو ته هو هڪ آواز ٿي صوماليه جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي کي نقصان پهچائڻ وارن سمورن قدمن کي رد ڪري هن چيو ته اهو اجلاس صوماليه سان اسان جي اجتماعي يڪجهتي جو واضح اظهار آهي جيڪو هن جي خودمختياري خلاف هڪ غير ذميوار ڌر جي کليل پڃڪڙي جي مقابلي ۾ سامهون آيو آهي هن چيو ته پاڪستان صوماليه جي حڪومت ۽ عوام سان ڀرپور يڪجهتي ۽ حمايت جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو

بقايا 43

جي امڪان تي سنجيدگي سان سوچيو پيو وڃي. آمريڪي اختيارين جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته صدر ٽرمپ اڃا ايران تي حملن جو حتمي فيصلو ناهي ڪيو پر فوجي ڪارروائي جي اجازت ڏيڻ تي غور ڪري رهيو آهي هوڏانهن ايران ۾ آمريڪا جي امڪاني مداخلت سبب اسرائيل هاءِ الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي ميڊيا رپورٽن موجب اسرائيلي سيڪيورٽي ادارن احتياطي قدم سخت ڪري ڇڏيا آهن پر اهو واضح ناهي ڪيو ويو ته ان هاءِ الرٽ جي عملي شڪل ڇا آهي. ذريعن موجب ڇنڇر ڏينهن اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو ۽ آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطو ٿيو هو جنهن ۾ ايران ۾ امڪاني آمريڪي مداخلت تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ٻئي طرف ايران آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي خبردار ڪيو آهي ته ڪنهن به آمريڪي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو ايران ۾ جاري احتجاج ۽ امڪاني آمريڪي مداخلت جي خدشن تي ايراني پارليامينٽ جو غير معمولي اجلاس ٿيو جنهن ۾ آمريڪي حملي جي صورت ۾ ايران جي ردعمل ۽ ملڪي سلامتي جي معاملن تي غور ڪيو ويو ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر چيو ته جيڪڏهن آمريڪا ايران تي حملو ڪيو ته ان جو جواب ضرور ڏنو ويندو ۽ ضرورت پوڻ تي اسرائيل ۽ خطي ۾ آمريڪي اڏن کي به نشانو بڻايو ويندو. هن الزام هنيو ته ايران ۾ تازي ڏڦيڙ ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل جو هٿ آهي. واضح رهي ته ايران ۾ امڪاني آمريڪي مداخلت کي ڏسندي اسرائيل به هاءِ الرٽ تي آهي هوڏانهن ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل پنهنجي ناپاڪ مقصدن لاءِ ايران ۾ ڏڦيڙ ڪرائي رهيا آهن صحافين سان ڳالهائيندي مسعود پزشڪيان چيو ته آمريڪا ۽ اسرائيل ايران ۾ ڏڦيڙ ۽ بدامني پکيڙڻ چاهين ٿا، ايراني عوام ڏڦيڙين ۽ دهشتگردن کان پاڻ کي پري رکي. هن چيو ته عوام ڏڦيڙ پکيڙڻ جي اجازت نه ڏئي، عوام کي يقين رکڻ گهرجي ته اسان انصاف قائم ڪرڻ چاهيون ٿا. هوڏانهن قوم کي خطاب ڪندي مسعود پزشڪيان چيو ته حڪومت مسئلن جي حل، عوام جي تڪليف گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي پر ڪنهن پرڏيهي کي قوم ۾ ڏڦيڙ وجهڻ جي اجازت نه ڏينداسين. هن چيو ته آمريڪي صدر کي وينزويلا غزا ۽ ٻين هنڌن تي ڪيل قدمن تي شرم اچڻ گهرجي. مسعود پزشڪيان ايراني عوام کي ملڪي مسئلن جي حل لاءِ متحد ٿيڻ جي اپيل ڪئي ۽ چيو ته ڪو به شهري بدامني نه پکيڙي ۽ ٻئي انسان کي قتل نه ڪري، حڪومت بدعنواني جي پاڙ خلاف ڪارروائي ڪري رهي آهي. هن عوام جي زندگين ۾ بهتري آڻڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽ سڀني کي ڏڦيڙن خلاف بيهڻ جي دعوت ڏني

روزاني عبرت

مختيار انڙ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن ـ 12 جنوري

سنڌ جون موجوده حالتون!
ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ
صفحو 4

سنٽو حسن علي ٻيڙ
صفحو 4
آمريڪا طرفان وينزويلا تي حملي جو اصل سبب!

جديد دفاع ۽ ذميوار سفارتڪاري
صفحو 4

ايڊيٽوريل

ڏوڪري ويجهو مبينه پوليس مقابلي دوران اشتهاري ڌوهاري ڪيهر جتوئي مارجي ويو

گيريلو پوليس ۽ ڌوهارين سيوهاڻي روڊ وٽ مبينا مقابلو ٿي پيو جنهن دوران هڪ اشتهاري ڌوهاري ڪيهر جتوئي مارجي ويو

مبينا پوليس مقابلي دوران مارجي ويل ڪيهر جتوئي جو لاش تعلقي اسپتال ڏوڪري ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ آندو ويو

سيوهاڻي روڊ وٽ ڌوهاري ڪيهر جتوئي ساٿين سميت ڏوهه جي اداري سان بيٺلو هو ته پوليس کي ڏسي پوليس سان مقابلو ڪيو:پوليس

ڏوڪري(ن ع)ڏوڪري ويجهو سيوهاڻي روڊ تي مبينا پوليس مقابلي دوران اشتهاري ڌوهاري ڪيهر جتوئي مارجي ويو.گيريلو پوليس ۽ ڌوهارين سيوهاڻي روڊ وٽ مبينا مقابلو ٿي پيو جنهن دوران هڪ اشتهاري ڌوهاري ڪيهر جتوئي مارجي ويو ٻئي طرف مبينا پوليس مقابلي دوران مارجي ويل ڪيهر جتوئي جو لاش تعلقي اسپتال ڏوڪري ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ آندو ويو ان موقعي تي گيريلو پوليس صحافين کي ٻڌايو ته گيريلو پرسان سيوهاڻي روڊ وٽ ڌوهاري ڪيهر جتوئي ساٿين سميت ڏوهه جي اداري سان بيٺلو هو ته پوليس کي ڏسي پوليس سان مقابلو ڪيو جنهن ۾ ڪيهر جتوئي کي ساٿين جي گولي لڳڻ سبب مارجي ويو آهي بدنام ڌوهاري ڪيهر جتوئي جي مارجڻ سبب ٻيا ڌوهاري فرار ٿي ويا آهن: گيريلو پوليس موجب ڪيهر عرف ڪيهر جتوئي اشتهاري ڌوهاري هو سندس مٿان 25 لک انعام رکيل هو جڏهن ته ڪيهر جتوئي مٿان 53 کان وڌيڪ چورين ڦرن ۽ ڌاڙن جا مختلف ٿاڻن تي ڪيس داخل ٿيل آهن

ڏوڪري: مبينا پوليس مقابلي ماريل ڌوهاري جو لاش پيل آهي

سوراهه ٿاڻي جي حد ۾ ٻن ڄڻن کي قتل ڪري فرار ٿيل جوابدار گرفتار

مک 2 جوابدار گرفتار ڪري سندن وٽان هٿيار هٿ ڪيا ويا آهن:شوڪت رند

جوابدارن نور حسن ۽ اڪرم چنو اعتراف ڪيو آهي سڱاوتي معاملي تي قتل ڪيا

ڪوٽڏيجي (ن ع)سوراهه ٿاڻي جي حد ۾ ٻن ڄڻن کي قتل ڪري فرار ٿيل جوابدارن کي پوليس گرفتار ڪري ورتو ڊي ايس پي ڪوٽڏيجي شوڪت علي رند پاران پريس ڪانفرنس مک 2 جوابدار گرفتار هٿيار هٿ ڪيا ويا ان سلسلي ۾ ڊي ايس پي ڪوٽڏيجي شوڪت علي رند ڪوٽڏيجي ڊي ايس پي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 3 ڏينهن اڳ ٺري ميرواهه جي رهواسين گل احمد چنو ۽ علي رضا چنو کي قتل ڪري ناري جي ريگستاني علائقي ۾ لاشن کي اڇلايو ويو جيڪي بلائينڊ مرڊر هئا مک ٻن جوابدارن کي 24 ڪلاڪن اندر گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوابدارن نور حسن ۽ اڪرم چنو ناري سوراهه ٿاڻي جي حد ۾ گل احمد چنو ۽ علي رضا چنو کي قتل ڪري لاش سوراهه ٿاڻي جي حد ريگستاني علائقي ۾ اڇلائي ويا هئا جيڪي بلائينڊ مرڊر هئا جنهن جو ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو سخت نوٽيس وٺندي ڊي ايس پي ڪوٽڏيجي شوڪت علي رند ايس ايڇ او سوراهه منصور نظاماڻي ۽ ايس ايڇ او ٺري ميرواهه مصور علي قريشي جي اڳواڻي ۾ ٽيم جوڙي هئي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي پوليس پاران ٺري ميرواهه مان نور حسن ۽ اڪرم چنو کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن پاران ٻنهي نوجوانن کي قتل ڪرڻ جو پوليس آڏو اعتراف ڪيو آهي گرفتار جوابدارن اعتراف ڪيو آهي سڱاوتي معاملي تي قتل ڪيا آهن قتل ۾ استعمال ٿيل پسٽل پڻ هٿ ڪري ورتا وڌيڪ جاچ هلي رهي آهي ڪيس 7 ڄڻن مٿان داخل ڪيو ويو آهي جن مان مک 2 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن

ڪوٽڏيجي: پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار

جيڪب آباد ۾ نامعلوم هٿياربند عورتن جون سونيون واليون لاهي فرار

صدر ٿاڻي جي حد واٽر سپلاءِ وٽ رڪشا سوار عورتن کان ڦورو ڦر ڪري ويا

واليون زبردستي لاهڻ دوران عورتون زخمي،سندن ڪنن مان رت وهندو رهيو

جيڪب اباد (ڊ ر) جيڪب اباد جي صدر ٿاڻي جي حد واٽر سپلاءِ وٽ چنگچي رڪشا تي سوار ٿي پنهنجي گهر ويندڙ ڳوٺ حاجي لڪمير بروهي جي رهواسي ٽن عورتن مسمات سارا زال ڦالو خان بروهي، مسمات گل زيب زال رمضان بروهي ۽ مسمات مريم زال امام علي بروهي کان موٽر سائيڪل سوار نامعلوم هٿياربندن هٿيارن جي زور تي ڪين يرغمال بڻائي سندن ڪنن مان سون جون 3 تولا واليون لاهي فرار ٿي ويا، ڦورو جوابدارن پاران واليون زبردستي لاهڻ دوران عورتون زخمي ٿي پيون ۽ سندن ڪنن مان رت وهندو رهيو واقعي کان پوءِ زخمي عورتن جا وارث واقعي واري هنڌ پهچي ويا ۽ پوليس کي اطلاع ڏيڻ کان پوءِ زخمي عورتن کي سول اسپتال جيڪب آباد ڪٺائي آيا جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي عورتن کي طبي امداد ڏني وئي ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي پوليس ٻڌايو ته انڇاتل هٿياربندن عورتن جي ڪنن مان 3 تولا سون جون واليون لاهي فرار ٿي ويا آهن جنهن سبب عورتون زخمي پڻ ٿيون آهن، پوليس موجب: زخمي عورت جي فرياد تي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري جاچ ڪئي ويندي ۽ جلد ڦورو جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچايو ويندو

جيڪب آباد ۾ جمالي برادري پاران نادر جمالي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ جلوس،ڌرڻو

جمالي برادري پاران شهيد الله بخش سومرو پارڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو

دادو پوليس ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ نادر جمالي کي بيگناهه قتل ڪيو آهي،سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: امداد جمالي

پوليس ڌوهاري بدران ڪاروباري شريف ماڻهن خلاف جيڪڏهن اهڙيون ڪارروايون ڪندي ته پوءِ پوليس خلاف نفرت ۾ اضافو ٿيندو

جيڪڏهن هن مٿان ڪو ڪيس وغيره هو ته هن کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي،قتل جو نوٽيس وٺي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

جيڪب آباد (ڊ ر)دادو ۾ مبينه پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نادر جمالي جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ جيڪب آباد ۾ جمالي برادري پاران شهيد الله بخش سومرو پارڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ جمالي برادري جا ماڻهون شريڪ ٿيا ان موقعي تي اڳواڻن وڪيل امداد علي جمالي رحمت الله جمالي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته دادو پوليس ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ نادر جمالي کي بيگناهه قتل ڪيو آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا، هنن چيو ته پوليس ڌوهاري بدران ڪاروباري شريف ماڻهن خلاف جيڪڏهن اهڙيون ڪارروايون ڪندي ته پوءِ پوليس خلاف نفرت ۾ اضافو ٿيندو نادر جمالي بيگناهه هو جنهن جو ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ناانصافي آهي جيڪڏهن هن مٿان ڪو ڪيس وغيره هو ته هن کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ها هنن آءِ جي سنڌ پوليس سميت وس وارن کي اپيل ڪندي چيو آهي ته نادر جمالي جي قتل جو نوٽيس وٺي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي.

سڪرنڊ ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حوصلہ افزائي لاءِ مجتا ايوارڊ تقريب

ميڊيڪل ۽ انجنيئر جي شعبي سميت استادن کي مجتا ايوارڊ ڏنا ويا

سنڌ جي قديم تهذيب کي فوڪس ڪري ثقافت تي پڻ گفتگو ڪئي وئي

سڪرنڊ (س ر)هاجيا اڪيڊمي پاران تعليم جي فروغ ۽ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي حوصلہ افزائي لاءِ شبير شاهه آڊيٽوريم هال ۾ مجتا ايوارڊ تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ميڊيڪل ۽ انجنيئر جي شعبي سميت تعليمي ماهر استادن کي مجتا ايوارڊ ڏنا ويا مجتا تقريب ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جڏهن ته همدرد آرگنائيزيشن جي چيئرمين گل محمد رند مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جن کي ميزبانن پاران لنگين جا تحفا پيش ڪيا ويا پروگرام جي خصوصيت اها پڻ هئي جو سنڌ جي قديم تهذيب کي فوڪس ڪيو ويو ۽ ثقافت جي موضوع تي پڻ گفتگو ڪئي وئي جڏهن ته گل محمد رند صدارتي خطاب ڪندي چيو ته هاجيا اڪيڊمي جو ڏنل پروگرام نه صرف بهترين قدم آهي بلڪ وقتائتو فيصلو پڻ آهي هن چيو ته نوجوان جو ٽيلينٽ ڏسي اهو محسوس ٿي رهيو آهي اڄ جيڪو پوتار سياسي حوالي سان سنڌ ۽ ملڪ کي تباهه ڪري رهيو آهي انهن کي هي هاجيا اڪيڊمي جا ٻار اڳتي هلي انهن جي رستا روڪ ڪندا هن وڌيڪ چيو هن پليٽ فارم تان اهو پيغام ڏيڻ ٿو چاهيان ته پنهنجن ٻارن کي تعليم ڏياريو اسان جو سات ۽ سهڪار هاجيا سان رهندو ان کان اڳ پروفيسر غلام حسين جلباڻي آيل مهمانن کي آجيائو پيش ڪندي پروگرام جو مقصد بيان ڪندي ٻڌايو ته هاجيا اڪيڊمي چاهي ٿي ته اڄ جو نوجوان جديد ٽيڪنالاجي ۽ اي آئي جي دور ساڻ گڏو گڏ هلي ته جيئن دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلجي ان لاءِ هاجيا اڪيڊمي بهترين پليٽ فارم آهي پروگرام دوران شاگردن ۽ شاگردياڻ پاران موضوع سميت حالات حاضره تي پڻ بهترين گفتگو ڪئي جنهن ۾ اي پي ايس جي شهيد شاگردن کي پڻ ياد ڪيو ويو ان موقعي تي توصيف رحماني ، قاضي جاويد سنائي ، منظور حسين چوهاڻ ، ميڊم مسرت چوهاڻ ، عبدالحميد آرائين ۽ سڪرنڊ پريس ڪلب جي سينيئر نائب صدر حاجي عبدالله مگسي سميت ڪئي شخصيتون موجود هيون

اڏيرولال عوامي پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن جو ورتل گروپ فوٽو

عامر وڙائچ مقتول ڪيلاش ڪولهي جي والد چيتن ڪولهي سان ملاقات ڪئي

اسين مقتول ڪيلاش ڪولهي جي گهرڀاتين سان گڏ آهيون:عامر وڙائچ

مدد ۾ آواز اٿاريندي رهنداسين ۽ مقتول جي خاندان کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو

بدين (ڊ ر)ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر وڙائچ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي وڪيلن سان گڏ بدين پهچي ڳوٺ ڏاهو ڪولهي ۾ مقتول ڪيلاش ڪولهي جي والد چيتن ڪولهي سان ملاقات ڪئي ۽ همدردي جو اظهار ڪيوان موقعي تي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر وڙائچ واقعي تي سخت ڏک جو اظهار ڪيو هن بااثر زميندار سرفراز نظاماڻي پاران بيگناهه ۽ غريب نوجوان ڪيلاش ڪولهي جي مارجڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ چيو ته هو مقتول ڪيلاش ڪولهي جي گهرڀاتين سان گڏ آهي انهن جي هر قانوني ۽ اخلاقي ڪوشش ۾ مدد ۾ آواز اٿاريندي رهندي ۽ مقتول جي خاندان کي اڪيلو نه ڇڏيو ويندو هن چونڊيل

سڪر: عوامي ورڪر پارٽي پاران وينزويلا جي صدر جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مرڪزي نشات تنظيم جماعت لواري شريف حيدرآباد جو تنظيمي دورو ڪيو

بدين (ڊ ر)مرڪزي نشات تنظيم جماعت لواري شريف تنظيمي دورو ڪيو مرڪز نشات تنظيم جماعت لواري شريف جي مرڪزي قيادت ريجن سانگهڙ ريجن شهيد بينظير آباد، ريجن حيدرآباد جو تنظيمي دورو ڪيو جنهن دوران مرڪزي اڳواڻن ريجنن جي ڪارڪنن ۽ ذميوارن سان تفصيلي ملاقاتون ڪيون ۽ تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ بابت صلاح مشورا ڪيا ان موقعي تي ريجن سانگهڙ لاءِ صدر ڊاڪٽر مير الاهي بخش ڏاليي نائب صدر سائين ڏنو ڏاهري،جنرل سيڪريٽري شفيع محمد ڏاهري، جوائنٽ سيڪريٽري مير شهاب الدين ڏاليي فنانس سيڪريٽري مير امجد علي ڏاليي پريس سيڪريٽري مير منظور علي ڏاليو ريجن شهيد بينظير آباد لاءِ صدر علي بخش قريشي نائب صدر نعمت الله پٽي جنرل سيڪريٽري حفيظ الله ڪيريو جوائنٽ سيڪريٽري نور محمد قرڙو فنانس سيڪريٽري ڪرم الله پٽي ممتاز علي ميمڻ ريجن حيدرآباد لاءِ صدر صدام حسين مشوري، نائب صدر دين محمد ابڙو جنرل سيڪريٽري نور محمد قريشي جوائنٽ سيڪريٽري سليم الله جوڻيجو فنانس سيڪريٽري سائين محمد اسماعيل ٻگهيو کي نامزد ڪيو ويو مرڪزي صدر قادر بخش بگٽي پنهنجي خطاب ۾ نون چونڊيل ذميوارن کي وڌايون ڏيندي چيو ته نئين باڊي تنظيم کي وڌيڪ فعال بڻائڻ ڪارڪنن ۾ نئون جذبو پيدا ڪرڻ ۽ ايندڙ وقت لاءِ مضبوط حڪمت عملي جوڙڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪن هن اميد ظاهر ڪئي ته نون عهديدار ايمانداري، محنت ۽ تنظيم سان وفاداري سان پنهنجون ذميواريون نڀائيندي ۽ نشات تنظيم جو پيغام پنهنجن پنهنجن ريجنن ۾ وڌيڪ عام ڪندا گڏجاڻي ۾ مرڪزي نائب صدر مولا بخش چنا، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري سميع الله جوڻيجو مرڪزي فنانس سيڪريٽري دين محمد ڏاليو ۽ مرڪزي پريس سيڪريٽري پيار علي ڏاليو پڻ شرڪت ڪئي جڏهن ته سپريم ڪاميٽي جي ميمبر ڊاڪٽر اياز ڪيريو ، ڊاڪٽر MSمنگي خصوصي مهمانن طور شرڪت ڪئي

سڪرنڊ: گرفتار ڪيل جوابدار پوليس حراست ۾ بيٺل آهن

پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن جي ساليانی چونڊ سينئر صحافي الهورايو خاصخيلي جي نگراني ۾ ٿي گذري

اڏيرولال(ن ع)عوامي پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن جي ساليانی چونڊ پريس ڪلب جي سرپرست اعلا سينئر صحافي الهورايو خاصخيلي جي نگراني ۾ ٿي گذري جنهن ۾ متفقه راءِ سان صدر عبدالغفور هنگورو جنرل سيڪريٽري فضل بلوچ ۽ ايڊووڪيٽ غلام صديق سومرو کي پريس ڪلب جو ايڊوائيزر مقرر ڪيو ويو جڏهن ته سنئير نائب صدر نورحسن هڪڙو نائب صدر شاهنواز چنو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سومار چنو آفيس سيڪريٽري خالد خاصخيلي انفارميشن سيڪريٽري ممتاز ورياه خزانچي گل محمد هنگورو چونڊيا ويا جڏهن ته ايگزيڪيوٽو ڪميٽي لاءِ چيئرمين ساجن ميرجت وائيس چيئرمين عبدالرزاق ميرجت ۽ ٻيا ميمبر شامل ڪيا ويا جنهن ۾ جنيد راجپوت منور هنگورو سجاد علي هنگورو فراز ساهووال شامل آهن

سوڀوديرو ۾ پٽ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ماءُ قرآن پاڪ کڻي پريس ڪلب پهتي

سوڀوديرو (ن ع) ڪجهه وقت اڳ قتل ٿيل ويهه سالا نوجوان راحيل شاهاڻي جي ماءُ مسمات شبانه شاهاڻي پاڪ ڪتاب قرآن مجيد هٿن ۾ کڻي پريس ڪلب راڻي پور پهتي، جتي هن صحافين آڏو اپنا دانهن اوڪ لوڙهندي چيو ته ڪجهه وقت پهريان ظالمن منهنجو نوجوان پٽ راحيل شاهاڻي کي بيدرديءِ سان قتل ڪري ڇڏيو هو سندس قاتل بااثر ڌوهاري سرگرمين ۾ ملوث آهن پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ رشوت جي عيوض ڪين تحفظ ڏئي رهي آهي، جڏهن ته قاتل اسان کي قتل سميت مختلف قسمن جا نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، اسان جي جانين کي خطرو پڻ آهي جڏهن ته سون مٿان پڻ مختلف نوعيت جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا، جن کي عدالت سگهوري ڪوڙو قرار ڏئي سون کي باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي هن وس وارن اعلي اختيارين، وزيراعلي سنڌ، صوبائي وزير داخلا، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور سختي سان نوٽيس وٺندي قرآن پاڪ جي واسطي قاتلن کي جلد کان جلد گرفتار ڪري اسان کي جان و مالي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻئي صورت احتجاجي تحريڪ هلائڻ تي مجبور ٿي ويندس

ايس ايس پي ٽنڊوالهيار منشيات فروشن کي ٽن ڏينهن جي وارننگ ڏئي ڇڏي

منشيات فروش باز نه آيا ته سخت قدم کڻنداسين: ايس ايس پي سيد سليم شاهه

ڊي ايس پي ستي بلوچ برادري سان ملاقات ڪري 3 رڪني ڪميٽي جوڙي

ٽنڊوالهيار(ڊ ر)ٽنڊوالهيار جي ايس ايس پي سيد سليم شاهه آئس ، هيروئن ۽ ڪرسٽل وڪرو ڪندڙ منشيات فروشن کي ٽن ڏينهن جي وارننگ ڏئي ڇڏي آهي ايس ايس پي جي هدايتن تي ڊي ايس پي ستي سڪندر سميجو ، ايس ايڇ او اي سيڪشن اشفاق منگي اسٽيشن ايريا بلوچ پاڙي ۾ پهچي بلوچ برادري جي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي ڊي ايس پي ستي بلوچ برادري سان ملاقات ڪري 3 رڪني ڪميٽي جوڙي ۽ بلوچ برادري جي معززين سان گڏ بلوچ پاڙي ۾ وڃي آئس ، هيروئن ، ڪرسٽل ۽ ٻي منشيات وڪرو ڪندڙن کي ٽن ڏينهن جي وارننگ ڏني ان موقعي تي ڊي ايس پي ستي سڪندر سميجو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايس ايس پي سيد سليم شاهه جون سخت هدايتون آهن بلوچ برادري جي اڳواڻن سان ملاقات ڪري منشيات فروشن کي ٽن ڏينهن جو ٽائيم ڏنو آهي منشيات فروش باز نه آيا ته پوليس گرفتارين سان گڏ سخت قدم کڻندي هن چيو ته منشيات فروش انسانيت جا دشمن آهن هي آئس ، هيروئن ، ڪرسٽل اسان جي نوجوانن کي اڌوهي وانگر کائي رهي آهي اسان نوجوان تيزي سان هن منشيات جا عادي ٿي رهيا آهن جيڪو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين ان موقعي تي منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪيل گڏجاڻي ۾ بلوچ برادري جا معزز رئوف بلوچ ، جليل بلوچ ، رحيم بلوچ ، آصف بلوچ ، نواز بلوچ ۽ ٻيا موجود هئا

ٽنڊوالهيار ڊي ايس پي سڪندر سميجو بلوچ برادري جي اڳواڻن سان ملاقات ڪندي

ٿرپارڪر ۾ جهنگلي جيوت جي شڪار خلاف احتجاجي ريلي

ناياب نسلن کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ٿر جي سڃاڻپ جو ڪيترن سالن کان غيرقانوني شڪار جاري آهي:اڳواڻ

مٺي(ڊ ر)ٿرپارڪر ۾ جهنگلي جيوت جي شڪار خلاف ريلي، ناياب نسلن جي تحفظ جو مطالبو مٺي شهر ۾ ٿرپارڪر ۾ جهنگلي جيوت جي شڪار خلاف ۽ ناياب نسلن کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي حاجي ڪنڀر آفتاب سيجي آڪاش هميراڻي راهول ديو هميراڻي عاشق بجير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مٺي جي مختلف علائقن مان ٿيندي ڪشمير چوڪ تي پهتي، جتي شرڪت ڪندڙن زوردار نعريبازي ڪئي،ريلي ۾ شريڪ اڳواڻن ۽ شهرين چيو ته ٿرپارڪر جهنگلي جيوت، قدرتي حسن ۽ ٿر جي سڃاڻپ آهي ۾ ڪيترن ئي سالن کان غيرقانوني ۽ بي قابو شڪار جاري آهي جنهن سبب ناياب نسلن کي سخت خطرا لاحق ٿي ويا آهن هنن چيو ته شڪار روڪڻ لاءِ قانون موجود هئڻ باوجود عملي ڪارروائي نظر نٿي اچي،مظاهرين وڌيڪ چيو ته لاڳاپيل کاتو غيرسرگرم بڻيل آهي جڏهن ته سينچري علائقن ۾ عملو مقرر نه هجڻ سبب شڪارين کي کلي ڇوٽ مليل آهي هنن حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته ٿرپارڪر ۾ جهنگلي جيوت جي تحفظ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن شڪارين خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سينچرين ۾ عملي جي مقرري کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن ناياب جيوت کي بچائي سگهجي

مٺي: ٿرپارڪر ۾ جهنگلي جيوت جي شڪار خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

باڊهه ۾ حڪمرانو پنهنجا واعدا پورا ڪيو،باڊهه کي تعلقو ڪيو: احتجاجي ريلي

باڊهه تاريخي ۽ قديمي شهر آهي،جنهن کي تعلقي جو درجو نه ڏنو آهي:سروان مگسي

ايس ٽي پي باڊهه واسين جي هن بنيادي حق نوڙي ٻين مسئلن تي ساٿن گڏ آهي

باڊهه (ن ع)حڪمرانو پنهنجا واعدا پورا ڪيو باڊهه کي تعلقو ڪيو" جي نعرن سان شهري هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي روڊن تي نڪري آيا هفتيوار ٿيندڙ احتجاج جي سلسلي کي جاري رکندي 338 هين هفتي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي جي فرزند ايڊووڪيٽ سروان مگسي ۽ باڊهه تعلقه موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻي ۾ باڊهه ميڊيا هائوس کان ڪائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ ايس ٽي پي جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل هوت خان گاڏهي سميت ٻين مرڪزي اڳواڻن حيدر شاهاڻي، ماما حميد ميمڻ نثار ڪيريو خير محمد مگسي جان محمد جوڻيجو احمد نواز بروهي عرفان بروهي اقبال حاجاڻو اصغر نوناري، منور نوناري، محمد عالم بروهي ديدار جلباڻي، مولا بخش ڦليوٽو شمس پنهور صفر مغيري، علي انور عسڪري، عزيز بروهي، مير نور احمد زهري، نور محمد بليدي، دودو ديشي نور احمد هيسباڻي محمد امين سيال علي بخش سولنگي، طاهر نور هيسباڻي، حسان نور هيسباڻي، وقار سنڌي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايڊووڪيٽ سروان مگسي چيو ته باڊهه لاڙڪاڻي ضلعي جو تاريخي ۽ قديمي شهر آهي، جنهن کي وقت جي حڪمرانن واعدن باوجود تعلقي جو درجو نه ڏنو آهي جنهن تي بيحد افسوس آهي هن چيو ته باڊهه شروع کان ئي قومي تحريڪ سميت مقامي سطح تي جدوجهد ڪندڙ بهادر ماڻهن جو تاريخي شهر آهي ۽ گذريل 7 سالن کان مسلسل هلندڙ هي تحريڪ اڄ ڳالهه جو واضح ثبوت آهي هن چيو ته ايس ٽي پي باڊهه واسين جي هن بنيادي حق نوڙي ٻين اهم مسئلن تي دوستن سان گڏ آهي هوڏانهن ٻين اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته باڊهه تعلقي جي لاءِ گهربل تمام تقاضائن کي مڪمل ڪري پيپلز پارٽي جي مقامي اڳواڻن کان ويندي پارٽي جي چيئرمين تائين پنهنجو جائز مطالبو پهچايو آهي پر افسوس تنهن هوندي به باڊهه واسين کي ڪوڙن واعدن ۽ ڪوڪلن دلاسن کان علاوه ڪجهه ڪين وري سگهيو آهي هنن چيو ته شهر ۾ هڪ اڌ روڊ جي ناقص مرمت کي هرگز شهر جي ترقي ۽ خوشحالي نه ٿا سمجهون ان ڪري فوري طور باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏئي باڊهه واسين ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي هنن گهر ڪئي ته باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏئي جلد نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ تيستائين جدوجهد جاري رهندي، جيستائين باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ٿو ڏنو وڃي

باڊهه: باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

خانگي تعليمي ادارن کي عدالتي جواز طور تنگ ڪيو ويو آهي:عليم قريشي

ادارن ۽ سائين جي ڪردار ڪشي ۽ ميڊيا ٽرائل ۾ ڪا به رحم نه ڪئي وئي آهي

مستحق ٻارن جي تعليمي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن:پريس ڪانفرنس

سکر (بيورو رپورٽ)ايسوسيئيشن آف پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز (اي پي آءِ) سنڌ ۽ جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي آف پرائيويٽ اسڪول ايسوسيئيشنز (جي اي سي) سنڌ هميشه ڪوشش ڪئي آهي ته نه رڳو توهان جي ذريعي اختيارين تائين پهچڻ ۾ عوام کي انهن مسئلن ۽ مشڪلاتن کان به آگاهه ڪن جيڪي انهن جي ٻارن جي تعليم کي متاثر ڪري رهيون آهن گذريل ڪجهه مهينن کان خانگي تعليمي ادارن کي عدالتي فيصلي کي جواز طور استعمال ڪندي نه رڳو تنگ ڪيو ويو آهي پر انهن ادارن ۽ انهن جي سائين جي ڪردار ڪشي ۽ ميڊيا ٽرائل ۾ ڪا به رحم نه ڪئي وئي آهي جنهن کي ڪنهن به حالت ۾ قبول نه ٿو ڪري سگهجي،اهڙن خيالن جو اظهار عليم قريشي ، بشير احمد چنا افتاب احمد تابي پنهنجي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو هنن چيو ته اسان عدالت جي فيصلي جو احترام ڪريون ٿا پر اسان جو يقين آهي ته تعليم ۽ خواندگي کاتو ۽ ڊائريڪٽوريٽ آف پرائيويٽ انسٽيٽيوشنز سنڌ مفت تعليم ايڪٽ 2013 جي تشريح ڪرڻ ۽ عدالت ۾ خانگي تعليمي ادارن جو موقف پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهن فيصلي جي آڙ ۾ خانگي تعليمي ادارن کي تنگ ڪرڻ بدران مستحقن کي رليف فراهم ڪرڻ ۽ فيصلي مطابق مستحق ٻارن جي تعليمي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ۽ مفت تعليم قانون تي مڪمل عمل درآمد کي يقيني بڻايو وڃي اهو نه ٿو ٿي سگهي ته حڪومت پنهنجي ذميواري پوري نه ڪري ۽ ادارن سان اميدون ڳنڍيل هجن ساڳئي وقت، اسان اهو به مطالبو ڪريون ٿا ته هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن ساليانی امتحان صرف ٻه مهينا پري آهن اسان کي پنهنجو سڄو ڌيان تعليمي ۽ تدريسي سرگرمين تي مرڪوز ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ ايڪٽ جي عملدرآمد کي ملتوي ڪيو وڃي جيستائين هڪ قابل عمل طريقو تيار نه ٿئي،هنن چيو ته اسان جو خيال آهي ته حڪومت جو رويو 10٪ فري شپ قانون کي لاڳو ڪرڻ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي چاڪاڻ ته مفت تعليم قانون 2013 جو نفاذ صرف تڏهن ممڪن آهي جڏهن حڪومت ايڪٽ مطابق پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري ۽ ايڪٽ موجب خانگي تعليمي ادارن کي گهربل سهولتون فراهم ڪري،توهان جي ذريعي اسان تعليم جي وزير کي اهو به ياد ڏيارڻ چاهيون ٿا ته گذريل 2 سالن کان خانگي تعليمي ادارن جي تحفظ ۽ سڌاري لاءِ 10 نقاطي تجويز/چارٽر آف ڊيمانڊ جنهن ۾ فري شپ قانون کي قابل عمل بڻائڻ جو مطالبو پڻ شامل آهي توهان جي ڌيان جو انتظار ڪري رهيو آهي جيڪڏهن ان تي غور ڪيو وڃي ها ته اڄ صورتحال مختلف ۽ بهتر هجي ها، پر خانگي اسڪول شايد توهان جي ترجيحن ۾ شامل نه آهن چاڪاڻ ته خانگي تعليمي ادارا ۽ انهن ۾ پڙهندڙ ٻار شايد ڪنهن ٻئي ملڪ ۽ صوبي جي مخلوق آهن.هنن چيو ته خانگي تعليمي ادارا تحفظات جي باوجود فري شپ قانون لاڳو ڪري رهيا آهن حڪومت جي ذميواري آهي ته تحفظات کي ختم ڪري ۽ ان لاءِ هڪ قابل عمل طريقو قائم ڪري، مڪمل فري شپنگ فراهم ڪرڻ لاءِ اسان کي فيس ۾ اڳ ۾ ڏنل سيني رعايتن کي ختم ڪرڻو پوندي جنهن جا هزارين ٻار ۽ انهن جا والدين متاثر ٿيندا، جيڪو هڪ وڏو چئلينج آهي،اسان اهو واضح ڪريون ٿا ته ڪراچي کان ڪشمير تائين سڀئي خانگي تعليمي ادارا ۽ انجمنون متحد آهن خانگي تعليمي ادارن کي اڪيلو نه ڇڏي سگهجي، انهن جي بقا ۽ تحفظ لاءِ اسان قانوني ڪارروائي ۽ پرامن احتجاج جو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ معي ڏنل ڪيس ۾ هڪ ڌر بڻجي رهيا آهيون.اسان مطالبو ڪريون ٿا ته حڪومت پنهنجي انتظاميه هيٺ تعليمي ادارن ۾ شفافيت ۽ معياري تعليم جي فراهمي کي يقيني بڻائي

پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ مثبت لاڙن 100 انڊيڪس ۾ 365 پوائنٽس جي واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ هاڪاري انداز ۾ رهي مارڪيٽ جي شروعات تي تيزي جو رجحان ڏسڻ ۾ آيو ۽ 100 انڊيڪس 365 کان وڌيڪ پوائنٽس جي اضافي سان هڪ لک 85 هزار 908 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو واضح رهي ته گذريل ڪاروباري ڏينهن جي پڄاڻي تي بازائي جو رجحان رهيو جنهن سبب 100 انڊيڪس 975 پوائنٽس جي گهٽتائي سان هڪ لک 85 هزار 543 پوائنٽس تي بند ٿيو هو سيڙپڪارن جي چونڊيل شعبن ۾ خريداري سبب اڄ مارڪيٽ ۾ بهتري ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي

ٽنڊومستي ٿاڻي جي حد اندر بدامني،ڪوهيڙي ۾ چور سرگرم،قومي شاهراهه تان ڦر

خيرپور(ڊ ر)خيرپور لڳ ٽنڊومستي ٿاڻي جي حد اندر بدامني وڌي ڪوهيڙي ۾ چور سرگرم قومي شاهراهه تان راڻيپور شڪرپل واسي اڪرم علي چاڪراڻي کان 2025 ون ٽو فائيو موٽرسائيڪل نامعلوم هٿياربند ڦر ڪري فرار ٿي ويا ڦر متاثر پيادل ٿاڻي تي پهتو ، ٻڌايو پيو وڃي ته ڦر متاثر راڻيپور شڪرپل کان خيرپور وڃي رهيو هو ته ساڻس موٽرسائيڪل سوار نامعلوم هٿياربندن پاران ڪيس اڳ ڏئي ڪال ٽيڪس پيٽرول پمپ ويجهو ڪيس موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا ياد رهي ٽنڊومستي ٿاڻي اندر هڪ هفتي اندر چوري جو ٻه واردائون ٿيون آهن

ٺٽو سول اسپتال مڪلي ۾ مبينه لاپرواهي سبب بخار ۾ مبتلا نينگر فوت

غلام الله (ن ع)ٺٽو سول اسپتال مڪلي ۾ لاپرواهي سبب 12 ورهين جو ايوب ولد هاشم نينگر فوت معمولي بخار ۾ داخل ٻار کي ڊاڪٽرن سيڪاٽ مرف عملي حوالي ڪيس جتي غلط انجيڪشن لڳڻ بعد حالت خراب ٿي وارث ڊاڪٽر ڳوليندا رهيا پر ڪو به ذميوار موجود نه هو ٻار تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو وارثن پاران مرف انتظاميه ۽ لاپرواهه ڊاڪٽرن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

خيرپور پرسان موٽر سائيڪل ٽٿي سان ٽڪرائجڻ سبب هڪ ڄڻو فوت

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان تيز رفتار موٽر سائيڪل ٽٿي سان ٽڪرائجڻ سبب هڪ ڄڻو فوت،هڪ زخمي سول اسپتال منتقل خيرپور پرسان فيض آباد پرسان موٽر سائيڪل ٽٿي سان ٽڪرائجڻ سبب عبدالواحد ولد محمد عرس ڪلهوڙو موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته گلشن ولد غلام حسين ڪلهوڙو زخمي ٿي پيو حادثي کان پوءِ فوتي جو لاش ۽ زخمي کي فوري طور سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

گستا سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي صدر الهرکيو خاصخيلي جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري

هنگورجا (ن ع)گستا سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي صدر الهرکيو خاصخيلي جي وڇوڙي تي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ايم اين اي گل محمد خان جکراڻي جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سربراهه حاجي محمد اشرف خاصخيلي جماعت اسلامي جي صوبائي اڳواڻ ممتاز سهتو سميت مختلف سياسي سماجي اڳواڻن هنگورجا پهچي گستا سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي صدر الهرکيو خاصخيلي وارثن استاد اعجاز خاصخيلي . بلاول خاصخيلي سان تعزيت ڪئي آهي

هنگورجا: گستا سنڌ جو اڳوڻو مرڪزي صدر الهرکيو جي وارثن سان تعزيت ڪئي پئي وڃي

وينزويلا جي صدر مادورو جي گرفتاري خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو

عوامي ورڪر پارٽي پاران سامراجي طاقتن جي جارحيت ۽ مادورو جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

آمريڪا دنيا ۾ سامراجي پاليسين ذريعي خودمختيار ملڪن جي جمهوري حڪومتن کي ختم ڪرڻ جون سازشون ڪري رهي آهي:عاليه ٿلهو

آمريڪا افغانستان، عراق، فلسطين، ايران ۽ ٻين ملڪن ۾ جنگين، دهشتگردي ۽ معاشي پابندين ذريعي تباهي مچائي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)عوامي ورڪرز پارٽي پاران سامراجي طاقتن جي جارحيت ۽ وينزويلا جي صدر مادورو جي گرفتاري خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي عوامي ورڪرز پارٽي جي اڳواڻ عاليه بخشل ٿلهو اديب رتو درياءِ خان ۽ عاقب ڳالهائيندي چيو ته آمريڪا دنيا ۾ سامراجي پاليسين ذريعي خودمختيار ملڪن جي جمهوري حڪومتن کي ختم ڪرڻ جون سازشون ڪري رهي آهي. وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو خلاف پابنديون ۽ دباءِ آمريڪي سامراجيت جو واضح مثال آهن هنن چيو ته آمريڪا افغانستان، عراق، فلسطين، ايران ۽ ٻين ملڪن ۾ جنگين، دهشتگردي ۽ معاشي پابندين ذريعي تباهي مچائي آهي، جڏهن ته انساني حقن جا نعرا صرف پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪري رهي آهي. هنن چيو ته وينزويلا تي فوجي يا معاشي حملو سڄي دنيا جي امن لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿو اڳواڻن مطالبو ڪيو ته آمريڪا وينزويلا جي اندروني معاملن ۾ مداخلت بند ڪري، صدر مادورو خلاف پابنديون ختم ڪيون وڃن ۽ ملڪن جي خودمختياري جو احترام ڪيو وڃي

حيدرآباد: عوامي ورڪر پارٽي پاران وينزويلا جي صدر جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مسئلا حل نه ڪيا ويا ته ٻيهر روڊن تي نڪري ايندا سين:اشرف خاصخيلي

ڳالهيون هلي رهيون آهن،تنقيد ڪرڻ وارن جو تحريڪ ۾ ڪوبه رول ناهي آهي

استاد الهرکيو خاصخيلي جي وارثن سان تعزيت ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهيون

هنگورجا (ن ع)سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سربراهه حاجي اشرف خاصخيلي چيو آهي ته ملازم جا مسئلا حل نه ڪيا ويا ته اسان هڪ ڀيرو ٻيهر روڊن تي پنهنجي جائز حقن لاءِ نڪري ايندا سين هن وقت حڪومت سان ڳالهيون هلي رهيون آهن اسان تي تنقيد ڪرڻ وارن جو تحريڪ ۾ ڪوبه رول ناهي آهي گهر ويٺي هوائي ڳالهيون ٿا ڪن منهنجي پٽ تحريڪ شروع ٿيڻ کان پهرين ڪميشن پاس ڪئي هئي هنگورجا ۾ گستا سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي صدر مرحوم استاد الهرکيو خاصخيلي جي وڇوڙي تي وارثن سان تعزيت ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سربراهه حاجي اشرف خاصخيلي وڌيڪ چيو آهي 6 آڪٽوبر تي رٿيل بلاول هائوس وارو ڌرڻو ملتوي ڪرڻ مون اڪيلي جو فيصلو نه هيو ۾ الائيس جي 8 رڪني ڪاميٽي جو گڏيل فيصلو هيو هن چيو ته اسان جي احتجاجي تحريڪ جي 60 ڏينهن تائين حڪومت روڙو رکي ويٺل هئي 2 آڪٽوبر تي حڪومتي روڙو ٽٽو ۽ اسان کي ڳالهين لاءِ ڪال ڪئي وئي ان تي به اسان چيو ته اسان وزير اعلي يا چيف سيڪريٽري سان ڳالهيون ڪنداسين جنهن کان پوءِ چيف سيڪريٽري وٽ ميٽنگ ٿي جنهن ۾ پنج مختلف کاتن جا سيڪريٽري به شامل هئا ان ميٽنگ ۾ فيصلو ٿيو ته معاملا ڪيبينيٽ ۾ پيش ٿيندا چوڻ هي ڪو ننڍڙا مسئلا نه هئا جيڪي جلدي حل ٿين هن وڌيڪ چيو آهي ته سنڌ جي ملازمن جا مسئلا حل ٿيڻ تائين اسان ماٺ ڪري نه ويهنداسون اسان جي جدوجهد جاري آهي ڳالهيون هلندڙ آهن ۽ پيش رفت به آهي جنهن ڪري ضرور ڪاميابي حاصل ٿيندي هر پندرهين ڏينهن ڪيبينيٽ جو اجلاس ٿي رهيو آهي هن سال جنوري جو اجلاس ٿي رهيو آهي جنهن ۾ هڪ ايجنڊا اسان ملازمن جي به شامل هوندي،انشاء الله جلد ٻيا مطالبا به ڪيبينيٽ ۾ آئيندا ۽ اسان جوڙيل ڪميٽي مان پراميد آهيون ٻئي صورت ۾ اسين واپس تحريڪ جو رخ ڪرڻ سگهون ٿا هن چيو ته استاد الهرکيو خاصخيلي گستا جو متحرڪ اڳواڻ هيو بهترين شخصيت جو مالڪ هيو ان جو خال پرجي نه سگهبو .ان موقعي گستا اڳواڻ مورسنڌي،عبدالمقيم ميمڻ . اعجاز خاصخيلي پروفيسر غلام قاسم . غلام باقر خاصخيلي ۽ ٻيا ڪيترائي اڳواڻ پڻ موجود هئا

"شڪارپور مان قبيلائي جهيڙا ختم ڪريو ۽ امن امان بحال ڪيو" جي عنوان هيٺ قومي مچ ڪچهري

قومي مچ ڪچهري هزاريدار چوڪ شڪارپور تي منعقد ڪئي وئي،جنهن ۾ قومي فنڪارن، سگهڙن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

امن، پائيداري ۽ قبيلائي جهيڙن جي خاتمي جو واضح پيغام ڏنو ويو،ضلعي ۾ پيادل مارچ ڪري تحريڪ هلائڻ جو اعلان

مچ ڪچهري سنڌ جي قديم ثقافتي روايت آهي، جتي ماڻهو گڏجي ويهي پنهنجا مسئلا خيال ۽ تڪليفون ونڊيندا آهن:سيد واجد بخاري

شڪارپور ضلعو هن وقت بدامني، قبيلائي جهيڙن ۽ ڌوهاري سرگرمين جي ور چڙهيل آهي،خوف جي فضا سبب شهري گهرن تائين محدود آهن:ظفر چنه

شڪارپور (ڊ ر) قومي عوامي تحريڪ شڪارپور پاران "شڪارپور مان قبيلائي جهيڙا ختم ڪريو ۽ امن امان بحال ڪيو" جي عنوان هيٺ قومي مچ ڪچهري هزاريدار چوڪ شڪارپور تي منعقد ڪئي وئي،مچ ڪچهري ۾ قومي فنڪارن سگهڙن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن ۾ امن، پائيداري ۽ قبيلائي جهيڙن جي خاتمي جو واضح پيغام ڏنو ويو ۽ سموري ضلعي ۾ پيادل مارچ ڪري تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو ،ان موقعي تي مچ ڪچهري ۾ خطاب ڪندي ضلعي صدر سيد واجد بخاري، ايڊووڪيٽ ظفر چنه، امداد سومرو زاهد گهلو ۽ ايڊووڪيٽ زاهد پنهور چيو ته مچ ڪچهري سنڌ جي قديم ثقافتي روايت آهي، جتي ماڻهو گڏجي ويهي پنهنجا مسئلا خيال ۽ تڪليفون ونڊيندا آهن.پر افسوس جو شڪارپور ضلعو هن وقت بدامني قبيلائي جهيڙن ۽ ڌوهاري سرگرمين جي ور چڙهيل آهي اڳواڻن چيو ته شڪارپور ۾ خوف جي فضا سبب شهري پنهنجن گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن، ڌوهاري بنا خوف جي شهري علائقن ۾ گهرن اندر داخل ٿي ڦرلٽون ۽ ڌاڙا هڻي رهيا آهن قبيلائي جهيڙن جي آڙ ۾ نوجوان گهوٽ گولين جو کاڄ بڻايو وڃي پيو جڏهن ته موجوده ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ دعوائن باوجود شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۾ مڪمل طور ناڪام رهيو آهي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن سخت ردعمل ظاهر ڪندي اعلان ڪيو ته قبيلائي جهيڙن جي خاتمي ۽ امن امان جي بحالي لاءِ پيادل مارچ ڪيا ويندا ۽ شهرين سان گڏ انتظاميه کي به سجاڳ ڪيو ويندو هنن چيو ته قومي عوامي تحريڪ عوام جي تحفظ ۽ شڪارپور کي ٻيهر امن جو گهوارو بڻائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکندي مچ ڪچهري دوران قومي فنڪار عمران لاڙڪ پنهنجي فن جو شاندار مظاهرو ڪيو جنهن شرڪت ڪندڙن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو تقريب ڪاڪ فتي تائين جاري رهي،ان موقعي تي علي حيدر چانڊڪ، خير محمد نايل نهال پنهور عاصر بابلاڻي شاهنواز بڙو خان محمد ڏڪيس رفيق احمد ڪمبوه، رياض منگي، آغا منير خان پٺاڻ چيئرمين شڪارپور بچايو تحريڪ مولانا مسعود احمد قادري، استاد عبدالوهاب ڪاغذي سعيد سومري همير چانديو سلطان رند، جميل شيخ ايڊووڪيٽ حاجي احسان ميمڻ ڊاڪٽر نورالدين ابڙو ڊاڪٽر وزير گهلو ايڊووڪيٽ زاهد پهوڙ شوڪت بلوچ سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مڙس نعيم ڏيرڏير ۽ سس جاين ۽ رقم هڙپ ڪري ويا آهن:بدرالنساء پرڳڙي

پلاٽ تي ٺهيل ذاتي گهر مان ڪڍڻ لاءِ مڙس قاتلاڻو حملو پڻ ڪيو ويو آهي

معاملي جي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي وڃي ته جيئن سچ سامهون اچي سگهي

بدين (ڊ ر)ڳوٺ نبي بخش پرڳڙي جي رهواسڻ مسمات بدرالنساء پرڳڙي پنهنجي معصوم ڌي صبا ۽ پٽ محمد وسيم سان گڏ بدين پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مڙس ڏير ۽ سس جي زيادتين خلاف دانهيندي چيو آهي ته هو مرحوم ٽپيدار سعيد خان پرڳڙي جي نياڻي ۽ سابق صوبائي وزير رئيس نبي بخش پرڳڙي جي پٽ عليم الدين پرڳڙي جي نُنهن آهي،هن چيو ته سندس مڙس نعيم الدين ڏير سجاد پرڳڙي ۽ سس نسيم پرڳڙي بدين شهر ۾ موجود سندس 4 قيمتي جاين (گهر) وڪرو ڪري رقم هڙپ ڪري ويا آهن وڌيڪ چيو ته هاڻي ڳوٺ رئيس نبي بخش ۾ واقع سرڪاري پلاٽ تي ٺهيل ذاتي گهر مان ڪڍڻ لاءِ مڙس قاتلاڻو حملو پڻ ڪيو ويو آهي سيشن ڪورٽ جي حڪم تي FIR داخل ٿي آهي پر اڃا تائين ڪنهن به جوابدار کي گرفتار نه ڪيو ويو آهي جنهن جي ڪري ڪيس ۽ سندس ٻارن کي ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هن سيشن جج ۽ اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ٻالڙن خلاف ڪارروائي ڪري ڪيس انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي طرف نعيم الدين پرڳڙي جي وڏي پٽ محمد حمزه وڏي ڌي ثوبيه ۽ والده نسيم پرڳڙي پريس ڪانفرنس ڪندي مسمات بدرالنسا جا لڳايل الزام رد ڪندي ان کي سازش قرار ڏنو آهي جاين جي وڪرو بابت وضاحت ڪندي چيو ته جن جاين جي وڪري جو الزام لڳايو ويو آهي اهي قانوني طور تي گڏيل ملڪيت ۽ فيملي معاهدن تحت حل ٿيل هيون مسمات بدرالنسا پاران رقم هڙپ ڪرڻ جا الزام بليڪ ميلنگ جو حصو آهن

سکر: سکر ڪوهيڙي سبب شام وقت اونده ڇانيل نظر اچي رهي آهي

جيڪب آباد ۾ ساليانو عظمت مصطفيٰ ص، شان اهلبيت جلسو

تنظيم اصلاح الفقراءَ حسينيه نقشبنديه پاران جلسو ڪوٺايو ويو

جيڪب آباد حسيني جماعت وارن جو مرڪز آهي:سيد ثناءُ الله شاهه

جيڪب آباد (ڊ ر)جيڪب آباد ۾ تنظيم اصلاح الفقراءَ حسينيه نقشبنديه پاران حسيديه هاءِ اسڪول جي گرائونڊ ۾ ساليانو عظمت مصطفيٰ ص شان اهلبيت جلسو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن شريڪ ٿيا ان موقعي تي ڪوٺايل جلسي کي سيد ثناءُ الله شاهه، سيد نصر الله شاهه ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته جلسي ۾ شريڪ ٿيندڙ ماڻهن جي اڪثريت ٻڌائي رهي آهي ته جيڪب آباد حسيني جماعت وارن جو مرڪز آهي هنن چيو ته ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ ص هميشه امن پائيداري ۽ پاڙيسرين سان پيار جو پيغام ڏنو آهي اسان کي صحابه ڪرام ۽ قمبر واري سائين حسين شاهه جو پوئيلڳ هجڻ تي ناز آهي هنن چيو ته امت مسلمان کي گهرجي ته پاڪ ڪتاب جو ورد ڪن الله جي عبادت ڪن خير خيرات ڪن صدقو ڏين ۽ غريب ماڻهن جي هر قسم جي مدد ڪن هنن چيو ته پنهنجي ٻارڙن کي ديني ۽ دنياوي تعليم ڏيو ته جيئن هو اڳتي وڌي ڀلي ٻري کي سمجهي سگهن پنهنجي ٻچڙن کي سٺو اخلاق ۽ ادب ڏين خطاب دوران قمبر واري سائين جي زندگي تي روشني وڌي وئي جنهن بعد اجتماعي دعا پڻ گهري وئي

جيڪب آباد تنظيم اصلاح الفقراءَ حسينيه نقشبنديه پاران ڪوٺايل جلسي کي قمبر وارو سائين خطاب ڪندي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڻيارو پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 12 جنوري 2026ع

جديد دفاع ۽ ذميوار سفارتڪاري

پاڪستان جي تازي دفاعي ۽ عسڪري سرگرمين مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ملڪ نه رڳو پنهنجي قومي سلامتيءَ کي مضبوط بڻائڻ جي ڪوشش ۾ آهي پر علائقائي ۽ بين الاقوامي سطح تي به ذميوار ۽ متوازن ڪردار ادا ڪرڻ چاهي ٿو. عراق سان فضائي تعاون، بحري مشقن ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو مظاهرو ۽ آمريڪا سان گڏ دهشتگردي روڪ مشقون- اهي سڀ قدم پاڪستان جي دفاعي حڪمتِ عمليءَ جي مختلف پاسن کي اجاگر ڪن ٿا. پاڪ فضائيه جي سربراهه جو عراق جو سرڪاري دورو ۽ اتي عراقي فضائيه جي قيادت سان ٿيل ملاقات رڳو سفارتي روايت نه پر ٻنهي ملڪن جي وڌندڙ دفاعي ڀائيواريءَ جو اشارو آهي. عراق پاران جي ايف-17 ٿنڊر جهڙن جديد جنگي جهازن ۽ سپر مشاق تربيتي جهازن ۾ دلچسپي ظاهر ڪرڻ، پاڪستان جي دفاعي صنعت لاءِ هڪ اهم موقعو آهي. اهو قدم هڪ طرف پاڪستان جي هوابازيءَ واري ٽيڪنالاجيءَ تي عالمي اعتماد کي ظاهر ڪري ٿو ته ٻي طرف عراق جهڙي ملڪ لاءِ به پنهنجي فضائي صلاحيتن کي مضبوط ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو. بهرحال، اهڙي تعاون ۾ شفافيت، علائقائي توازن ۽ عالمي ذميوارين کي نظر ۾ رکڻ انتهائي ضروري آهي ته جيئن دفاعي واپار ڪنهن به نئين تڪرار جو سبب نه بڻجي. ساڳئي وقت پاڪ بحريه پاران اتر بحيره عرب ۾ ڪيل جامع مشقون پاڪستان جي سامونڊي دفاعي حڪمت عمليءَ جو عڪس آهن. LY-80 (N) ميزائل، لوئٽرنگ ميونيشنز ۽ خودڪار بحري جهازن جي ڪامياب تجربن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪ بحريه جديد جنگي ضرورتن سان هم آهنگ ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. جديد ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال يقيناً سامونڊي حدن جي تحفظ لاءِ اهم آهي، خاص طور تي اهڙي علائقي ۾ جتي سامونڊي واپار، توانائيءَ جا رستا ۽ جيوپوليٽيڪل مقابلا موجود آهن. تنهن هوندي به دفاعي صلاحيتن جي واڌ سان گڏ اهو سوال به اهم آهي ته ڇا ملڪ جي معاشي حالتن ۾ اهڙن مهانگن منصوبن جو بار ڊگهي عرصي تائين برداشت ڪري سگهجي ٿو يا نه! هوڏانهن پاڪ آمريڪا گڏيل دهشتگردي روڪ مشقون پاڪستان جي ان پاليسيءَ کي ظاهر ڪن ٿيون، جنهن تحت دهشتگرديءَ خلاف عالمي تعاون کي ضروري سمجهيو وڃي ٿو. ٻن هفتن تي مشتمل اهي مشقون رڳو فوجي تربيتي سرگرميون نه آهن پر ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ اعتماد ۽ رابطن کي برقرار رکڻ جو ذريعو پڻ آهن.

دهشتگردي هڪ اهڙو مسئلو آهي، جنهن جو ڪو هڪ ملڪ اڪيلو حل نٿو ڪڍي سگهي. تنهن ڪري تجربن جي ڏي وٺ ۽ گڏيل حڪمت عملين جوڙڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. بهرحال، پاڪستان لاءِ اهو به ضروري آهي ته اهڙي تعاون ۾ پنهنجي خودمختياري ۽ قومي مفادن تي ڪو به سمجهوتو نه ڪري. مجموعي طور ڏٺو وڃي ته پاڪستان هن وقت هڪ اهڙي مرحلي ۾ بيٺل آهي، جتي هڪ پاسي دفاعي صلاحيتن کي جديد بڻائڻ ضروري آهي ته ٻي پاسي معاشي استحڪام، سماجي ترقي ۽ علائقائي امن به برابر اهم آهن. عراق سان دفاعي لاڳاپا، بحري طاقت جو مظاهرو ۽ آمريڪا سان گڏيل مشقون، سڀ پنهنجي جاءِ تي اهم آهن پر انهن کي قومي ترجيحن جي وسيع فريم ورڪ ۾ ڏسڻ گهرجي. دفاع صرف هٿيارن سان نه پر مضبوط معيشت، مستحڪم سماج ۽ ذميوار سفارتڪاريءَ سان به ممڪن آهي. انهيءَ پسمنظر ۾، پاڪستان لاءِ سڀ کان وڏو چيلينج اهو آهي ته هو پنهنجي دفاعي ڪاميابين کي قومي اتحاد، اقتصادي بهتري ۽ پُرامن علائقائي لاڳاپن سان هم آهنگ رکي، جيڪڏهن دفاعي طاقت کي سفارتي دانائي ۽ اندروني سڌارن سان جوڙي سگهجي ته پوءِ ئي اهي قدم حقيقي معنيٰ ۾ قومي سلامتي ۽ ترقيءَ جا ضامن بڻجي سگهن ٿا.

مخدوم محمد زمان طالب المولي جون ساروڻيون!

نور سنڌي

اسين جڏهن ستين ڪلاس جو شاگرد هئس، ان دور ۾ ريڊيو جو رواج عام هو، ان وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي مخدوم طالب المولي جا مختلف فنڪارن جي آواز ۾ ڳايل ڪلامن جي ڌُم متل هئي ۽ اسان اهي ڪلام شوق سان ٻڌندو هئس. مخدوم طالب المولي جا ڪلام ٻڌڻ جي شوق ۾ مون کي پنهنجو ريڊيو خريد ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي مهينن جون خرچيون گڏ ڪرڻيون پيون. ان کان علاوه مون ٻڪر ڪياڻي شهدادپور مان رونا ليلي جي آواز ۾ مخدوم طالب المولي جي ڳايل ڪلامن وارا ڦون رڪارڊ وٺي آيس. جنهن جي ٻنهي پاسي شايد 10 ڪلام ڀريل هوندا هئا ۽ روزانو شام جو هوٽل جي دخل تي ويهي اهو رڪارڊ هلائيندو هئس. مخدوم صاحب جا ڪلام نه صرف ملنسي واسين ۾ مشهور هئا پر آسپاس جي ڳوٺن ۾ ان وقت هوٽلون نه هونديون هيون. اهي به وانڊڪاٽيءَ وارن ڏينهن يا ڪو مهمان هئن وٽ ايندو هو ته انهن کي وٺي ملنسيءَ جي هوٽلن تي ايندا هئا. انهن هوٽلن ۾ به مخدوم طالب المولي جا ڪلام مشهور هئا ۽ دل لوڙي دماغ تي ڇانئجي ويندا هئا. مخدوم طالب المولي جا ڪلام رونا ليلي، حسين بخش خادم، عابده پروين، ڦوٽو زرداري ۽ مصري فقير جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ڪيسٽون خريد ڪرڻ شروع ڪيون. اسڪول کان پوءِ ٻني ٻاري تي ويندي به ٽيپ رڪارڊر هٿ ۾ هوندو هو. ان دَور ۾ مخدوم طالب المولي جا ٻه "ڪتاب يادِ رفتگان" ۽ "ڇپر ۾ ڇڙيون" پڙهڻ لاءِ مليو هو. اهي پڙهڻ بعد ان وقت منهنجي ذهن ۾ مخدوم طالب المولي جن جي شاعري ۽ لکڻين ايترو ته اثر ڪيو جو وٽن حاضري ڀرڻ جي دل ۾ چاهت پيدا ٿي ۽ ان جو اظهار والد صاحب سان ڪيم. جنهن منهنجي چاچا حاجي محمود ملاح (جيڪو مخدوم طالب المولي جن جو خاص ماڻهو هو) سان گڏ زيارت لاءِ مخدوم هائوس ڀيٽس ڀيريون دفعو جڏهن مون مخدوم طالب المولي جي زيارت ڪئي ته منجهن وڏي ڏياءُ ۽ چهري ۾ نور نظر آيو 1976ع ۾ سنڌو درياهه ۾ خطرناڪ چاڙهه آئي هئي ۽ سڄي سنڌ ۾ ٻوڏ جو خطرو وڌي ويو هو ۽ مخدوم طالب المولي جن سڄي سنڌ مان سروري جماعت جي ماڻهن کي بند جي حفاظت لاءِ حڪم ڏنو جنهن تي هزارين مريد سعيد آباد کان متياريءَ تائين بندن جي حفاظت لاءِ پهتا هئا ۽ منهنجو چاچو حاجي محمود ملاح به اسان جي علائقي مان 60 ماڻهو وٺي مخدوم هائوس تي پهتو جتان ڪيس پنهنجا ماڻهو سالارو ٻيلي وٽ بند تي وٺي وڃڻ جو حڪم مليو جن ۾ اسان به شامل هئس اتي 12 ڏينهن هئاسين ۽ اتي مخدوم طالب المولي جن ڪيترائي ڀيرا تشريف فرما ٿيا پر سندن آمد تي اتي ماڻهن جا انبوهه ٿي ويندا هئا ۽ ماڻهو سندن گاڏيءَ کي ڦري ٿي ويندا هئا ۽ اتي صرف پري کان زيارت ٿيندي هئي 1980ع ۾ آفتاب اخبار ۾ خبرون ڏيڻ لاءِ ڀيٽس ته هڪ رات خبر پئي ته اڄ هالا پراڻا ۾ ناميارو شاعر سوز هالائيءَ جي شاعريءَ جي مجموعي "رنگ رتا پيچرا" جي مهورت رٿيل آهي ۽ مهورت مخدوم طالب المولي جن ڪندا اسان جو پيارو محسن سائين لائق سنڌي به تياريون ڪري رهيو هو ۽ مخدوم طالب المولي جن جو ٻڌي مون سائين لائق سنڌيءَ کي منٿ ميڙ ڪئي ته هو مون کي به وٺي هلي شام جو ناميارا ليکڪ ۽ اديب نصير مرزا، حسن مجتبيٰ، نثار حسيني ۽ ٻيا دوست هالا پراڻا ڀيٽاسين رات جو مخدوم طالب المولي جن به تقريب ۾ پهتا ۽ پروگرام ختم ٿيڻ تائين ويٺا رهيا. پروگرام ختم ٿيڻ بعد موقعو ملندي ئي اسٽيج تي ڀيٽس. جتي عرفان مهدي مخدوم طالب المولي جن سان منهنجو تعارف ڪرايو. انهن ڏينهن ۾ مختلف شخصيتن کان آٽوگراف وٺڻ جو جنون هوندو هو هر وقت آٽوگراف ڪيسي ۾ هوندو هو ۽ مون آٽوگراف ڪڍي ڪين ڏنو جنهن تي پاڻ مختصر طور دعا وارا لفظ لکيائون اڄ کان ڪيئي سال اڳ سنڌ جون مشهور اخبارون "عبرت"، "آفتاب"، "هلال پاڪستان" ۽ مهراڻ هيون، ان دور ۾ مون سروري تنظيم جي سرگرمين کي تمام گهڻي ڪوريج ڏني اهڙي ڪوريج ڏسندي مخدوم طالب المولي جن مخدوم سعيد کان منهنجي باري ۾ معلوم ڪيو جنهن ڪيس ٻڌايو ته هي نور سنڌي آهي، جيڪو وڏن کان وٺي پنهنجو مُريد آهي ۽ شهدادپور تعلقي جي ڳوٺ ملنسيءَ جو رهواسي آهي مخدوم سعيد الزمان جن سان به ملاقات ڪئي ۽ ڪين ٻڌايو ته مون سائين جن جي حڪم تي هالا ۾ صحافت شروع ڪئي آهي. ڪين اهو ٻڌي خوشي ٿي. ان دوران مخدوم طالب المولي جن وٽ 2 دفعا حاضري لاءِ ويس پر سندن طبيعت ناساز هئڻ ڪري حاضري نه ٿي سگهي مون حاجن ابڙيجو کي فون ڪري سائين جن جي خواهش موجب هالا ۾ صحافت شروع ڪرڻ جو ٻڌايو ۽ حاجن ابڙيجو سائين کي ٻڌايو ۽ انهيءَ هفتي ۾ حاضريءَ لاءِ پيغام مليو ۽ حاضري ڀريم. پاڻ فرمايائون ته حاجن ٻڌايو آهي ته اوهان منهنجي چوڻ تي باقاعده هالا ۾ اچي ويا آهيو! رهو ڪٿي پيا؟ مون ڪين عرض ڪيو ته اسان جي صحافي دوست عبدالڪريم ميمڻ وٽ. پاڻ فرمايائون ته اهو به پنهنجو آهي پر جي اتي رهڻ ۾ تڪليف محسوس ٿئي يا ڪا ٻي تڪليف محسوس ڪريو ته بنا حجاب ٻڌائجو پاڻ ان موقعي تي دعا به ڏنائون. هالا ۾ صحافت شروع ڪرڻ بعد مخدوم طالب المولي جن ڪو به بيان وغيره جاري ڪندا هئا ته حاجن ابڙيجو يا انور هالائيءَ جي معرفت عبدالڪريم ميمڻ اڪرم قائمخاني، يوسف وارثي ۽ مون سميت ٻين صحافين کي گهرايو ويندو هو.

اسان وڏو خوشنصيب آهيان جو مخدوم طالب المولي جن سان هر هفتي هڪ کان وڌيڪ حاضريون ٿينديون هيون. مون کي آرٽيڪل لکڻ جو شوق به مخدوم طالب المولي جن ڏياريو مون "روزاني عبرت" ۾ هالا شهر تي آرٽيڪل به سندن حڪم تي لکيو هو ۽ اهو منهنجو پهريون جامع تحقيقي آرٽيڪل هو پاڻ ان حوالي سان نه صرف رهنمائي ڪئي پر انور هالائيءَ کي حڪم ڏنو ته ان حوالي سان نور سنڌيءَ (ليکڪ) کي فلاڻا فلاڻا ڪتاب ڏي. جڏهن هالا جي تاريخي پس منظر، ماضي ۽ حال تي منهنجو آرٽيڪل ڇپيو ته پاڻ تمام گهڻو خوش ٿيا. ٿهنڪري اسان ته اهو ئي چوندس ته آرٽيڪل لکڻ جي حوالي سان اسان اڄ جيڪو آهيان اهو مخدوم طالب المولي جن جي عظيم رهنمائيءَ، همٿ افزائي ۽ دعائن جي ڪري آهيان. پاڻ هرنئين توڙي وڏي سان پيار ڪندڙ ۽ سنڌ ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ هئا. وڻ يونٽ کي ختم ڪرائڻ ۾ سندن سياسي اڳواڻ، اديب ۽ شاعر جي حيثيت سان وڏو ڪردار رهيو. سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ واري تحريڪ ۾ پڻ سندن ڪردار نمايان رهيو پاڻ سنڌي ادب ۾ نوان لاڙا ڏنا، شاعريءَ جي هر صنف تي ڪين عبور حاصل هو.

آمريڪا طرفان وينزويلا تي حملي جو اصل سبب!


سنڌو حسن علي ڀيڙو

1974ع ۾ هينري ڪسنجر ۽ سعودي عرب وچ ۾ ٿيل هڪ معاهدي سان ڳنڍيل آهي هي معاملو نه منشيات بابت آهي نه دهشتگرديءَ بابت ۽ نه ئي جمهوريت بابت هي اصل ۾ آمريڪي ڊالر جي بقا بابت آهي ڳنڍيل پنجاهه سالن کان آمريڪا جي عالمي طاقت هڪ نظام تي بيٺل آهي جنهن کي پيٽروڊالر چيو وڃي ٿو هن نظام تحت دنيا ۾ وڪرو ٿيندڙ تيل جي قيمت آمريڪي ڊالر ۾ مقرر ڪئي وڃي ٿي ۽ ان جي بدلي ۾ آمريڪا وڏن تيل پيدا ڪندڙ ملڪن کي فوجي تحفظ فراهم ڪري ٿو خاص طور سعودي عرب کي چو ته هر ملڪ کي تيل گهرجي تنهن ڪري هر ملڪ کي ڊالر رکڻا پون ٿا اهڙيءَ ريت ڊالر جي دنيا ۾ مستقل گهرج پيدا ٿئي ٿي جنهن سان آمريڪا کي وڏي پيماني تي پئسا ڇاپڻ فوجي خرچ هلائڻ بجيٽ خسارو برداشت ڪرڻ ۽ عالمي بالادستي قائم رکڻ جي سهولت ملي ٿي وينزويلا هن نظام لاءِ سڌي خطري طور سامهون آيو. وينزويلا وٽ 303 ارب بيرل ثابت ٿيل تيل جا ذخيرا آهن جيڪي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آهن سعودي عرب کان به وڌيڪ ۽ دنيا جي ڪل تيل جو لڳ ڀڳ ويهه سيڪڙو آهن 2018ع ۾ وينزويلا اعلان ڪيو ته هو آمريڪي ڊالر کان آزاد ٿيندو هن چين جي يوان ۾ تيل وڪڻڻ شروع ڪيو ۽ يورو روبل ۽ ٻين ڪرنسين ۾ به تيل وڪڻڻ قبول ڪيو هن کليل نموني ڊالر ۾ تيل واپار بند ڪيو برڪس ۾ شامل ٿيڻ جي درخواست ڏني چين سان سڌا ادائگي نظام ٺاهيا جيڪي سوئفٽ نظام کان ٻاهر هئا ۽ هي اهڙو تيل ذخيرو رکندو هو جيڪو ڍاڪڻ تائين ڊي ڊالرائيزيشن کي سهارو ڏئي سگهي هي سڀ ڪجهه آمريڪا لاءِ خطرناڪ هو چو ته آمريڪي مالي نظام جو بنياد ئي پيٽروڊالر تي آهي

تاريخ ۾ هڪ واضح نمونو نظر اچي ٿو جڏهن 2000ع ۾ صدام حسين اعلان ڪيو ته عراق تيل ڊالر بدران يورو ۾ وڪڻندو ته 2003ع ۾ عراق تي حملو ٿيو وڏي پيماني تي تباهي آئي اتي ڪڏهن به هٿيار عام تباهيءَ وارا نه مليا، حڪومت تبديل ڪئي وئي ۽ عراقي تيل ٻيهر ڊالر ۾ وڪرو ٿيڻ لڳو صدام حسين کي قتل ڪيو ويو 2009ع ۾ معمر قذافي هڪ سون تي ٻڌل آفريقي ڪرنسي گولڊ دينار تيل واپار لاءِ تجويز ڪئي بعد ۾ هيلري ڪلنٽن جون ليڪ ٿيل اي ميلز سامهون آيون جن ۾ واضح ڪيو ويو ته هي منصوبو مداخلت جو وڏو سبب هو 2011ع ۾ نيٽو ليبيا تي بمباري ڪئي قذافي کي بي رحميءَ سان قتل ڪيو ويو، ليبيا تباهه ٿي ويو ۽ گولڊ دينار به ختم ٿي ويو. هاڻي ساڳيو نمونو وينزويلا ۾ نڪولس مادورو سان نظر اچي ٿو وينزويلا وٽ عراق ۽ ليبيا کان گڏيل طور پنج ڀيرا وڌيڪ تيل آهي هو اڳ ئي يوان ۾ تيل وڪڻي رهيو هو آمريڪي ڪنٽرول کان ٻاهر مالي نظام ناهي رهيو هو برڪس ۾ شامل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو چين روس ۽ ايران سان ويجهي سٽ ۾ هو جيڪي دنيا ۾ ڊي ڊالرائيزيشن جا اڳواڻ آهن هي ڪو اتفاق ناهي جڏهن به ڪو ملڪ سنجيدگيءَ سان پيٽروڊالر کي چيلينج ڪري ٿو ان کي حڪومت جي تبديليءَ جو منهن ڏسڻو پوي ٿو

هيءَ ڳالهه کليءَ طرح اسٽيفن ملر آمريڪي هوم لينڊ سيڪيورٽيءَ جي صلاحڪار چئي جنهن دعويٰ ڪئي ته وينزويلا جي تيل واري صنعت آمريڪي ڪمپنين ناهي هئي ۽ ان جو قومي بڻجڻ آمريڪي دولت جي تاريخ جو سڀ کان وڏي چوري آهي ان جو مطلب اهو آهي ته آمريڪا سمجهي ٿو ته وينزويلا جو تيل ان جو آهي چو ته هڪ صدي اڳ آمريڪي ڪمپنين ان کي ترقي ڏني هئي جيڪڏهن اها منطق قبول ڪئي وڃي ته دنيا جو هر قومي وسيلو 'چوري' بڻجي وڃي ٿو

اصل مسئلو هي آهي ته پيٽروڊالر جو نظام اڳ ئي ڪمزور ٿي رهيو آهي روس هاڻي تيل روبل ۽ يوان ۾ وڪڻي ٿو ايران ڪيترن سالن کان ڊالر کان سواءِ واپار ڪري رهيو آهي سعودي عرب کليل نموني يوان ۾ واپار تي ڳالهائي رهيو آهي چين سي آءِ پي ايس نالي پنهنجو سسٽم ناهيو آهي جيڪو سوئفٽ جو متبادل آهي ۽ 185 ملڪن ۾ 4,800 بينڪن سان ڳنڍيل آهي برڪس پنهنجا الڳ ادائگي نظام ناهي رهيو آهي ۽ ايم برج منصوبو ملڪن کي پنهنجي ڪرنسي ۾ سستي ۽ تيز واپار جي سهولت ڏئي ٿو جيڪڏهن وينزويلا پنهنجي 303 ارب بيرل تيل سان برڪس ۾ شامل ٿيو ته ڊي ڊالرائيزيشن تمام تيزيءَ سان وڌندي.

هي حملو نه منشيات بابت آهي چو ته وينزويلا آمريڪا ۾ استعمال ٿيندڙ ڪوڪين جو هڪ سيڪڙو به فراهم نٿو ڪري، نه دهشتگرديءَ بابت آهي چو ته مادورو تي ڪنهن به دهشتگرد تنظيم هلائڻ جو ڪو ثبوت ناهي نه ئي جمهوريت بابت آهي چو ته آمريڪا سعودي عرب جي مڪمل حمايت ڪري ٿو، جتي چونڊون ئي ناهن هي سڀ ڪجهه پنجاهه سال پراڻي نظام کي بچائڻ لاءِ آهي جيڪو آمريڪا کي پئسا ڇاپڻ جي آزادي ڏئي ٿو. جڏهن ته باقي دنيا کي ڪم ڪرڻو پوي ٿو هن جا نتيجا خطرناڪ آهن روس، چين ۽ ايران هن کي هٿياربند جارحيت قرار ڏئي رهيا آهن. جيڪو وينزويلا جو سڀ کان وڏو تيل خريد ڪندڙ ملڪ آهي اربين ڊالر وڃائي رهيو آهي برڪس جا ملڪ ڏسي رهيا آهن ته صرف ڊالر کان ٻاهر واپار ڪرڻ تي هڪ ملڪ تي حملو ڪيو ويو پيغام صاف آهي: ڊالر کي چيلينج ڪيو ته سزا ملندي. پر هي پيغام شايد ابتو نتيجو ڏئي چو ته هاڻي گلوبل سائوٿ جا ملڪ سمجهي رهيا آهن ته سندن بچاءُ تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ ۾ آهي نه ڪي رڪجڻ ۾. وقت به تاريخ سان ملي ٿو 3 جنوري 2026ع تي وينزويلا مٿان حملو ٿيو ۽ مادورو گرفتار ٿيو 3 جنوري 1990ع تي پاناما تي حملو ٿيو ۽ نوريگا گرفتار ٿيو ڇٽيهه سال جو فرق، لڳ ڀڳ ساڳيو ڏينهن، ساڳيو منشيات وارو الزام ۽ ساڳيو مقصد، وسيلن ۽ واپاري رستن تي ڪنٽرول تاريخ پاڻ کي لفظي طور نه ٿي ورجائي پر ساڳي سر ۾ ڳالهيون ضرور ڪري ٿي

هاڻي جيڪو ٿيڻ وارو آهي اهو اڳ ئي واضح آهي آمريڪي تيل ڪمپنيون واپس وڃڻ لاءِ تيار آهن ۽ رپورٽن موجب سائن رابطو به ڪيو ويو آهي نئين حڪومت آندي ويندي ۽ وينزويلا جو تيل ٻيهر ڊالر ۾ وڪرو ٿيندو وينزويلا هڪ ٻيو عراق يا ليبيا بڻجڻ جي خطري ۾ آهي اصل سوال هي آهي ته جڏهن بمباري سان ڊالر جي بالادستي برقرار نٿي رکي سگهجي، جڏهن چين وٽ جواب ڏيڻ جي طاقت هوندي، جڏهن برڪس دنيا جي چليهه سيڪڙو معيشت کي ڪنٽرول ڪندو ۽ ڊالر کي رد ڪندو ۽ جڏهن دنيا سمجهي ويندي ته پيٽروڊالر تشدد سان قائم رکيو ويو آهي، تڏهن ڇا ٿيندو؟ جڏهن ڪنهن ڪرنسيءَ کي زنده رکڻ لاءِ طاقت استعمال ڪرڻي پوي ته اها ڪرنسي اڳ ئي زوال ۾ هوندي آهي وينزويلا هن ڪهاڻيءَ جي شروعات نه پر بيچين انجام آهي

New Start Treaty جو ختم ٿيڻ، خطرناڪ مستقبل جو آغاز

ساجده چنڊ

5 فيبروري 2026ع تي دنيا جي ٻن وڏين طاقتن روس ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ٿيل اسٽريٽجڪ ايٽمي هٿيارن جي ناهڻ تي ڪابه تصديق ٿيل حد نه رهندي، ٻئي قوتون پنهنجي منشا مطابق ايٽمي هٿيارن کي وڌائي سگهنديون New Start Treaty اصل ۾ warheads کي گهٽائڻ جو معاهدو آهي (warheadهڪ device جو حصو آهي جنهن ۾ تماڪيدار ايجنٽ يا زهريلو حياتياتي ڪيميائي يا ايٽمي مواد هوندو آهي جيڪو ميزائل، راڪيٽ، بم يا تارپيڊو Torpedo ذريعي پهچايو ويندو آهي) اهي وارهيڊز ڳڻيون SIPRI جي 2025ع جي ڊيٽا مطابق آمريڪا وٽ 5177 نيوڪليئر وارهيڊز آهن ۽ روس علمي سطح تي وڏو مقدار رکي ٿو ان کان پوءِ آمريڪا آهي روس پنهنجي ايٽمي هٿيارن کي استعمال ڪرڻ لاءِ نوان ميزائلن جا تجربا ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي ايٽمي هٿيارن کي جديد بڻائي رهيو آهي جن ۾ هائپر سونڪ ميزائل ۽ نوان ڊليوري سسٽم (ICBMs) بمبار شامل آهن ٻنهي طاقتن وٽ فضا، سمنڊ ۽ زمين تي مار ڪندڙ وڏي رينج وارا ميزائل اڳ ئي موجود آهن پر هاڻي اچا به جديد ڪيا پيا وڃن 8 اپريل 2010ع تي پراگ شهر ۾ معاهدي تي صحيح ڪئي وئي جيڪا 5 فيبروري 2011ع تي لاڳو ٿي جيڪا پنهنجي مدت پوري ڪري رهي آهي انهيءَ کان اڳ ئي دنيا جو منظرنامو ڪشيدگيءَ ڏانهن وڃي ويو آهي دنيا تيزيءَ سان ٽين علمي جنگ لاءِ ميدان تيار ڪري رهي آهي جنهن جو مثال اڄ روس، چائنا، ايران ۽ سائوٿ آفريڪا جو گڏ ٿيڻ آهي ۽ انهن ملڪن جا جنگي بحري جهاز هڪ هنڌ گڏ ڪيا پيا وڃن ۽ انهن جي گڏ ٿيڻ جي جڳهه سائوٿ آفريڪا آهي جتي ائٽلانٽڪ ۽ پئسفڪ جي گڏجڻ سان ٻي رحم چوليون اڳواڻ موجود آهن ايران جا موجوده حالات ڪنهن کان ڳجها نه آهن جتي عوام ۽ حڪومت وچ ۾ ڪشيدگي هلي رهي آهي وينزويلا کان چائنا ۽ رشيا تيل ۽ معدنيات وٺندا رهيا آهن سو به چائينز ڪرنسيءَ ۾، آمريڪا جو چوڻ آهي ته 55 سيڪڙو تيل مون وٽ موجود آهي رشيا ۽ چائنا مون کان وٺن هن وقت دنيا ۾ ٻه بلاڪ جڙي رهيا آهن. هڪ يورپ ۽ آمريڪا جو ۽ ٻيو رشيا، چائنا، ايران ۽ سائوٿ آفريڪا جو. رشيا ۽ چائنا نظرياتي طور تي به ڪميونزم جا حامي آهن انهيءَ معاهدي جي ختم ٿيڻ سان دنيا کي خطرناڪ مستقبل سان منهن ڏيڻو پوندو ايٽمي هٿيارن جي ڦهلاءَ جو خطرو اچان وڌي ويندو جيڪو دنيا کي تباهيءَ ڏانهن وٺي ويندو ضرورت امن جي آهي يا امن لاءِ طويل جنگ ڪرڻ جي؟ اهو وقت ئي ٻڌائيندو. في الحال ته حالتون ٽين علمي جنگ جا بغل وڄائي رهيون آهن روس جي ايٽمي هٿيارن جي ڌمڪي جرمني ۽ ٻين يورپي ملڪن کي ڊيڄاري ڇڏيو آهي جرمني جي سياستدانن ۽ ميڊيا ملڪ کي روس خلاف جنگ لاءِ تيار ڪري رهيا آهن. پر روس جي ايٽمي هٿيارن جي ڌمڪي انهن کي ٻيهر سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي جرمني ماضيءَ ۾ روس جو حصو نه رهيو آهي پر جرمني ۽ روس جي وچ ۾ تاريخي تعلقات ضرور رهيا آهن پهرين علمي جنگ دوران، جرمني ۽ روس جي وچ ۾ جنگ ٿي جنهن ۾ روس شڪست کاڌي، ان کان پوءِ جرمني ۽ روس جي وچ ۾ هڪ معاهدو ٿيو، جنهن کي برسٽ-ليٽوسڪ معاهدو چيو وڃي ٿو ٻي علمي جنگ دوران جرمني ۽ روس جي وچ ۾ وڏي جنگ ٿي، جنهن ۾ جرمني شڪست کاڌي ان کان پوءِ جرمني کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو، هڪ حصو آمريڪا ۽ ٻيو اولهه جي ملڪن جي زيراثر رهيو ۽ ڪجهه حصو روس جي زير اثر رهيو 1990ع ۾ جرمني ٻيهر هڪ ٿيو پر روس ۽ جرمنيءَ جي وچ ۾ تعلقات به وڌيا هاڻي جرمني ۽ روس جي وچ ۾ به تعلقات گرم آهن ۽ اختلاف به آهن هاڻي ڏسجي ته يوني پولر دنيا جون طاقتون ڪٿي ٿيون دنگ ڪن آمريڪا پڻ اقوام متحده جي ۽ ٻين 66 تنظيمن مان نڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ نيٽو مان به نڪرڻ جو چيو آهي ٽرمپ مطابق اهي تنظيمون ۽ نيٽو آمريڪي مفادن ۾ نه رهيون آهن

سنڌ جون موجوده حالتون!

ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ

سنڌ جون حالتون ڏينهون ڏينهن انتهائي ڳڻتي جوڳيون ٿينديون پيون وڃن. ڪٿي پوليس جون زيادتيون ته ڪٿي ٻاڙن جا ڪلور هاڻ ته ماضيءَ جي جابرن جو ڏيک ڏئي رهيا آهن. هتي پاڻ جيڪڏهن بدين ضلعي جي ڳوٺ پيرو لاشاريءَ ۾ پيش آيل ڪيلاش ڪولهيءَ واري واقعي تي نظر وجهون ٿا يا ٻئي طرف دادو واسي نوجوان نادر جماليءَ جو واقعو پڻ پنهنجي اکين اڳيان ٿري اچي ٿو. سکر جي پريا ڪماريءَ جي اغوا واقعي کي هيترا سال گذري چڪا آهن. خبر ناهي ته اها معصوم نياڻي اڄ سوڌو ڪٿي گم آهي؟ فاطمه ڦُرڙو ڪيس هجي يا صحافي جان محمد مهر ۽ نصر الله گڏاڻي انهن ڪيسن ۾ پوليس ڪُک پيچي ٻيٺو ناهي ڪيو.

پاڻ ڪجهه وقت کان ڏسندا پيا اچون ته سنڌ ۾ هندو جن کي اقليت طور ڳڻيو وڃي ٿو پر اهي ڌرتيءَ جو حصو بڻيل آهن. تن کي هڪ سوچ تحت سنڌ جي اتر ۽ لاڙ ۾ تمام گهڻيون رنڊڪون وجهي انتهائي مشڪلاتن ۾ ڦاسايو ويو آهي. اهي شريف ۽ پُرامن شهري يقيناً غلط حرڪتن ۾ هرگز ملوث ناهن هوندا، جيڪي اڻ وڻندڙ هجن. باقي ڪٿي ڪو واقعو ٿيو به هوندو ته ان پٺيان به ڪنهن ٻاڙن جو هٿ ملوث هوندو.

هتي جيڪڏهن اتر سنڌ جي مجموعي حالتن جو ذڪر ڪجي ته اهي ضلعا، جتي اڄ هندو برادريءَ سان پاڻ طرح طرح جا ويڌن ٿيندي ڏسون پيا، يعني اغوا، ڦُرون، پَتو وٺڻ کان وٺي سرعام هٿيارن جي زور تي دڪانن ۽ گهرن ۾ داخل ٿي لکين رپين جون ڦُرون ڪيون ٿيون وڃن. جتي ڪو ٻڌڻ وارو به نه آهي. ڪنڌڪوٽ، شڪارپور، گهوٽڪي توڙي جيڪب آباد ۾ هن وقت انهن شهرن ۽ بازارن جي جيڪا رونق ۽ سونهن ڏٺي پئي وڃي، تنهن جو اصل ڪارڻ هندو برادريءَ جو ڪاروبار ٿي آهي. ماضيءَ ۾ پاڻ اهڙا ڪيترائي مثال ڏٺي سگهون ٿا، جتي آهي آباد شهر ويران ٿي ويا. جڏهن اُتان هندو واپارين کي مجبور ڪري لڏايو ويو هن وقت به حالتون يقيناً اهڙيون ئي آهن. جتي سرعام انهن سفيد پوشاڪ شهرين کي بنا جواز تنگ ڪيو پيو وڃي. بدين ضلعي سانَ تعلق رکندڙ نوجوان ڪيلاش ڪولهيءَ بابت به چيو پيو وڃي ته هن کي علائقي جي هڪ ٻاڙ پاران زمين مان لنگهڻ تان گوليون هنيون ويون. جنهن سبب هُو موقعي تي ئي مارجي ويو. هتي انهن ٻاڙن جي ڪهڙي ڪاري ڪرتوت مٿان نظر وجهجي؟ ڪجهه سال اڳ سيريءَ ۾ هڪ ٻاڙ زميندار اُن وقت هڪ مسڪين معصوم ٻار مٿان پستول جا فائر ڪري قتل ڪيو هو. جڏهن اهو 12 سالا معصوم انهيءَ ٻاڙ جي زمين مان ٻڪريون ڪراس ڪرائيندي وڃي رهيو هو ته مٿن اهڙي ڏوهه سبب فائر ڪيا ويا. هاڻ ڏسڻو اهو آهي ته ڪٿي ماڻهوءَ جو لنگهه ٿئي يا ڪنهن جانور جو اچڻ وڃڻ ٿئي ته مٿن گوليون وسايون ٿيون وڃن؟ اهڙن عملن ڪانهوءَ جا پاڻ انهن ماضيءَ جي جبري دورن مان گذري رهيا آهيون يا اڄوڪي جمهوري دور جو حصو آهيون. جتي ڪيلاش ڪولهيءَ جي واقعي ڪانهوءَ گذريل پنجن ڏينهن کان ڏڏڙي هوائن واري علائقي بدين جي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو آهي ته واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪيو وڃي. خير دير پر دُرست واقعي ۾ ملوث مُک قاتل پنجاب جي علائقي مان گرفتار ڪري سندن گرفتاري ظاهر ڪئي وئي آهي. پر ان جي برعڪس اهڙن واقعن ڪانهوءَ بيوس بڻيل سنڌ پوليس پاران گهربل جوابدارن جي گرفتاريءَ کان لنوائيندي آهي.

دادو جي هڪ آهي ته هتان جي پوليس ڪنهن ٻاڙ ماڻهوءَ جي ونگار وهندي ٻڪري چوريءَ جي الزام هيٺ شهري نادر جماليءَ کي جڙتو مقابلو ڏيکاري ڦَل فراءِ ڪري ڇڏيو. ٻئي طرف چيو پيو وڃي ته مقتول هتان جو نه رڳو ڪاروباري ماڻهو پر پنهنجي برادريءَ جو چڱو مڙس هو ۽ هن جو دادو کي اين شاهه ۽ ٻين شهرن ۾ ڪاروباري تعارف سميت سماجي ڪمن ۾ پڻ اڳڀرو هوندو هو. واقعي بعد جيتوڻيڪ مقامي شهري، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پاران عدالتي انڪوائريءَ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي. نوشهروفيروز ضلعي جي پرياستيءَ سان تعلق رکندڙ نياڻي غنويٰ جلباڻي وارو واقعو به اذيتناڪ آهي. جتي سنڌس ڀاءُ کي سرعام گوليون هٽي اڌ مئو ڪيو ويو ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدار عزيز ٻڌايا پيا وڃن. اُن جيءَ جهورينڌڙ واقعي تي نظر وجهڻ ڪانهوءَ طويل ماضيءَ وارو اهو دور ياد پيو اچي، جتي هڪ ليکڪ جي ڪتاب ۾ اچي ٿو ته سنڌ جي سورهيه عورتن جا به هزارين مثال موجود آهن. سنڌ جائي عورتن پنهنجين عزتن خاطر موت ته قبول ڪيا پر ظُلم اڳيان ڪڏهن به نه جُهڪيون. جڏهن عربن سنڌ جائي لاڏائيءَ جي قلعي تي قبضو ڪري غلامي وٺڻ لاءِ حملو ڪيو. تاريخ ۾ اچي ٿو ته انهيءَ لاڏائيءَ سنڌ جي راڻيءَ عربن جي غلامي قبول ڪرڻ بجاءِ ان اوچي قلعي مان پاڻ کي هيٺ ڪيرايو. پر وقت جي انهن ظالمن اڳيان ڪنڌ نه جُهڪايو. تاريخ ان ڳالهه جي گواهه آهي ته انهيءَ ابن قاسم جي حملي ۾ جڏهن سنڌ جي راڻي لاڏائيءَ پنهنجو پاڻ کي مارڻ قبوليو ته اُتي موجود ٻين 50 هزار سنڌ جي نياڻين انهن ظالمن اڳيان جُهڪڻ بجاءِ انهيءَ ساڳئي قلعي تان پاڻ کي هيٺ ڪيرائي موت قبوليائون. اڄ اسين سڄي سنڌ جي مجموعي صورتحال مٿان نظر ٿا وجهون ته ڪيترين ئي اهڙيون سنڌ جائيون بهادر نياڻيون پنهنجن اٽل فيصلن تي عمل ڪندي انهيءَ لاڏائيءَ جهڙي مثال وانگر جبل جيترا حوصلا رکندڙ آهن پر هتي اسان جي ته ڪيتري نه ٻي حسي ڇُڪي جو جيڪڏهن هڪ نياڻي پنهنجي زندگي گذارڻ جو فيصلو نه ٿي ڪري ته ڇا توهان ان کي اُٿين ٻي يارو مددگار سمجهي ان تي حملو ڪندا؟ بهرحال سنڌ پوليس مٿان جيترو به افسوس ڪجي سو گهٽ آهي، جتي هڪ ڀيڻ سامهون ڪنهن ڀاءُ کي اُٿين سرعام گوليون هڻجن ۽ ملوث جوابدار قانون جي گرفت ۾ نه اچن ته پوءِ پاڻ جو نه انَ واقعي تي ويهي ماتم ڪيون. حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ جيڪو ڏاڍو سو ڳابو وارو قِصو اڄ ڏينهن ڏينهن زور وٺندو پيو وڃي، نه ڪنهن نياڻيءَ جي تقدس جو خيال رکيو ٿو وڃي ۽ نه وري ڪنهن غريب پورهيت مزدور سان ڪو انصاف ٿيندي ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. سکر جي پريا ڪماريءَ جا والدين اڄ ڄڻن سالن کان پنهنجي نياڻيءَ جي ڳولا لاءِ سرڪاري آفيسن جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهن.

سنڌ ۾ پوليس جو اهو حال وڃي رهيو آهي جو اغوا ٿيل ڪا نياڻي به انهن کان نه ٿي ڳولي سگهجي ۽ نه وري ڪنهن قاتل جو پتو لڳائي سگهجي ٿو اسين سمجهون ٿا ته هيءَ اڄ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي. انهيءَ ۾ نه رڳو ٻاڙ پر پوليس به ڀاڱي ڀائيوار ٿي صرف انهن ماڻهن جي آواز کي دٻائي رهي آهي، جيڪي اڄ حق ۽ سچ جي ڳالهه ڪن ٿا. اهڙين حالتن ڪانهوءَ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته آخر هن امن جي سنڌ ڌرتيءَ تي اهڙيون ڳنڀير حالتون ڇو آهن؟ بهرحال پوءِ به بهتريءَ جي اميد رکون ٿا.

اڄوڪو ڏينهن - 12 جنوري

ڊاڪٽر هيمنداس روپچند واڌواڻي

هيمنداس روپچند واڌواڻي پنهنجي دور جو هڪ بهترين ڊاڪٽر، سياستدان ۽ سماجي اڳواڻ هو سنڌس جنم جي تاريخ 12 جنوري 1895ع آهي سنڌس واسطو جيڪب آباد سان هو تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن جيڪب آباد ۾ پنهنجي اسپتال ۽ ويم گهر کوليو هو ڪيترن ئي سالن تائين جيڪب آباد ميونسپلٽيءَ جو ميمبر رهيو هو انڊين ريڊ ڪراس سوسائٽيءَ جو تيرهن سالن تائين سيڪريٽري رهيو هن جيڪب آباد ۾ ٻارن جي ڀلائيءَ جو هڪ ادارو پڻ قائم ڪيو هو 1929ع ۽ 1935ع ۾ ڪوئيٽا ۾ ٻوڏ ۽ زلزلي وڏي تباهي مچائي هئي سنڌ جي سرنديءَ وارن ماڻهن ڪوئيٽا جي ماڻهن جي مدد سهائتا لاءِ جيڪا ڪاميٽي جوڙي هئي تنهن جو پاڻ چيف آرگنائيزر هو هن جي سماجي ڪمن جي مڃتا طور انگريز سرڪار 1934 ع ۾ ڪيس قيصر هند جو خطاب ڏنو هو ڪن نڪ ۽ گلي جو وڏو ماهر ڊاڪٽر هو جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان الڳ ٿي ته 1937ع ۾ پهرين سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو جڏهن ڪيس پبلڪ هيلٿ، انڊسٽريز ۽ سول ڊفينس جو وزير بڻايو ويو ته جيڪب آباد ڇڏي ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين ۽ هن اتي پنهنجي اسپتال ۽ ويم گهر قائم ڪيو جيڪب آباد وانگيان هو ڪراچيءَ جو به هڪ نامور ڊاڪٽر بڻجي ويو سنڌ جو پهريون ميڊيڪل اسڪول 1881ع ۾ حيدرآباد ۾ کليو انهيءَ اسڪول کي ڪاليج جو درجو ڏيڻ لاءِ ڊاڪٽر هيمنداس روپچند جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪاميٽي ٺهي، جنهن جي سفارش تي حيدرآباد ميڊيڪل اسڪول کي ڪاليج بڻايو ويو ۽ انهيءَ کي 1945ع ۾ سنڌ ميڊيڪل ڪاليج نالو ڏنو ويو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪاليج جو نالو مٽائي لياقت ميڊيڪل ڪاليج رکيو ويو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ ڊاڪٽر هيمنداس ممبئيءَ ۾ وڃي آباد ٿيو. جتي هن 1972ع ۾ پرلوڪ پڌاريو.

شيرل بيوس باڍاهي

شيرل بيوس باڍاهي سنڌ جو هڪ مقبول عوامي شاعر هو. جنهن جا ڪلام ماسٽر چندر، رُونا ليليٰ، مائي ڀاڳي ۽ جلال چانڊيئي سميت سنڌ جي ڪيترن ئي راڳيندڙن ڳايا آهن. شيرل باڍاهيءَ جو جنم 12 جنوري 1921ع تي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ حيدر چانڊيئي ۾ ٿيو. سندس پورو نالو شيرخان ولد حاجي رمضان نوناري هو ۽ بيوس سنڌس تخلص هو. سنڌس شاعريءَ جو مجموعو "پکي ٿي اڏامي وڃان" 2006ع ۾ شايع ٿيو. شيرل باڍاهيءَ 17 نومبر 1956ع تي وفات ڪئي.

احمد فراز

اڄ اردوءَ جي مشهور انقلابي شاعر احمد فراز جي جنم جو ڏينهن آهي احمد فراز جو اصل نالو سيد احمد شاهه هو ۽ 12 جنوري 1931ع تي ڪوهاٽ ۾ پيدا ٿيو هن اسلاميه ڪاليج ڪوهاٽ ۽ ايڊورڊس ڪاليج پشاور ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ پشاور يونيورسٽيءَ مان اردو ۽ فارسيءَ ۾ ماسٽر ڊگريون حاصل ڪيون ايڊورڊ ڪاليج ۾ تعليم دوران هن ريڊيو پاڪستان لاءِ فيچر لکڻ شروع ڪيا. هو اڃا بي اي جو شاگرد هو جڏهن هن جو پهريون شعري مجموعو "تنها تنها" ڇپجي پڌرو ٿيو تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ اسلاميه ڪاليج پشاور ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو انهيءَ ملازمت دوران سنڌس شاعريءَ جو ٻيو مجموعو "درد آشوب" شايع ٿيو 1976ع ۾ ڪيس اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جو پهريون ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو هن لوڪ ورثي ۽ نيشنل بڪ فائونڊيشن جي چيئرمين طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون هن جنرل ضياءَ الحق واري مارشل لا خلاف نظم لکيا، جنهن سبب ڪيس نوڪريءَ تان هٿ ڌوئڻو پيو ۽ 3 سال جلاوطني اختيار ڪرڻي پيس جلاوطنيءَ تان موٽڻ بعد هن کي ٻيهر مختلف انتظامي عهدن تي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو هن جي شاعريءَ جا 10 کان وڌيڪ مجموعا شايع ٿيا احمد فراز اردو ٻوليءَ جي انتهائي مقبول ترين شاعرن مان هڪ آهي هن آدم جي ادبي ايوارڊ، اباسين ايوارڊ، فراق گورکپوري ايوارڊ ۽ ٽاٽا ايوارڊ سميت ٻيا به ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪيا. پاڪستان سرڪار پاران ڪيس ستاره امتياز ۽ هلال امتياز ايوارڊ ڏنا ويا. هن جنرل پرويز مشرف جي پاليسين خلاف احتجاج ڪندي هلال امتياز ايوارڊ واپس ڪيو هو 25 آگسٽ 2008ع تي اسلام آباد ۾ وفات ڪئي ڪيس وفات بعد هلال پاڪستان ايوارڊ سان نوازيو ويو.

ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مشهور سياستدان ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي جنم جو ڏينهن آهي 12 جنوري 1954ع تي اڳوڻي جج ظفر حسن مرزا جي گهر حيدرآباد ۾ سنڌس جنم ٿيو 1980ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪري پاڪ فوج جي ميڊيڪل ڪور ۾ ڪيپٽن مقرر ٿيو بعد ۾ ڪاڪول اڪيڊميءَ مان ٽريننگ وٺڻ کان پوءِ پاڪستان نيويءَ ۾ ڀرتي ٿيو 1985ع ۾ جنرل ضياءَ الحق جي ڪرايل ريفرينڊم جي مخالفت ڪيائين ان ڪري ڪيس فوج جي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو ان بعد 1989ع تائين پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائنس سان منسلڪ رهيو ذوالفقار مرزا 1989ع ۾ سياسي ميدان ۾ پير پاتو ۽ 1993ع ۾ پهريون ڀيرو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ان زماني ۾ ڪيس موجوده صدر مملڪت آصف علي زرداريءَ جو ويجهو ساٿي سمجهيو ويندو هو مٿس قتل ۽ ٻين ڏوهن جا الزام لڳا، ان ڪري لڳ ڀڳ 12 سال روپوش رهيو 2008ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ ڪيس گهرو وزير جو قلمدان سونپيو ويو ان بعد ڪيس سنڌ جي جيلن جو وزير ۽ ورڪس سروسز ۽ پيلن جو وزير پڻ بڻايو ويو هي پهريون ماڻهو هو جنهن ٻڌايو ته ايم ڪيو ايم جو اڳواڻ الطاف حسين هندستان جو ايجنٽ ۽ پاڪستان جو دشمن آهي اڄڪلهه هو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي خيرباد چيو ۽ گرينڊ نيشنل الائنس (جي ڊي اي) جو حصو بڻجي ويو.

غلام نبي ناشاد

اڄ مشهور ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ مترجم غلام نبي ناشاد جي سالگرهه جو ڏينهن آهي هن سرت پرڻي ساهتڪار 12 جنوري 1955ع تي خانواهڻ ويجهو ڳوٺ گاهي خان جلباڻيءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هن 1973ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو هن جي ادبي پورهئي ۾ "پرين پڳهه چوڙيا" (بنگلي ناول جو ترجمو)، "وري ورندو واءُ" (ڪهاڻيون)، "سچ سوڻهن ۽ سرهاڻ" (شاعري) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن غلام نبي ناشاد سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو ۽ انهيءَ سنگت جي مرڪزي خزانچيءَ طور پڻ ڪم ڪيائين.

انور هالائي

سنڌ جي هن قادرالڪلام شاعر ۽ نثر نويس جو اصل نالو محمد شفيع ولد احمد خان ابڙو هو ۽ سنڌس جنم 15 ڊسمبر 1925ع تي هالا ۾ ٿيو شاعريءَ ۾ انجم هالائي ۽ اختر هالائي سنڌس استاد هئا هو ڪيترن ئي سالن تائين بزم طالب المولي سنڌ جو جنرل سيڪريٽري رهيو سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپجندڙ ٻارن جي رسالي گل ڦل جي ايڊيٽر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون سنڌس تصنيفن ۾ شاعريءَ جو مجموعو "چنڊ جون ڪلائون" ۽ "ٻارن جو شاهه" شامل آهن 12 جنوري 1994ع تي وفات ڪيائين

مختيار انڙ

سردار علي محمد خان مهر

اڄ اڳوڻي وزيراعليٰ سنڌ سردار علي محمد مهر جي جنم جو ڏينهن آهي هو 12 جنوري 1967ع تي سردار علي انور خان مهر جي گهر ۾ ڄائو. صادق پبلڪ اسڪول بهاولپور مان تعليم حاصل ڪيائين ۽ علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. سياسي طور هو مختلف پارٽين سان گڏ رهيو. مختلف وقتن تي پاڪستان پيپلز پارٽي، مسلم ليگ (ق) ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) ۾ شامل رهيو هن 2002ع ۾ گهوٽڪيءَ مان صوبائي توڙي قومي اسيمبليءَ جون سيٽون کٽيون. بعد ۾ هن قومي اسيمبليءَ واري سيٽ تان استعيفا ڏئي ڇڏي. 17 ڊسمبر 2002ع تي سنڌ جي 25هين وزيراعليٰ طور حلف کنيائين ۽ 9 جون 2004ع تي ڪانئس انهيءَ عهدي تان استعيفا ڏياري وئي. 2008ع، 2013ع ۽ 2018ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 2018ع ۾ ڪيس نارڪوٽڪس ڪنٽرول جو وزير بڻايو ويو. 21 مئي 2019ع تي وفات ڪيائين.

الياس عشقي

اڄ مشهور براڊڪاسٽر مرحوم الياس عشقيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي. هو اردو، سنڌي ۽ فارسي ٻوليءَ جو وڏو شاعر ۽ عالم هو. الياس عشقيءَ جو جنم 25 ڊسمبر 1922ع تي هندستان جي شهر جٿپور ۾ ٿيو. سنڌس والد علامه زري جٿپوري به هڪ وڏو شاعر ۽ عالم هو. الياس عشقي ايم اي (فارسي) ۽ ايم اي (اردو) جون سندون حاصل ڪيون ۽ جٿپور ۾ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي شهر ڪوٽڙيءَ جا وڻ اچي وسايائين. 1950ع ۾ ريڊيو پاڪستان تي پروڊيوسر مقرر ٿيو ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان رٽائر ٿيو. هو فارسي، سنڌي، اردو، انگريزي ۽ هندي ٻولين جو وڏو ماهر هو. 1983ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪيائين. سنڌس فارسي ڪلام جو مجموعو شهر آشوب 1949ع ۾ شايع ٿيو هن سنڌيءَ ۾ به ڪيترائي شعر لکيا ۽ چونڊ سنڌي شاعرن جي ڪلام جو اردو ترجمو موج موج مهراڻ جي نالي سان شايع ڪرايائين. هن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪيترن ئي سُرن جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو. شاهه لطيف بابت سنڌس اردوءَ ۾ ڪتاب "آواز لطيف" ڇپيل آهي. ادبي خدمتن جي اعتراف طور پاڪستان سرڪار 2000ع ۾ ڪيس "هلال امتياز" سان نوازيو. 12 جنوري 2007ع تي سعودي عرب ۾ وفات ڪيائين.

ظفر ڪاظمي

اڄوڪو ڏينهن اسان کي سنڌ جي مشهور چترڪار ظفر ڪاظميءَ جي ياد ڏياري ٿو جيڪو اڄوڪي ڏينهن 2007ع ۾ اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو ظفر ڪاظميءَ جو پورو نالو سيد ظفر علي شاهه ڪاظمي هو ۽ هن 25 ڊسمبر 1933ع تي ڄامشوري ضلعي جي ڳوٺ آمريءَ ۾ سيد مير محمد شاهه جي گهر ۾ اکيون کوليون پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۽ نيل داس ڪلوني اسڪول پاڪستان چوڪ ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين ان بعد سنڌ مدرسته الاسلام ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادوءَ ۾ پڙهيو 1954ع ۾ حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج مان سنڌ ٽيچر سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيائين ۽ 1979ع ۾ ميوزيالاجيءَ ۾ برطانيه مان ڊپلوما ڪيائين ظفر ڪاظميءَ عملي زندگيءَ جي شروعات 1951ع ۾ اين جي وي اسڪول ڪراچيءَ ۾ ڊرائنگ ٽيچر طور ڪئي 1979ع ۾ هن جي تصويرن جي پهرين نمائش ڀٽ شاهه ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ هن جي پوسٽر پهرين پوزيشن حاصل ڪئي 1978ع ۾ هن جي تصويرن جي نمائش برمنگهم ميوزيم جي آرٽس گيلريءَ ۾ ٿي ان بعد ڏيهه ۽ پرڏيهه ۾ سنڌس فن پارن جي نمائش ٿيندي رهي 1970ع ۾ هن سنڌ ميوزيم جو بنياد رکيو ۽ ان جو پهريون ڊائريڪٽر مقرر ٿيو هن سيوهڻ ميوزيم، ڀٽ شاهه ميوزيم، ٿرپارڪر ميوزيم، سنڌ مدرسي جي آرٽ گيلري، ۽ شمس العلماءَ دائودپوٽو ميوزيم سميت ڪيترن ئي عجائب گهرن جون بڻيادون تيار ڪيون هن پنهنجي فن وسيلي سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪيو ۽ شاهه جي بيتن تي اعليٰ قسم جي چترڪاري ڪئي سنڌس فن جي مڃتا طور ڪيس ڪيترائي ايوارڊ مليا، جن ۾ سگا طرفان حاجي محمد ابراهيم گولڊ ميڊل (1982ع)، ٿرپارڪر ميلي ۾ سنڌ ايوارڊ (1985ع)، حلال احمر حيدرآباد پاران پرفارمنس ايوارڊ (1992ع)، گل محمد کتري ايوارڊ (1995ع)، لطيف ايوارڊ (1999ع) ۽ ٻيا ايوارڊ شامل آهن سنڌ جي هن مٽيءَ ماڻهوءَ 12 جنوري 2007ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

پروفيسر گوپ روچنداڻي



اڄوڪو ڏينهن هندستان جي مشهور تعليمي ماهر ۽ سماج سڌارڪ شخصيت پروفيسر گوپ روچنداڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي پروفيسر گوپ جو جنم 10 جولاءِ 1933ع تي سنڌ جي مشهور شهر روهڙيءَ ۾ پريتمداس ڪيمچند روچنداڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌس ڪٽنب روهڙيءَ کان روئي موڪلائي پهريائين ٻڙودا ۾ ۽ پوءِ انبور ۾ سڪونت اختيار ڪئي بعد ۾ هو الهاس نگر جي ڪلياڻ ڪئمپ 4 ۾ وڃي آباد ٿيا. گوپ روچنداڻي انهيءَ ئي ڪئمپ ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌو ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي اسڪولن ۾ پڙهائڻ لڳو هو هڪ بهترين اداڪار به هو ۽ سنڌي ناٽڪن ۾ اداڪاري به ڪندو هو. راڳ رنگ ۽ ڳائڻ سان به دلچسپي هئس هو پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان ڀڳت جهڙين ڀڳت ۾ خوب نچندو ڳائيندو هو ايم اي ۽ ايم ايڊ جا امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ جٿ هند ڪاليج ۾ هندي ٻوليءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو انهيءَ ڪاليج ۾ 31 سال پڙهائڻ کان پوءِ رٽائر ٿيو هو پونا بورڊ جو ميمبر هو ۽ نائين درجي کان ٻارهين درجي جا درسي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين هو سنڌي ادبي سنگت الهاس نگر جو پنج سال صدر رهيو هن الهاس نگر ۾ ٻالڪن جي ٻاريءَ جو بنياد وڌو ته جيئن قوم جي ٽوٽهلن کي فن، راڳ، اداڪاريءَ ۽ ادب جي سکيا ڏئي سگهجي هو هڪ سٺو شاعر، نثر نويس ۽ ترجمو نگار هو سنڌس ڪتاب "ڪجهه گل ڪجهه ڪنڊا" سنڌي ادب ۾ اهم جڳهه والاري ٿو سنڌس گهر واري مينا روچنداڻي به هڪ پروفيسر ۽ ليکڪا هئي پروفيسر گوپ روچنداڻيءَ 12 جنوري 2007ع تي هن جهان مان موڪلايو.

بقايا 1 | بارڙا ٽي ٽي فوت

ڪري پئي. حادثي جي نتيجي ۾ 2 معصوم ٻار ٽڊي ٽي ٽي فوت ٿي ويا، جڏهن ته گهر جا ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا. اطلاع موجب ڌماڪي ايترو ته شديد هو جو گهر جي ڇت ۽ پٽ بري طرح متاثر ٿيون ۽ ملبو پرپاسي جي ماڻهن تي اچي ڪريو. واقعي جو اطلاع ملندي ئي ريسڪيو 1122 جون ٽيمون حادثي واري هنڌ پهتيون، جن ملبي هيٺان زخمين ۽ فوت ٿيل ٻارن جا لاش ڪڍي ويجهي اسپتال منتقل ڪيا. ذريعن موجب شروعاتي ثبوتن ۽ سي سي ٽي وي فوٽيج مان اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته ڌماڪو گئس ليڪيج سبب ٿيو. واقعي جا حتمي سبب جاچڻ لاءِ لاڳاپيل عملدار جاچ ڪري رهيا آهن. افسوسناڪ حادثي کانپوءِ علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانيل آهي، جڏهن ته علائقي واسين واقعي تي شديد ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. انتظاميه طرفان متاثر خاندان کي هر ممڪن امداد جي خاطري پڻ ڪرائي وئي آهي. هوڏانهن فوتين جي سڃاڻپ 5 سالن جي احمد ۽ 4 سالن جي عماد طور ٿي آهي، جڏهن ته زخمين ۾ 2 ٻارڙا، 2 مرد ۽ هڪ عورت شامل آهي. بحالي ڪاتي واري صوبائي صلاحڪار گياتچند ايسراڻي جي هدايت تي ريسڪيو 1122 جي عملي فوري طور آپريشن ڪيو ۽ متاثرن کي اسپتال پهچايو. گياتچند ايسراڻي فوت ٿيلن جي خاندان سان تعزيت ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت تڪڙي امداد ۽ عوام جي تحفظ لاءِ ريسڪيو ادارن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي رهي آهي. ريسڪيو 1122 ۽ ايس آءِ اي ايچ ايس جي جوانن بهادري ۽ فرض شناسيءَ جو عملي ثبوت ڏنو آهي. اسان ڪنهن به ايمرجنسي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار آهيون

بقايا 2 | احتجاجي مظاهرو

خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جنهن جي قيادت اي ڊبليو پي جي ضلعي اڳواڻ عيدن ميراڻي ڪئي. ان موقعي تي زوردار نعري بازي ڪئي ۽ عيدن ميراڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته آمريڪي حملو سامراجي جارحيت جو عمل آهي. هي دنيا جي سڀني قانونن ۽ اصولن جي خلاف هڪ کليل جارحيت آهي. اسان ان جي مذمت ڪريون ٿا. انهن کي فوري طور تي عزت سان آزاد ڪيو وڃي ۽ انهن کي پنهنجي ملڪ واپس آندو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته جتي به زمين ۾ تيل، گئس ۽ قدرتي معدنيات آهن، اتي سامراجي طاقتن جي وچ ۾ پراڪسي ذريعي جنگ جاري آهي. آمريڪا هر هنڌ سازشون ڪري ٿو ۽ بدعنوان فوجي جنرلن ذريعي حڪومت جي تبديلي آڻي ٿو جتي لالچي غدار جنرل نه ملندا آهن، اهو وينزويلا واڱر پاڻ ڪم ڪندو آهي. هنن ته آمريڪا عراق، لبيا ۽ ٻين ملڪن واڱر پنهنجو تيل حاصل ڪرڻ لاءِ خوني جنگيون ڪري پنهنجا مقصد حاصل ڪري ٿو هن وقت دنيا انتهائي غير محفوظ ٿي چڪي آهي. دنيا ۾ ڪا به اهڙي طاقت ناهي جيڪا آمريڪي سامراج کي هن عمل کان روڪي سگهي. اسان سڀ وينزويلا جي ترقي پسند، محب وطن ۽ قوم پرست عوام سان پنهنجي مضبوط يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا.

بقايا 3 | احتجاجي مظاهرو

۽ ٻين ڪئي احتجاج دوران اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته شهر ۾ نه رڳو گيس جو پريشر تمام گهٽ آهي، پر ڪاڏي جي وقت گيس جي فراهمي مڪمل طور بند رهي ٿي هنن جو چوڻ هو ته گهرن ۾ گيس جو پريشر بلڪل به نٿو اچي، پائپن ۽ چولهن مان رڳو خالي هوا نڪري ٿي، جڏهن ته چولهو هلائڻ سان گيس ميٽر هلڻ شروع ٿي وڃي ٿو جنهن سبب صارفين کي روزانو لکين رپين جو مجموعي نقصان ٿي رهيو آهي.هنن وڌيڪ چيو ته هنن ڪيترائي ڀيرا سوئي گيس خيرپور جي عملي کي شڪايتون ڪيون آهن، پر عملو مسئلو حل ڪرڻ بدران صارفين کي وڌيڪ نقصان پهچائڻ تي لڳو پيو آهي.احتجاج ڪندڙ شهرين مطالبو ڪيو ته فوري طور تي مناسب پريشر سان گيس فراهم ڪئي وڃي، صارفين جون شڪايتون دور ڪيون وڃن.

بقايا 4 | انصاف جو مطالبو

شاهن ۽ علي در کي گم ڪرائي ڇڏيو آهي هنن چيو ته پوليس بااثرن جي واڳڻ وهندي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جو ڌمڪيون ڏئي رهي آهي ته زمين تان هٽ ڪٿو ته پوءِ توهان جا نوجوان آزاد ڪنداسين هنن چيو ته بااثر پوليس جا اٽالا سان ڪري گهرن ڌرهائي ٿو ۽ قبضو ڪري ٿو هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي انڪوائري ڪئي وڃي ۽ ٻه نوجوان آزاد ڪرائي ڏنا وڃن.

بقايا 5 | ڳوناٺو فوت

بيريئر سان ٽڪرائجڻ سبب ڳوٺ فقير محمد بروهي واسي 48 ورهين جو محمد نظر بروهي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي علائقي واسين پهچي رورل هيلٿ سينٽر سرهاڙي پهچايو جتي ڊاڪٽر نه هئڻ سبب زخمي تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو جڏهن نه ٻڌايو پيو وڃي نه فوتي محمد نظر بروهي پنهنجي مائٽن جي شادي جي دعوت مان واپس ڳوٺ اچي رهيو هو ته ڪيس روڊ تي پيل بيريئر سان ٽڪرائجي زخمي ٿي پيو جنهن بعد علائقي واسين زخمي کي سرهاڙي اسپتال پهچايو جتي فرسٽ ايڊ نه ملڻ ۽ ڊاڪٽر موجود نه هئڻ سبب تڙپي تڙپي دم ڏئي ڇڏيو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 6 | گهيرو تنگ ڪيو

جي فرياد تي ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ گهيرو تنگ ڪري ورتو آهي

بقايا 7 | پيرپاڳارو

ته مان جماعت ۾ جتي به ويندو آهيان پنهنجي ٻارن نياڻين سان گڏ ويندو آهيان چاڪاڻ ته مون وٽ جماعت به ٻارن ٻچن سميت ايندي آهي موٽڪي خليفن جون شڪايتون آينديون رهيون مان درگذر ڪندس رهيس ڪافي شڪايت طلب ڪاٿيوءِ ڪجهه قدم کنيم خليفن ۾ ردوبدل ڪيو آهي ڪجهه ماڻهن جي نظر ۾ ٿي سگهي ٿو غلط ڪم هجن ليڪن مان ذات لاءِ نه پر جماعت ۽ درگاه لاءِ قدم کنيا آهن مان جيڪي به فيصلا ڪيا آهن سي جماعت ۽ درگاه جي ڀلائي لاءِ ڪيا آهن مان جيترو وقت آهيان جو فيصلا ڪيا آهن اهي ته مٿيا جيڪو دنيا ۾ آيو آ هي دنيا فاني آ خدا تعالي جيڪو ڪم مقرر ڪيو آ جڏهن اهو ڪم ٿي ويو خدا تعالي فرمايو آهي ته هاڻي تنهنجو ڪم پورو ٿي ويو آ هاڻي تنهنجو وقت پورو آ دنيا ۾ جيڪي به پيغمبر، ولي آيا اهي به پنهنجو ڪم پورو ڪري هليا ويا هر گهر ۾ غمي ۽ خوشي اچڻي آهي جيستائين مان آهيان مان پوري ڪوشش ڪندس ته خليفا ۽ درگاه جا خليفا جيڪو به غريب اچي ان کي عزت ڏين جيڪو خليفو جماعت ۽ درگاه جي اصولن تي نه هلندو اهو اسان سان نٿو هلي سگهي حرن جي روحاني پيشوا وڌيڪ چيو ته پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏيو اگر توهان سمجهو ٿا ته اوهان جو ٻار پڙهائي ۾ ڪمزور آهي ته انهي کي ڪنهن هنر سان لڳايو ته جيئن ڪنهن هنر جي قابل ٿي سگهي ٻارن جي تربيت تي نظر رکو خدا تعالي ڪري اوهان جا ٻار پڙهي ڪري آفيسر ٿين زميندار،زراعت ۾ گذريل ڇهن سالن کان ڪاٻه قيمت ڪانه ٿي ملي تعليم هوندي ته اوهان جا ٻار نوڪري ڪري سگهندا اوهان وانڌا وينا آهيو ته درود شريف جو ورد ڪيو پير صاحب پاڳاري جي هن روحاني سفر دوران علائقي ۾ خوشي ۽ روحاني سڪون جي لهر ڇانيل رهي. ۽ هن روحاني سفر ۾ وڌيڪ ته پڪيون دعوتون دعوت اصو تڙ ۽ دعوت لنگ فقير جاري رهنديون جتي پير صاحب پاڳارو به راتيون قيام ڪندو ۽ مريدن کي ديدار جو شرف بخشيندو.حرن جو روحاني پيشوا پير صاحب پاڳارو نڪرائو ويجهو ڳوٺ سڄڻ فقير مگريو ۾ پيرو فقير سنگت مست فقير جي دعوت تي پهتو پاڪ فوج لاءِ دعا ڪيو دهشتگردي سان حڪمران نه پر فوج منهن ڏئي رهي آهي، زراعت پنجن ڇهن سالن کان پوئتي آهي، جنس جو مناسب اگهه نه پيو ملي، ان لاءِ جوپايو مال ڌاريو

بقايا 8 | بڪ هڙتال جاري

ذوالفقار شر ڳاڃي خان مري، سائين ڏنو شر پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت شامل. معذورن جو چوڻ آهي سنڌ حڪومت معذورن لاءِ اعلان ڪيل پنج سيڪڙو ڪوٽا تي عمل نه ڪري ڪين معاشي بدحالي طرف ڌڪي ڇڏيو آهي، جڏهن ته ڪين ماهوار وظيفو به نه ٿو ڏنو وڃي. معذورن چيو ته سخت سيءَ ۽ ٿڌ سبب عام ماڻهو گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن. پر اسين معذور پنهنجي ٻچڙن سميت کليل آسمان هيٺ ٻاهر ٻاري ويٺل آهن. چو ته بک، بيروزگاري ۽ بي وسي اسان کي احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي.هنن چيو ته سندن ٻار بيمار ٿي رهيا آهن. پر اختيارين طرفان ڪا به سار سنڀال نه ڪئي پئي وڃي، نه ڏينهن گذرڻ باوجود پيپلزپارٽي جام صاحب ۽ ضلع انتظاميه جو ڪو به نمائندو اسان لڙي ناهي آيو نه ئي اسان جي احتجاج جو نوٽيس ورتو اٿن.معذورن حڪومت سنڌ، وزيراعليٰ سنڌ، ٽڪ جي ايم اين اي خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري، ايم پي اي ميڊم عذره فضل پيچوهو ۽ لاڳاپيل کاتن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور معذور ڪوٽا تي نوڪريون ڏنيون وڃن، ماهوار وظيفو جاري ڪيو وڃي اسان معذورن سان انسانيت جي بنياد تي انصاف ڪيو وڃي، بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو.

بقايا 9 | مارجي ويو

سلسلي ۾ لاڙڪاڻو پوليس جي ضلعي ترجمان پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته لاڙڪاڻو پوليس گيريلو ٿاڻي جي حد ۾ مقابلي دوران 60 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل 25 لک انعام يافته بدنام ڌاڙيل ڪيهر عرف ڪيهو جتوئي ماري ڇڏيو آهي. ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري چيو ته پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل انعام يافته ڌاڙيل ڪيهو جتوئي ڪجهه ڏينهن اڳ مقابلي ۾ مارجي ويل ڌاڙيل ساٿي جتوئي جو سوٽ هو جن جي ٽولي علائقي ۾ رڻ پاريو هو شهري بيزار هئا، سندس قبضي مان هٿيار به مليا آهن، سندس ٻين ساٿين جي ڳولها جاري آهي.

بقايا 10 | منتخب

گذري جنهن ۾ اتفاق راءِ سان قربان علي گلال کي صدر چونڊيو ويو ، نائب صدر انصار احمد ميراڻي،جنرل سيڪريٽري سارنگ جکڙ جوائنٽ سيڪريٽري بشير احمد ٺاريجو چيئرمين ورڪنگ ڪاميٽي لياقت علي جکڙ ، انفارميشن سيڪريٽري ڪوڙل خان ڪوري ، خزانچي ۽ آفيس سيڪريٽري محبت علي ٺاريجو ۽ درمحمد ميمڻ ، مجاهد ميمڻ،اسلم ڀٽ ۽ طارق علي سيال ميمبر طور چونڊيا ويا.ان موقعي تي نئين چونڊجي بادي اهو وچن ورجايو ته هميشه جيان هر سياسي سماجي مسئلي تي آواز اٿارينداسين ۽ هيڻن جو آواز بڻبا سين.

بقايا 11 | خراج تحسين

وساري نه ٿيون سگهجن، سنڌ هن ادب جي ترائي ڪردار کي ڪڏهن به وساري نه ٿي سگهي، خاص مهمان حبيب حضوري چيو ته بزم روح رهاڻ وساريل ڪردارن کي ياد ڪري پنهنجو ادبي فرض نڀايو آهي، اعزازي مهمان ناميور اديب پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم چيو ته جمال رند جي شرڪت ڪاٿسواءِ ادبي محفلون ويران هونديون هيون، هو محفلن کي گيت ڳائي به گرمائيندو هو محبت ڪرڻ وارو انسان هو سنڌي ادبي سنگت شاخ حيدرآباد جي سيڪريٽري تاج جويي چيو ته جمال رند روح رهاڻ رسالي جو پهريون ايڊيٽر هو هن جون ڪهاڻيون سماج جو آئينو آهن ، تعليمي ماهر ادريس جتوئي چيو ته جمال رند ون يونٽ جي زمانتي ۾ ٻين اديبن سان گڏ جدوجهد ڪئي، گڏجاڻي شروع ٿيڻ وقت بزم روح رهاڻ جي سيڪريٽري جنرل واحد ڪانڌڙي آگاهي ڏني ته نئين سال ۾ بزم روح رهاڻ جي نئين عهدن خزانچي تي ساٿي صالح ڪاتيار ۽ آديٽر جي عهدي تي شيرل گوپانگ کي مقرر ڪيو ويو آهي. هن کان اڳ سليم چنا آديٽر ۽ درياخان پيرزادو خزانچي جي عهدن تي هئا گڏجاڻي ۾ ساٿي صالح ڪاتيار شيرل گوپانگ، ، خير محمد عاشق سولنگي ، مڪيش بارڻائي ،سڪندر ڪوسو دريا خان پيرزادو ، طالب پنهور ،مولابخش محبتي، سليم چنا ۽ عمران سومري جمال رند کي لنظن جي پيتا پيش ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ احساس ميرل، فقير دوست محمد، جليل احمد، غلام حسين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 12 | احتجاجي مظاهرو

احتجاج ڪندي ڏاڍهيو ته اسان 10 سالن کان ٽرڪول تي ڊمپر ڊرائيور طور ڊيوٽيون ڪري رهيا آهيون،اسان جي ليبر قانون ۾ شامل آهي ته ڪمپني پنهنجي ڪمائيءَ جي بينيفٽ مان 5 پرسن ڊبليو پي پي ايف فنڊ اسان کي ڏيندي،ڪمپني اسان سان واعدو ڪيو هو ته ليبر فنڊ ذريعي الاٽونس ڏنو ويندو،اسان جو ڊبليو پي پي ايف فنڊ روڪيو ويو آهي جيڪو نه ٿو ڏنو وڃي،ڪمپني اسان سان واعدو ڪيو ته جلد ڊبليو پي پي ايف فنڊ توهان کي جاري ڪيو ويندو پر واعدو گذري وڃڻ باوجود اهو الائونس نه ٿو ڏنو وڃي فنڊ لاءِ احتجاج ڪيو ته اسان جو کاڌو پيتو ۽ پاڻي بند ڪيو ويو آهي اسان کي بليڪ لسٽ ڪري فارغ ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون اڄ اسان ٻاهر نڪري پنهنجا حق وٺڻ آيا آهيون،اسان جو فنڊ جاري نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ ڪم تي واپس نه ويندا سين.هوڏانهن سنڌ اينگرو ڪول مائيننگ ڪمپني پاران جاري ڪيل پريس پڌرائي موجب ته ٿرڊ پارٽي ٺيڪيدار ڪمپني ۽ ان جي ملازمن جي وچ ۾ پگهارن ۾ واڌ ۽ ٻين مراعتن جي معاملي تي ڳالهيون هلندڙ آهن،ٺيڪيدار ڪمپني تازو ئي ڊرائيورن جي پگهارن ۾ واڌ ڪئي آهي ۽ سمورا معاملا لاڳو ڪيل سمورن قانوني گهرجن تحت حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو آهي. ٻئي ڌريون پر اميد آهن ته معاملي جو جلد بهتر حل ڪڍيو ويندو.هڪ سماجي طور تي ذميوار ڪمپني جي حيثيت سان،ايس اي سي ايم سي پنهنجي ٺيڪيدار ڪمپنين ۽ لاڳاپيل پاڻيوارن سان سهڪار ڪندي ۽ اميد رکي ٿي ته اهي سمورن قانونن ۽ لاڳاپيل طريقيڪار جي مڪمل تعميل کي يقيني بڻائيندا.

بقايا 13 | نعيم الرحمان

وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.تقريب کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان چيو ته آمريڪا ۽ اسرائيل کي ايران جي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جو ڪو به حق ناهي ۽ پاڪستان کي آمريڪا جي حمايت نه ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته اسلام جي نظام جي ٽالي تي ٺهندڙ ملڪ ۾ عوام کي جاگيردارن ۽ وڏيرن يرغمال بڻائي رکيو آهي. ملڪ جا 78 لک ٻار تعليم کان محروم آهن ۽ سنڌ مسئلستان بڻجي چڪي آهي. هن وڌيڪ چيو ته انڊرين سنڌ ۾ صحت جون سهولتون انتهائي ناقص آهن. جنهن سبب ماڻهو علاج لاءِ ڪراچي جي اسپتالن جو رخ ڪن ٿا. هر طرح سان غريب ماڻهن جو استحصال ٿي رهيو آهي. سنڌ کي "چيمبش" بڻائڻ جا دعويدار سنڌ کي بنجر بڻائي ڇڏيو آهي، جڏهن ته وفاق طرفان فنڊن جي نه ملڻ جا الزام لڳائيندڙ سنڌ جي بجيٽ کي سالن کان ڪاغذن ۾ ئي خوردبرد ڪري رهيا آهن، جن ڪان ڪو به پڇڻ وارو ناهي. حافظ نعيم الرحمان چيو ته انهن سڀني چيلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ديني تعليم جي سخت ضرورت آهي. هن چيو ته جماعت اسلامي طرفان لاهور کان شروع ڪيل "بدلو پاڪستان" تحريڪ ۾ سنڌ جي عوام کي ڀرپور نموني سان حصو وٺڻ گهرجي.هن چيو ته مفت آئي ٽي ڪورسز وسيلي ٻارن کي جديد تعليم سان گڏ اخلاقي ۽ ديني تربيت به ڏني ويندي. آخر ۾ هن چيو ته عوام جي طاقت ۽ الله پاڪ جي مدد سان ملڪ مان ظلم ۽ جبر جو نظام ختم ڪيو ويندو.

بقايا 14 | عملدار معطل

معطل ڪيو ويو آهي سيپڪو طرفان سيپڪو چيف سڪر مورو جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر عبدالستار چنه ۽ سيپڪو مورو جي ايس ڊي او بشير احمد جوڻيجو کي معطل ڪرڻ جا ليٽر جاري ڪيا ويا آهن معطل ڪيل سيپڪو جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر مورو ۽ ايس ڊي او مورو کي سڪر رپورٽ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو. آرڊر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته گذريل ڏينهن سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مورو پهتو جنهن دوران بجلي جي فراهمي مڪمل رهي ياد رهي ته گذريل ڏينهن سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مورو آيو ته مسلسل بجلي بند رهي هئي

بقايا 15 | تياري جاري

ڊسمبر کان 10 جنوري تائين ايريگيشن کاتي پاران بند ڪيو ويو هو پر مرمتي ڪم سست رفتاري سان هلڻ ڪري پيرڊ پورو ٿيڻ باوجود واهه ۾ پاڻي نه ڪوليو ويو آهي جنهن ڪري جام شورو ڪوٽڙي ۽ ٺٽي جا ڪيترا ئي علائقا پاڻي جي کوٽ سبب پيئڻ جي پاڻي کان محروم آهن رڳو ڪوٽڙي جا لکين ماڻهو پاڻي کوٽ سبب ڪربلا واري صورتحال ۾ مبتلا آهن ۽ پاڻي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي آهي هو ڏانهن ماڻهو مجبورن 4000 کان 7000 تاءِ في ٽينڪر خريد ڪري استعمال ڪري رهيا آهن ۽ با اثر ٽينڪر مافيا عوام کي ٻنهي هٿن سان لٽڻ ۾ مجبور آهي جنهن جو ضلعي انتظاميا ڪو ب نوٽيس نه ورتو آهي ٻي طرف ڪراچي واهه ۾ جهرڪ سائيڊ ۽ جام شورو وٽ هلندڙ مرمتي ڪم مڪمل ٿي نه سگهيو آهي جنهن ڪري عوام سخت پريشاني واري صورتحال ۾ مبتلا آهي

بقايا 16 | تياري جاري

بيان ۾ چيو آهي ته سنڌهاري ڪاميٽي جي باني ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جوويجهو ساٿي هاري هلچل جدوجهد ۾ پورهيتن هارين مزدورن شاگردن سميت مظلوم غريب عوام جي حقن لاءِ بهادري سان جدوجهد ڪندڙ هاري هلچل تحريڪ جي اڳواڻ ڪامريڊ محمدرمضان خاصخيلي جي چوٿين ورسي ملهائڻ لاءِ ڀرپورنموني سان تياري ڪئي پئي وڃي ڪامريڊ محمدرمضان خاصخيلي جي ڪيل هاري جدوجهد تي ڪيس هميشه سنڌجي تاريخ ۾ سونهري لنظن سان يادرکيويندو سنڌهاري ڪاميٽي جي صدرشرحيدرجتوئي چيوته پورهيت طبقي ۽هارين لاءِ پنهنجي زندگي ارپيندڙ ڪامريڊ محمدرمضان خاصخيلي جي چوٿين ورسي جي موقعي تي ڪيس پيتا ڏيندي سنڌپائي ڪانفرنس 15جنوري سال 2026ع خميس جي ڏينهن هڪ وڳي حيدرآباديريس ڪلب ۾ ورسي ملهائي پئي وڃي سنڌهاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر شرحيدرجتوئي سڀني کي ڪامريڊ محمدرمضان خاصخيلي جي ورسي ۾ شرڪت جوسڏڏيندي چيوته سنڌجي هارين پورهيتن مزدورن وڪيلن شاگردن صحافين اديبن دانشورن ڏاهن ساڃاهه وندن کي شرڪت جي اپيل ڪريون ٿا هن چيوته ڪامريڊ محمدرمضان خاصخيلي سچائي سان سنڌجي حقن هارين پورهيتن مظلومن جدوجهد ڪئي اهڙن املهه ماڻڪ شخصن کي پيتا ڏيڻ اسان سڀني جي زميواري آهي

بقايا 17 | حيدر شاهاڻي

اهڙن خيال جو اظهار سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سينيئر وائيس چيئرمين حيدر شاهاڻي بادهه ۾ پارٽي جي سينيئر اڳواڻ مرحوم ڪامريڊ قادر بروهي جي پهرين ورسي جي موقعي تي منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته جاگيردارن، سردارن، ميرن ۽ پيرن سنڌ کي لٽيو ۽ ڦريو آهي. طبقاتي توڙي قومي غلامي ۽ پورهيت طبقي سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف هٿ هٿ تي رکي ماٺ ويهڻ بجاءِ جدوجهد جي ضرورت آهي. حيدر شاهاڻي چيو ته سنڌ جو گورنر ڪامران ٽيسوري ۽ ان جي ٽيم سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهه ڪن پيا، پر اسين ڪين اهو واضح طور ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته سنڌ ڪنهن جي پيءُ جي جاگير ناهي ۽ سنڌ سنڌين جو تاريخي مادر وطن آهي. ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ ايس ٽي پي هن سنڌ دشمن لسائي ٽولي جي ناپاڪ ارادن کي اڳ به خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو آهي ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو ايم ڪيو ايم کي سنڌ مان نيڪالي ڏني ويندي. هن چيو ته ڪامريڊ قادر بروهي سنڌ ترقي پسند پارٽي جو اثاثو هو هن پنهنجي سڄي چمار مادر وطن سنڌ جي مظلوم، محڪوم ۽ پورهيتن جي حقن لاءِ جاکوڙيندي گذاري، سندس وڇوڙو پارٽي جي اندر هڪ وڏو خال آهي ۽ مرحوم ڪامريڊ قادر بروهي جي سياسي ۽ سماجي خدمتن کي سنڌ جي تاريخ ۾ سهڻن لنظن سان لکيو ويندو. جلسي کي هوت خان گاڏهي، حميد ميمڻ، خير محمد مگسي، جان محمد جوڻيجو، احمد نواز بروهي، عرفان بروهي، اصغر نوناري، عزيز بروهي، زيب علي ساريو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. هوڏانهن ايس ٽي پي قيادت جو بادهه پهچڻ تي ڪارڪنن شاندار استقبال ڪيو جڏهن ته ايس ٽي پي جي مرڪزي سينيئر وائيس چيئرمين حيدر شاهاڻي مرڪزي قيادت سان گڏ مرحوم ڪامريڊ قادر بروهي جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه پڻ پڙهي. ٻئي طرف ايس ٽي پي جي مرڪزي قيادت بادهه لڳ ڳوٺ ڪوٽ مرزا ڪالو پهچي پيرلوءِ ڊرٽي جي شهيدن جي پونئيرن سان تعزيت ڪئي ۽ سندن مزارن تي حاضري ڀري.

بقايا 18 | ملهائي وئي

ويا آهن مهراڻ هاءِ وي نواب شاهه کان ڪنسبءَ کان اڳتي تائين تي هلندڙ ٽريفڪ متاثر ٿي وئي آهي ٿڌ ۾ واڌ سبب اڪثر ماڻهو گهرن تائين محدود ٿي رهجي ويا آهن مسلسل سخت ڪوهيڙي سبب ٿڌ ۾ اضافو ٿيڻ ڪري اڪثر ماڻهون دمي جا مريض پيرسن ڪنگهه زڪام ڇاتي سميت مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ لڳا آهن گذريل ٽن ڏينهن کان مسلسل رهواسي پنهنجي گهرن ڀاتين خصوصن معصوم ٻارڙن کي ٿڌ کان بچائڻ لاءِ وڌ کان وڌ احتياط ڪريرهيا آهن

بقايا 19 | غلام حيدر شاهه

آسائش ڏئي سگهي ٿي، پر اخلاقي ۽ روحاني امارت ئي انسان کي حقيقي ڪاميابي عطا ڪري ٿي مرڪزي عيدگاهه پنگريو ۾ "امير ٿيڻ جا حقيقي اسباب" جي عنوان سان منعقده محفل درود پاڪ ۾ خطاب ڪندي غلام حيدر شاهه ڪاظمي چيو ته موجوده دور ۾ معاشرو بيچيني، اخلاقي بگاڙ انتها پسندي، ڊپريشن ۽ ذهني انتشار جو شڪار آهي، جنهن جي بنيادي سبب الله جي حڪمن کان پري هجڻ ۽ فطرت جي اصولن تي عمل نه ڪرڻ آهي. هن چيو ته الله جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ۽ حضور صلي الله عليه وسلم تي درود پاڪ جي ڪثرت سان نه رڳو ذهني ۽ قلبي سڪون ملي ٿو پر انسان دنياوي ۽ اخروي ٻنهي ميدانن ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو.غلام حيدر شاهه ڪاظمي چيو ته معاشري جي سڀ کان قيمتي دولت ان جو نوجوان طبقو آهي، پر افسوس ته اڄ نوجوان سڀ کان وڌيڪ مسئلن جو شڪار ٿي رهيا آهن. رات جو موبائل فون ۽ غير ضروري سرگرمين جي ڪري نوجوان ذهني ۽ جسماني بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن. اسپتالن ۾ نوجوانن جي وڏي تعداد محض موبائل جي حد کان وڌيڪ استعمال سبب پهچي رهي آهي، جيڪا معاشرتي الميه بڻجي رهي آهي.هن چيو ته اسان دنياوي ڪاميابين ۾ ايترا مشغول ٿي ويا آهيون جو آخرت کي مڪمل طور وساري ڇڏيو آهي. دين جي بنيادي تعليمات، اخلاقي ذميواريون ۽ معاشرتي قدرن کي پٺتي ڇڏيو ويو آهي، جڏهن ته حقيقي ڪاميابي آخرت جي سرخروئي ۽ الله جي رضا ۾ آهي. هن زور ڏنو ته نوجوانن ۽ معاشري جي اصلاح صرف ان وقت ممڪن آهي جڏهن اسان قرآن ۽ سنت کي پنهنجي زندگي جو مرڪز بڻايون.محفل درود پاڪ ۾ وڏي انگ ۾ شهري شامل ٿيا. درود ۽ سلام جي گونج سان روحاني ماحول پيدا ٿيو، جڏهن ته شرڪاءِ روحاني خطاب کي معاشري جي بهتري لاءِ راهنما قرار ڏنو

بقايا 20 | منظور علي جانوري

انڪروچمنٽ جاتي زبردستي سيل ڪرڻ واري معاملي تي ان ڏينهن راڌڻ جي مزاحمتي شخص يوٿ ضلعي دادو جي صدر مير مرتضي گورڙ مزاحمت ڪري دڪانن کي لڳل تالا ٽوڙيا هن سلسلي ۾ ٽاؤن ڪاميٽي جي اڳوڻي چيئرمين سردار منظور علي خان جانوري صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مان راڌڻ ۾ پڙهيو آهيان ۽ ٽاؤن جو چيئرمين پڻ رهيو آهن 1936 کان وٺي راڌڻ جي گلي گلي کان واقف آهيان مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ريلوي وارن کي ڪنهن ٻڌايو آهي يا کهڙي حساب ۾ ته هيءَ ريلوي پراپرٽي آهي قيام پاڪستان کان وٺي هيءَ سڀ جڳهون ۽ پلاٽ ڪليمنٽ جون هيون ۽ ڪجهه ايريگيشن کاتي جون هيون ان کان پوءِ اتي انور رهندو هيو اعوان رهندا هيا پوءِ عبدالرحيم چانڊيو آيو اڪثر پراپرٽيون آزاد خان پٺاڻ جون هيون ريلوي وارن جو ان سان واسطو ئي ناهي کهڙي حساب سان اچي هتي آپريشن ڪيو آهي يا انهن کي هتي آندو ويو آهي ۽ چواچي هنن هتي پبلڪ کي پريشان ڪيو آهي ۽ دڪان سيل ڪيا آهن هنن کي شهرين کي ڪو نوٽيس ڏيڻو ڪيندو هيو يا سندن موقف وٺڻ ڪيندو هيو

بقايا 21 | احتجاج

باوجود چٽني واردن ۾ هڪ ريٽي جو ترقياتي ڪم ناهي ڪرايو ويو چٽن واردن جا ماڻهو مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن، شهر جي درگاهه پرسان خاصخيلي پاڙو، سولنگي پاڙو ۽ ڏاهري پاڙي سميت مختلف ڪالونيڻ ۾ گندگي جا ڍير لڳل آهن گٽر نالا بند هئڻ ڪري گندو پاڻي گلين جي صورت ۾ بيٺل آهي ان ڪري مڇرن جو پڻ آزار وڌي ويو آهي ۽ ٻهراڙي جي واردن ۾ ڪٿي به ترقياتي ڪم ناهي ٿيو اسان اعلي اختيارين کان مطالبو ٿا ڪيون ته ٽاؤن ڪميٽي ۾ ايندڙ جي مڪمل جاچ ڪري چٽن واردن ۾ ترقياتي ڪم ڪرائي عوام کي سهولتون ڏنيون وڃن ۽ ٽاؤن ڪميٽي ۾ ايندڙ بجيت هڙپ ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 22 | ڊرٽو روڊ بلاڪ

اڳواڻن ابوبڪر ڪڇي، حسام نظاماڻي، سريش مهيشوري، عدنان چانگ، حبيب الله ٻير ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بائيڪو پيٽرول پمپ کان شهيد فاضل راهو چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري ڊرٽو هٽي روڊ بلاڪ ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نوجوان چيو ته غريب آباد ڪالوني وارڊ چار ڪوڙيگهنور جو سڀ کان وڌيڪ آبادي رکندڙ آهي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته هن ڪالوني ۾ ڪابه بنيادي سهولت ناهي، تڪ جي چونڊيل نمائندن سميت چيئرمين ٽاؤن ڪميٽي پاران گذريل 15 سالن کان ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪيو وڃي پيو هنن چيو ته گٽر نالا، گهٽيون ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي سميت ڪابه بنيادي سهولت نه آهي، هنن وسوارين اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته غريب آباد ڪالوني وارڊ نمبر چار ۾ تمام بنيادي سهولتون ڏئي رهواسين جا اهنج دور ڪيا وڃن، بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 23 | منظور ميمڻ

دي گئس فراهم ڪئي ويندي هئي، پر هاڻي ذخيرن ۾ گهٽتائي سبب صارفين کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. منظور ميمڻ چيو ته سنڌ پر جا صارفين پريشان نه ٿين، چو ته مجبوري تحت گهٽ پريشر ۽ گئس لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي.ريجنل ڊي جي ايم سوئي سدرن گئس ڪمپني اميد ظاهر ڪئي ته جيئن ئي گئس جا ذخيرا وڌندا، تيئن گئس لوڊشيڊنگ ختم ڪئي ويندي. هن چيو ته صارفين کي رليف فراهم ڪرڻ ڪمپني جي اولين ترجيح آهي.منظور ميمڻ وڌيڪ چيو ته پراڻن گئس ميٽرن ۾ ڪاربان اچڻ سبب گئس سلو ٿي وڃي ٿي، اهڙي صورتحال ۾ صارفين جا گئس ميٽر تبديل ڪيا وڃن ٿا.هن سوئي سدرن گئس ڪمپني جي ملازمن کي هدايت ڪئي ته سنڌ ۾ عوام جي جائزمسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي ۽ پاڻ کي عوام جو خادم سمجهي خدمتون سرانجام ڏنيون وڃن. منظور ميمڻ خبردار ڪيو ته شڪايت يا ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ لاڳاپيل عملي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 24 | ڪرڻ جي دعوي

ڇاپا هڻي رهي آهي. ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو ان اهم ڪارروائي تي پوليس ٽيم جي حوصلا افزائي ۽ محنت کي ساراهيو آهي، ۽ ان قسم جي ڪاميابين کي جاري رکڻ لاءِ انهن جي سرپرستي ڪري رهيا آهن.

بقايا 25 | دعوي

پاڻي واري موٽر سميت ٻيون چوري ٿيل سامان برآمد ڪري، انهن خلاف الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.واضح رهي ته گرفتار ڌوهاري خدا بخش گوپانگ نارا چونڊڪو شهر ۾ رتن ڪمار ميڊيڪل اسٽور مان چوري ڪئي هئي، جنهن کي پوليس ٽيم سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان ٽريس ڪري گرفتار ڪيو گرفتار ڌوهارين کان وڌيڪ جاچ جاري آهي، جڏهن ته ايس ايس پي خيرپور پوليس ٽيم جي هن ڪامياب ڪارروائي کي ساراهيو آهي.

بقايا 26 | تياريون مڪمل

محمد پلي درگاهه شريف جي مريدن خادمن توڙي عقيدت مندن سان گڏ صبح سوير قرآن پاڪ جي ختمن بعد مزار شريف تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جي رسمن جو افتتاح ڪندو عرس مبارڪ جي حوالي سان درگاهه شريف جي گاديءَ نشين فقير حاجي در محمد پليءِ صحافين سان ڳالهائيندي سالياني عرس مبارڪ جي حوالي سان ٻڌايو ته هر سال جيئان هن سال سائين شاهه مصراڻي رحمت الله عليه جو عرس مبارڪ نهايت جوش جذبي سان ملهائڻ جون تياريون عروج تي آهن هر سال جيان اسان جي رسم آهي ته صبح سوير درگاهه شريف جي اڱڻ تي قرآن پاڪ جو ختمون پڙهائي بعد ۾ شام جو ملهه ملاکڙن جو سستم ٿيندو ان کان بعد ۾ صوفي راڳي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا گادي نشين وڌيڪ ٻڌايو ته هن عرس مبارڪ ۾ اچڻ جي دوستن کي دعوت آهي جيڪي محبت ۽ امن امان سان ميلو گهمي وڃن جڏهن ته ميلي ۾ اعلي قسم جي منائي جا مرڪز ٻارن جي وندر لاءِ ريل گاڏي چوڏول ۽ راندڪن جا دوڪان پڻ لڳايا ويا آهن

بقايا 27 | چونڊجي ويا

لاءِ نئين بادي چونڊي وئي. چونڊن دوران صدر طور فريد مغل، نائب صدر اسد ناز بادلاڻي، جنرل سيڪريٽري ساجد قائمخاني، جوائنٽ سيڪريٽري عالمگير پٺاڻ، انفارميشن سيڪريٽري عبدالحق گوڏرائي ۽ آفيس سيڪريٽري غلام محمد مري چونڊجي آيا. ان کان علاوه ڪورنگ بادي ۾ هاشم مري، زاهد سنڌي ۽ شهزاد قائمخاني شامل ٿيا، جڏهن ته ورڪنگ ڪميٽي ۾ چيتن سونٿي، قبول درس، ولي محمد درس ۽ مزار مري کي شامل ڪيو ويو. ميمبرن ۾ عطا محمد خان نيازي، سليم سميجو ۽ محمد درس مقرر ٿيا. چونڊن کان پوءِ انجمن تاجران تعلقه ڪيرو جي صدر جاويد عالم قائمخاني ۽ جنرل سيڪريٽري ساوڻ هنگورو طرفان نئين چونڊيل بادي کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني وئي ۽ سنڌ جي ثقافت جي علامت طور چونڊيل عهديدارن کي سنڌي اجرڪ پهرائي عزت افزائي ڪئي

بقايا 28 | پروگرام

علي عليه اسلام جي زندگي تي روشني وڌي ۽ قصيده خواڻي ڪئي ويئي هنن چيو ته مولا ڪائنات علي ابن ابي طالب عليه السلام اسلام جي علم کي بلند ڪرڻ لاءِ پنهنجي آل جون قربانيون ڏنيون آهن ۽ دنيان ۾ اسلام کي ڦهلايو ويو

بقايا 29 | ياد ۾ جلسو

ڪئي، جنهن کي خطاب ڪندي قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر محترم اياز لطيف پليجو صاحب چيو ته ڪوٽڙيگهنور جڏهن ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڏکيو وقت آيو ته پيپلزپارٽي جا اڪثر وڏيرا ميدان ڇڏي ڀڄي ويا ت اٿهيءَ کي وقت ۾ شهيد فاضل راهو محترم بينظير ڀٽو صاحبه سان جدوجهد جي ميدان ۾ گڏ هئا فاضل راهو سنڌ ڌرتيءَ جو سچو ۽ وفادار ساٿي هيو ايم ار ڊي تحريڪ ۾ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه سان گڏ جرنل ضياء الحق جي آمريت کي رسول بخش پليجو ۽ شهيد فاضل راهو گڏجي آمريت کي للڪاريو ضياء الحق جي دور ۾ آمريت جي جدوجهد ۾ پيپلزپارٽي جا سيد قائم علي شاهه منظور حسين وساڻ جهڙا ورڪر گڏ رهيا جيلن ۾ ويا باقي وڏيرا ڀڄي ويا جيڪي هر ڏکئي وقت ۾ ڀڄي ويندا آهن سنڌي ماڻهو فاتحن جون ميراڻ رکي ويٺا رهندا ته هو سنڌ ۽ سنڌين جي مقدر ڪڏهن به بدلي نه ٿيندو ، سنڌ جي تاريخ ۾جدوجهد ۽ تحريڪون ياد رکيون وينديون نه ڪي شاديءَ جون تقريبون ، وئيزيلا تي آمريڪا حملو ڪيو ايران تي حملي جون تياريون ڪيون پيون وڃن جتي جتي وسيلا آهن ته اتي سامراجي قوتن انهن ملڪن تي حملا ڪري رهيا آهن ۽ انهن قدرتي وسيلن سان سنڌ به مالا مال آهي ته هاڻي دنيا جي سامراجي قوتن جون ميريون اکيون سنڌ ۽ پاڪستان ڏانهن اهن پاڪستان ڀارت کي تاريخي جنگ ۾شڪست ڏئي سندس جهاز ڪيرائي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي پر هاڻي پاڪستان جي رياست ۽ حڪومت کي ڪي گهرجي ته عوام کي طاقتور بڻائي ۽ گڏجي ڪٺي رياست ۽ پاڪستان کي مضبوط مستحڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ، حماس جڏهن اسرائيل تي حملا پئي ڪيا ته ڪجهه قوتن جشن ملهائي رهيا هئا پر اڄ لکين فلسطيني معصوم ٻارڙي کي بي رحم سان ماريو پيو وڃي، اسان پنهنجي قوم ۽ انهيءَ جي معصوم ٻارڙي کي مارائڻ نه پر اسڪولن ۽ يونيورسٽي ۾ پڙهائڻ چاهيو ٿا عوام کي شعور ڏيڻ چاهيون ٿا وفاقي پارٽيون جڏهن اپوزيشن ۾ هونديون آهن ته سنڌ پرست بڻجي وينديون آهن پر جڏهن اقتدار ملندو آهي ته سنڌ دشمن فيصلا ڪندا آهن سنڌو درياهه سڪائڻ سنڌ جا وسيلا هڙپ ڪري حڪمرانن ڪندا آهن سنڌ ۾ سوين ماڻهو بي درديءَ سان ماريا ويا ڪڏهن ڪيلاش ڪولهي ته ڪڏهن نادر جمالي جو لاش روڊن تي رکي ماڻهو انصاف جي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن عمران خان هجي ها نواز شريف يا اصف علي زرداري انهن وٽ سنڌ جي ايجنڊا آهي ئي ڪونه ، سنڌ دوست ايجنڊا وفاقي پارٽين وٽ آهي ئي ڪونهي، اصولن تي سوديبازي ڪري اقتدار آئون به حاصل ڪري سگهان ٿو پر اهڙي اقتدار تي لالعنت ٿو وجهان عمران خان جي دور ڊيم لاءِ ثاقب نثار جي سربراهي فنڊ جمع ڪيو ويو فنڊ نه ڏيڻ تي انهيءَ جي مخالفت ڪرڻ تي آرٽيڪل 6 لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تعليم علم حاصل ڪرڻ سان ئي قومن جا مقدر تبديل ٿيندا آهن سنڌي ماڻهو کي هر صورت تعليم حاصل ڪرڻ گهرجي ڪيڏيون به تڪليفون ڏسيبيون پون پر ڪاميابي يقيني بڻائڻ لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ گهرجي، تڏهن ئي ڪاميابيءَ ماڻيندا سين، جڏهن ته قومي عوامي تحريڪ پاران هاري ڪانفرنس ۽ شهيد فاضل راهو ڪانفرنس ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي جڏهن ته هاري ڪانفرنس ۽ جلسي ۾ قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي مقامي اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو جڏهن قومي گيت ۽ ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا ويا جڏهن ته اياز لطيف پليجو جو شاندار استقبال ڪيو ويو مٿس گلن جي ورکا ڪئي وئي.

بقايا 30 | ٻه ڄڻا فوت

سخت زخمي ٿي پيو فوت ٿيل نوجوانن جي سڃاڻپ ڳوٺ ٻهارو لاشاري جي رهواسين عمير لاشاري ۽ ذيشان لاشاري طور ٿي آهي، جڏهن ته زخمي نوجوان کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس موقع تي پهچي ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڊرائيور کي گرفتار ڪري ڇڏيو آهي. فوت ٿيل نوجوانن جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ۽ زخمي کي علاج لاءِ مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 31 | زندگي متاثر

به گهٽتائي اچي وئي آهي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ رهندڙ ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي، چو ته اسڪول وڃڻ ۾ ڏکيائون پيش اچي رهيون آهن. والدين موجب ٿڌ ۽ ڪوهيڙي سبب ٻارن کي اسڪول موڪلڻ خطري کان خالي ناهي.شهري توڙي ٻهراڙي وارا علائقا سرد لهر جي لپيٽ ۾ آهن. جڏهن ته موسميات کاتي موجب ايندڙ ڪجهه ڏينهن تائين موسم اهڙي ئي رهڻ جو امڪان آهي.

بقايا 32 | وارثن سان تعزيت

مگسي , ايس ٽي پي ضلع حيدرآباد جو صدر جان محمد جوڻيجو , نائب صدر رستم علي لاشاري , سثاف مرڪزي ڊيٽي ارگنائيزر ڪامريڊ عرفان علي بروهي , ضلع پريس سيڪريٽري سيد دلدار شاهه سومرا هائوس قاضي عارف پهچي ايس ٽي پي ضلع دادو جي صدر عبدالحميد سومرو , مختيار علي سومرو, فاروق احمد سومرو , شڪيل احمد سومرو , فيضان سومرو , غلام شبير سومرو , اياز علي سومرو , حاجي اياز علي سومرو ۽ ٻين سان سندس سوٽ مرحوم رئيس حاڪم علي سومرو جي وفات تي تعزيت ڪري دعا گهري ان موقعي تي ايس ٽي پي ضلع دادو جو رابطا سيڪريٽري مجيب چانڊيو , تعلقه ميهڙ صدر عبدالمجيد ڪوسو , جنرل سيڪريٽري رئيس غلام مصطفي مارفاڻي , تعلقا نائب صدر اياز علي سومرو , سٿ اڳواڻ ڪرم علي ڏيپر , رئيس مختيار چانڊيو , نور محمد سومرو , مهراڻ سومرو , شمس الدين سومرو , عاشق علي سومرو , محرم علي سومرو , لڪمير سومرو , حاجي نظير احمد سومرو , محمد پريل سومرو, رئيس ممتاز علي چانڊيو , شاهن سومرو , فقير مظهر سومرو , رزاق سومرو , شهزور سومرو , عمران سومرو ۽ ٻيا موجود هيا آيل مهمانن کي ايس ٽي پي ضلع دادو جي صدر عبدالحميد سومرو طرفان ريفريشمينٽ پڻ ڏني وئي آيل ايس ٽي پي مرڪزي قيادت کي ايس ٽي پي تعلقي ميهڙ طرفان ميهڙ باءِ پاس پهچڻ تي گلن جي ورکا ڪري ريلي جي صورت ۾ سومرا هائوس قاضي عارف پهچايو ويو

بقايا 33 | سلسلو جاري

کي نقصان پهچي رهيو آهي ۽ پاڻي اچڻ کان واهڻ ۽ روهڙي ڪئنالن کي گهارو به لڳي سگهي ٿو شهرين ۽ آبادگارن اعلي اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 34 | تعزيت ڪئي

گوهر مهر سميت سڄي سوڳوار خاندان سان گهري همدردي جو اظهار ڪيو. تعزيت دوران علائقي جون معزز شخصيتون، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سميت حر جماعت جا ذميوار پڻ موجود هئا. جن مرحوم جي وڇوڙي تي ڏک جو اظهار ڪندي دعا ۾ شرڪت ڪئي. پير پاڳاري چيو ته والده جو وڇوڙو هڪ ناقابل تلافي نقصان آهي، اهڙي ڏکي گهڙي ۾ صبر ۽ حوصلي سان برداشت ڪرڻ ئي بهترين عمل آهي. آخر ۾ فاتحه خواڻي ڪرائي وئي ۽ سوڳوار خاندان ۽ مهمانن لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي وئي

بقايا 35 | احتجاجي مظاهرو

اغوا خلاف ٺٽاري محلي کان آرٽر شاخ موري تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. مظاهري جي اڳواڻي ڪندي ضلعي جنرل سيڪريٽري انجي چنا، ٺاري جمهوري محاذ اڳواڻ فوزيا سينگار، رياض قليوٺو مصطفا ٺٽاري ۽ ٻين چيو ته آمريڪا سامراج پنهنجي پاڙيسري ملڪن کي جاگير سمجهي حملا ڪري رهيو آهي. چين روس جي سيڙپڪاري ۽ آمريڪا جو تضاد آزاد ملڪن جي حقن جي پائمالي جي صورت ۾ ظاهر ٿي رهي آهي. آمريڪا پاناما گوئٽي مالا، عراق، فلسطين، افغانستان، ايران ۽ ها وينزويلا تي حملا ڪري ڦرلٽ تيز ڪري ڇڏي آهي، تيل ۽ معدني وسيلن جي ڦرلٽ لاءِ آزاد ۽ خودمختيار ملڪن ۽ قومن تي ڪاهه ڪري رهيو آهي، هنن چيو ته عالمي لٽ سردار پنهنجي جارحيت قائم رکڻ لاءِ دنيا جو امن تباهه ڪري رهيو آهي، اهڙي ڪلي جارحيت خلاف محڪوم ۽ مظلوم قومن ۽ ملڪ کي هڪ ٿيڻو پوندو هنن چيو ته هڪ پاسي بدمعاش آمريڪا آزاد ۽ خودمختيار ملڪن مٿان چڙهايون پيو ڪري ٻئي پاسي سامراجي ملڪن جي ڪالونين جا ڏيهي سرمائيدار وڏيرا گماشتا بڻيل عالمي سامراج سان ملي مظلوم عوام جو رت چوسيندي انهن جي وسيلن تي والار ڪري رهيا آهن، ان لاءِ لازمي آهي ته انهن عالمي سامراج جي پٺو وڏيرن جي پڻ رستا روڪ لاءِ سنڌ جي عوام کي مزاحمت ڪرڻي پوندي هنن وڌيڪ چيو ته اسان کي ته پنهنجا وسيلا زمين دريا بچائڻو پوندي تاريخ ثابت ڪيو آهي ته هميشه سچ ۽ حق جي فتح ٿي آهي ڀلي وقتي طور ظالم ڪيترو به ڏاڍ ۽ ظلم ڪري پر تاريخ هميشه مظلوم جي پاسي بيٺي آهي ڦورو جابر وقت جا يزيد حڪمران تاريخ جي ڌڙ هيٺ هميشه لتجي وڃن ٿا.

بقايا 36 | تلهه ٻهاري ويا

ڳوٺ در محمد ٿهيم مان ڏوهاري مرحوم ڪامريڊ لالا شعبان سنڌي جي گهر اندر گهڙي هڪ فرج هڪ سلائي مشين 20 جوڙا 15 هزار روڪ 4 مڻ سارين سميت گهر جو قيمتي سامان ٻهاري فرار ٿي ويا

بقايا 37 | مخدوم جميل

سان ملهائي وئي - سروري جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان درگاهه سرور نوح پهچي مخدوم طالب المولا جي مزار تي حاضري ڀري دعا گهرڻ بعد ورسي تقريبات جو آغاز ڪيو - ورسي موقعي تي درگاهه سرور نوح جي احاطي ۾ قرآن خواڻي ۽ عالم انسانيت لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي - ميونسپل انتظاميا پاران شهر جي مک روڊن جي صفائي سٿرائي جا انتظام مڪمل ڪيا ويا ۽ پوليس انتظاميا پاران سيڪيورٽي جا انتظام مڪمل ڪيا ويا هئا، ٻئي طرف ورسي ڏهاڙي تي ميونسپل ڪميٽي هالا چيئرمين پاران هالا جيمر خانا جي نئين سر تعمير ٿيل بلڊنگ جي افتتاحي تقريب ۾ مفت طبي ڪئمپ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ هالا سميت آسپاس جي علائقن مان هزارن جي تعداد ۾ مريضن ڪئمپ ۾ شرڪت ڪري مفت علاج ڪرائڻ سميت مفت دوائون پڻ حاصل ڪيون ويون - جڏهن ته سروري جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان نئين سر تعمير ٿيل جيمر خانا جي بلڊنگ جو افتتاح ڪرڻ سميت هلندڙ ڪئمپ جو تفصيلي جائزو پڻ ورتو- پ پ ايم اين اي مخدوم جميل الزمان چيو ته عوام جي سهولت لاءِ هر ممڪن اپاءَ ۽ ڪوششون جاري رهنديون جڏهن ته هن ڪئمپ ۾ مفت مريضن جو علاج ڪرڻ لاءِ آيل ڊاڪٽرن ۽ عملي کي خراج تحسين پيش ڪجي ٿو- هن وڌيڪ چيو ته مٽياري ضلعي جي ترقي واري رٿا ۾ شامل منصوبن تي رهيل ڪم مڪمل ٿيڻ گهرجي ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر مٽياريءَ کان انهن منصوبن بابت جامع رپورٽ وٺي پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان فوري طور گرانٽ منظور ڪرائي منصوبن کي مڪمل ڪيو ويندو- سروري جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان حضرت مخدوم محمد الزمان طالب المولا جي ورسي موقعي تي سروري جماعت جي عقيدتمندن ۽ مريدن کي پيغام ڏيندي چيو ته حضرت طالب المولا سائين انتهائي نفيس طبعيت جا مالڪ ۽ عوام جا خدمتگار هئا سندن نقش قدم تي هلندي سروري جماعت سميت هر انسان جي خدمت ڪرڻ اسان سڀني جو فرض آهي الله پاڪ کان دعا ٿا گهرون ته ملڪ پاڪستان کي دشمنن کان پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي- ان موقعي تي سائنس چيئرمين ميونسپل ڪميٽي هالا گل محمد پنهور- سيد مختيار حسين شاهه بابو شاهه- سيد ممتاز شاهه زوار نديم ڪربلائي - ڪاشف پٽو - ڊاڪٽر مير عبدالستار ميمڻ- سائين سفر ميمڻ - رستم سمون- بابو رزاق ڏنو هميوٽو - ڊاڪٽر قربان ميمڻ- سيٺ رميش ڪمار- سيٺ ڪندن کتري- حاجي مولا بخش مهر- ذولفقار جوڻيجو ۽ ٻيا پڻ موجود هيا -

بقايا 38 | نقصان نه ٿيو

اير بچاءُ بند کان محمود چنا ويندڙ روڊ وٽ پوڙ جي پاڻيءَ سبب تقريبن پنجاهه فوٽ اونهي ڪاهي ۾ ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي ٿي پئي ڊرائيور معجزاتي طور بچي ويو ٽريڪٽر ٽرالي ڪرڻ سبب ٽريڪٽر کي وڏو نقصان پهتو ان سلسلي ۾ ڳوٺائن جو روڊ ۾ پل نه هئڻ ڪري احتجاجي مظاهرو سخت نعريبازي احتجاج ڪندڙن ارشاد چنو ،دلبر،اياز ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سگهيون پرسان ايس اير بچاءُ بند عرس چنو جي مشين کان محمود چنا ويندڙ روڊ ۾ پل نه هئڻ ڪري هر سال پوڙ سبب سوين فوٽ گهارو پوڻ سبب روڊ لڙهي ويندو آهي جنهن ۾ پنهنجي مدد پاڻ تحت مٽي وجهرائي مٽي جو بند ٻڌو ويندو آهي ته جيئن ڪچي واري علائقي جي سوين ڳوٺن جي هزارين ماڻهن جي اچ وڃ جو رستو بحال ٿي سگهي مٽي پوري هئڻ ڪري ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي ٿي پئي آهي پهريان به ڪيترائي ڀيرا حادثا پيش اچي چڪا آهن هر ڀيري چونڊيل نمائندا ڪوڙا واعدا ڪري ويندا آهن ته ڄاڻايل هنڌ وٽان روڊ ۾ پل تعمير ڪرائي ويندي ته جيئن پوڙ جو پاڻي ڪراس ٿي وڃي ۽ روڊ کي گهارو نه لڳي پر افسوس جو چونڊيل نمائندن ڪيترائي سال گذري وڃڻ باوجود پنهنجو واعدو پورو نه ڪيو روڊ ۾ پل نه هئڻ ڪري عوام کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ڳوٺائن مطالبو ڪيو ته خدارا روڊ تي پل تعمير ڪرائي عوام کي مشڪلاتن کان بچايو وڃي

بقايا 39 | اسد اقبال زيدي

اقبال زيدي چيو ته انسانيت جي دشمنن پاران لعل شهباز قلندر جي ڌرتيءَ تي خود ڪش حملو ڪري اهو سمجهيو هيو ته اهي لعل شهباز جي چاهيندڙن جي رستا روڪ ڪندا پر اڄ به لعل شهباز جي مزار تي روزانو هزارين پانڌيڙا پهچن ٿا هن چيو ته لعل شهباز جي نگري تي ٿيل خودڪش حملي ۾ شهيد ٿيندڙن جي ياد ۾ هر سال جيان هن سال به لعل شهباز جي نگري ۾ ورسي ملهائي ويندي جنهن ۾ هزارين ماڻهون شرڪت ڪندا ۽ ان ورسي جي جلسي کي قائد ملت جعفريه علامه سيد ساجد نقوي خطاب ڪندو هن چيو ته ايران مسلمان ملڪن ۾ سڀ کان وڌيڪ بهادر قوم سان تعلق رکندڙ ملڪ آهي مهنگائي خلاف ٿيل احتجاج هن وقت پر تشدد بڻجي ويا آهن اهو سڀ ڪجهه امريڪا ۽ اسرائيل جي چوڻ تي ٿي رهيو آهي ايران خلاف امريڪا جا بيان اندروني معاملن ۾ مداخلت آهن ايران خلاف امريڪا ۽ اسرائيل گڏجي سازش ڪري رهيا آهن جنهن ۾ ڪين ناڪامي ملندي هن چيو ته احتجاج ته امريڪا ۾ به ٿيندا آهن پر انهن کي امريڪي ميڊيا وارا لڪائيندا آهن ايران جي معاملي تي مسلمان ملڪن جي خاموشي سمجهه کان ٻاهر آهي سڀني کي گڏجي امريڪا ۽ اسرائيل خلاف آواز بلند ڪرڻ گهرجي هن چيو ته پاڪستان جي سياست ۾ گارگند جي سياست جو خاتمو ٿيڻ گهرجي جنهن خلاف ڪيس آهن انهن خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. باقي سياسي انتقام جي اسان خلاف آهيون هن وڌيڪ چيو ته ضلع قمبر شهدادڪوٽ تمام ٻين ضلعن جي ڀيٽ ۾ مظبوط آهي ۽ سيوڻ ۾ هر سال جيان هيل به صرف قمبر شهدادڪوٽ مان سوين ماڻهو شرڪت ڪندا ۽ پنهنجي قائد محبوب جو خطاب ٻڌندا ان موقعي تي شيعا علما ڪائونسل ضلع قمبر شهدادڪوٽ جو صدر زوار صابر حسين وڏو جنرل سڪريٽري مختيار علي مگسي سيد رياض حسين شاهه محمد ملوڪ لغاري خادم حسين جاگيراڻي , ڊاڪٽر محمد شريف پٽي، ظهير قريشي , نادر حسين چانڊيو , طارق چانڊيو, عاشق حسين جوڻيجو سميت ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ سندن سان گڏ هيا

بقايا 40 | تباهيءَ جو شڪار

علائقن کان خشڪي ۽ ساموئنڊي رستن زريعي هتي پهچي ٿي جنهن سبب هتان جو مرد عورتون خاص ڪري نوجوان نسل کي جريو پاڳل ڪري ڇڏيو آهي وڏي تعداد ۾ ماڻهون مختلف مرضن ۾ مبتلا ٿي موت جا منتظر اهن هن انسان سوز ڪاروبار ۾ هتان جي معتبر شخصيتن ڏانهن اشارو ڪيو ويندو آهي جي موت جا سوداگر ڇيا پيا وڃن هن سڄي زندگي ۽ موت جي ڪارو بار تي هتان جي پوليس خاموش تماشائي جو بڻيل آهي ان جا صرف ٻه سبب ڇيا پيا وڃن يا ته پوليس منشيات فروش ديلرن سان مليل آهي يا وري منشيات فروش ديلرن جا وڏا هٿ اهن جن تائين قانون جي رسائي ممڪن ناهي اهوئي ڪارڻ آهي جو هي سڄو علائقو هن وقت منشيات فروش ديلرن جي قبضي هيٺ اچي ويو آهي.

بقايا 41 | نوجوان فوت

مؤهه سندس وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته جنازي جي نماز رفيق احمد شيخ جي سيلر ۾ ادا ڪئي وئي هزارين سياسي سماجي ماڻهن شرڪت ڪئي هر طرف غم ڏک جي لهر ڇانيل هئي

بقايا 42 | افتتاح

سماج سڌارڪ ڊاڪٽر محمد خان شيخ ۽ اسد جوڻيجو پاران پ پ پ جي اڳوڻي ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو جي نالي سان منسوب ميهڙ ۾ لائبريري جو افتتاح ڪيو لائبريري کي 8800 هزار اٺ سئو ڪتاب ڪتابن رکڻ لاءِ 35 رينڪون ڏنيون ويون آهن پ پ پ جي ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو پاران ايڊيشنل ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪولس رفيعه ملاح کي شال ۽ اجرڪ پارائي آجيان ڪئي وڏي تعداد ۾ شهرين تعليم کاتي جي آفيسرن اسٽنٽ ڪمشنر غلام فاطمه گهلو پ پ ضلع دادو انفارميشن سيڪريٽري مير صدام پلهڙو رئيس ڏاڏو خان چانڊيو پ پ اڳواڻ سجاد جوڻيجو قادر بخش چانڊيو پ پ اڳواڻ ممتاز جوکيو عبدالقادر لاشاري لياقت نائچ نياز حسين ڪوسو ,محمد اشرف چانڊيو محمد حنيف چانڊيو فاروق احمد چانڊيو گستا ضلع دادو اڳوٺو اڳواڻ مظهر ڀٽ سجاد پنهور ۽ ٻين شرڪت ڪئي ميڊم ملاح پاران راڌڻ فريدآباد سعدي موسائي، ڪي اين شاهه ۾ لائبريريون ٺهرائڻ جو پڻ اعلان ڪيو

بقايا 43 | علاج جي اپيل

مرض ڪينسر جهڙي ويا ۾ وڪوڙيل علاج لاءِ گهر جو الهه تلهه وڪرو ڪري ڇڏيو وات ۾ ڪينسر هجڻ سبب ڳالهائڻ کان به لاچار ٿي ويو مختلف ڳوٺن لعل بخش سولنگي،استاد شاهنواز سولنگي ۽ ڳوٺ بهادر سولنگي جي نوجوانن پنهنجي مدد پاڻ تحت چٽن معصوم ٻارڙن جو والد پورهيت ٽيڪ محمد سولنگي جو مختلف اسپتالن مان علاج ڪرايو آهي ڳوٺائن شبيرحسين سولنگي،علي گل،آغاوقارحسين سولنگي ۽ ٻين اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيوته پورهيت ٽيڪ محمد سولنگي جو سنڌ جي مختلف اسپتالن مان علاج ڪرايو آهي هن وقت علاج جي لاءِ مسيحا جو منتظر آهي ته ڪيس جو علاج ڪرائي ته جيئن ڪيس جي صحت سڌري پوي هنن وس وارن کان ٽيڪ محمد سولنگي جو علاج ڪرائڻ جي گهر ڪئي آهي

بقايا 44 | 24 ڄڻا زخمي

واري هنڌ تي تيز رفتار مسافر ڪوچ ۽ ٽريڪٽر ٽرالي وچ ۾ ٽڪر ٿي پيس جنهن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 24 مسافر زخمي ٿي پيا. مسافر ڪوچ ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪرائجي وئي، جنهن سبب ڪوچ ۾ سوار مسافرن ۾ افراتفري مچي وئي. حادثي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون فوري طور واقعي واري هنڌ پهتيون ۽ زخمين کي ابتدائي طبي امداد فراهم ڪئي وئي. پوليس موجب حادثي ۾ زخمي ٿيندڙن ۾ صدام، سلمان، رحمت الله، امام علي، شبير علي، حبيب الله ملڪ، ميوداد، وحيد، الله وسايو علي انور ۽ فراز سميت ٻيا مسافر شامل آهن زخمين ۾ ڪيترين عورتون ۽ ٻار به شامل آهن، جن کي فوري طور علاج لاءِ سول اسپتال شڪارپور منتقل ڪيو پيو وڃي. پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته مسافر ڪوچ ٺل کان ڪراچي طرف وڃي رهي هئي، جڏهن ته حادثي جي سببن بابت جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 45 | محفل منعقد

ٻاري ۾ پڇندا هئاسون ته ان جي اکين مان لڙڪ اچي ويندا هئا. سندس شاعري سگهاري هئي. يورپ ۾ لکندڙ کي کهڙي خبر ته زندگي جو درد ڇا آهي اهو ته هتان جي شاعر ۽ ادب دوست کي ئي خبر هوندي ته پيٽ سان پٿر ٻڌي ڪيئن لکبو آهي. ڊکويل محمد صديق لاکو جي پٽ شاعر شبير لاکو چيو ته بابا جي شاعري ۾ درد ۽ پيڙاءِ هو اڪثر ڪري امان ۽ بابا ۾ ان ڳالهه تي جهيڙو ٿيندو هو ته تون پورهيي جي ڪمائي فنڪارن تي خرچ ڪري ٿو ڇڏين. اسان جي ڏاڏا به سندس شاعري جو ڪتاب ساڙي ڇڏيو هو بابا چوندو هو ته جيڪڏهن مان نه شاعري نه ڪندم ته جيئرو نه رهي سگهندس. شاعر قاسم خاصخيلي چيو ته ڊکويل لاکو لنظن جو محافظ هو ۽ هو هڪ بادشاهه شاعر هو. شاعر سائل پيرزادو چيو ته سنڌ اڄ به ڊکايل آهي. هو پنهنجي شاعري ۾ پنهنجي اندر جو درد پيش ڪندو هو. اسان جي تاريخ موئن جو دڙو ۽ چانهون ۾ هٿيارن جي بجاءِ رقص ملندو. شاعرن هميشه جيئڻ ۽ آٽ ڏيڻ سيکاريو آهي. شاعر جهانگير ڏاهري چيو ته اسان جي اک جي ساڄن ۾ آهي هڪ طرف سچ پٽ شاهه تان ايري ٿو ۽ سڻ ۾ لهي ٿو اسان ته ان جا حامي آهيون. سنڌي ادب سنگت سڪرنڊ جي سيڪريٽري نور ڪيريو چيو ته اسان جا شاعر ۽ ادب دوست سنڌ جو سرمايو آهن. ان موقعي تي قلندر بخش ملاح ، خير محمد لاکو، سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر غلام حيدر سولنگي ۽ ٻين ميڙاڪي کي خطاب ڪيو ان موقعي تي صوفي راڳي گلاب گل پاران ڪلام ڳائي ۽ شاعرن پاران شاعري ذريعي ڊکويل شاعر محمد صديق لاکو کي پيتا پيش ڪئي.

بقايا 46 | افتتاح ڪندو

MNA_NA_228ڊپٽي جنرل سيڪريٽري پي پي پي صوبه سنڌ جن جي ڪوشش سان دل جي مريضن لاءِ چيسٽ پين يونٽ جي قيام جي تڪميل جو ڪم مڪمل ٿيڻ بعد (اڄ) 12 بجي سردار رفيق احمد جمالي صاحب باضابطا طورافتتاح ڪندو جنهن بعد چيسٽ پين يونٽ اسپتال ۾ دل جي مريضن جو علاج شروع ڪيو ويندوان کان علاوه سردار رفيق احمد جمالي سردار زبير احمد جمالي ڳوٺ بچل خان جمالي پهچي شهيد نادر خان جمالي جي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ واقعي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي سردار رفيق احمد جمالي پاران وارثن کي يقين ڏيارايو ويو ته نادر خان جمالي واري واقعي جي اڻ ڏري جاچ ڪرائي ويندي ۽ وارثن جي هر فورم تي مدد ڪئي ويندي ۽ نادر خان جي خون کي ڪنهن به صورت ۾ رائيگان ڪرڻ نه ڏنو ويندو

بقايا 47 | پڳ ٻڌرائي وئي

شاهه . ٽي اي او ايجوڪيشن ڪيرو غلام شبير هنگورجو لطيف ايوارڊ يافته اديب استاد لغاري . تعليمي ماهر ايم جمن گجو .ڊاڪٽر حمزعلي ڪنڀر. الله بخش ڪنڀر خليفو پنهل ڪنڀر .چوڌري محمد علي راجپوت. محمد وٺهيل ڪنڀر .نور محمد گجو صحافي ممتاز بوزدار. آزاد راڄڙ . راجا رشيد ڪنڀر. فقير دلبهار تقرچ. ف ليگ اڳواڻ فقير ابراهيم درس . سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر نور نبي درس. آسڪا اڳواڻ ارباب علي ڪنڀر ڊاڪٽر شر محمد ڪنڀر . شڪيل احمد ڪنڀر . ارباب علي سميجو خالقڏنو ڪنڀر عبدالرحمان ڪنڀر علي نواز ڪنڀر. محمد جمن ڪنڀر .محمد يعقوب ڪنڀر ڊاڪٽر خوشي رام. ڊاڪٽر محمد امين پيو شير محمد هنگورجو دين محمد هنگورجو گل محمد ڪنڀر .رفيق ڪنڀر. يارمحمد ڪنڀر .اشفاق ڪنڀر .سميت وڏي تعداد سياسي سماجي اڳواڻن ڪنڀر برادري جي ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي ناليواري اديب استاد لغاري چيو ته محمد جمن ڪنڀر ڪيرو جي ڪيترن ئي ليکڪن شاعرن کي اسٽيجن تي متعارف ڪرايو. ايم جمن گجو چيو ته جمن ڪنڀر جون تعليم جي حوالي سان وڏيون خدمتون رهيون ۽ جيلاني جماعت اڳواڻ پنهل ڪنڀر چيو ته ايم جمن ڪنڀر رول ماڊل شخصيت هو جنهن ڪيرو کي خوبصورت تعارف ڏنو ان موقعي تي سندس پڳدار پٽ منصور ڪنڀر چيو ته هو بابا جو تعليمي عملي قلمي ادبي وڏو پورهيو سندس وڇوڙو اسان لا وڏو خال آهي سندس پڳ جي ذميواري آئون سندس نقش قدم تي هلي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

بقايا 48 | فوت، ڪهرام

پهتو جتي سندس جنازي نماز ۾ عزيزن ۽ دوستن سميت سياسي سماجي ذرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪيس ابائي قبرستان ۾ راهو رتول ۾ مٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو. سندس تڏو ڳوٺ قيصر خان چانڊيو ۾ وڇايو ويو آهي. پونئيرن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي.

بقايا 49

سان ملهائي وئي - سروري جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان درگاهه سرور نوح پهچي مخدوم طالب المولا جي مزار تي حاضري ڀري دعا گهرڻ بعد ورسي تقريبات جو آغاز ڪيو - ورسي موقعي تي درگاهه سرور نوح جي احاطي ۾ قرآن خواڻي ۽ عالم انسانيت لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي - ميونسپل انتظاميا پاران شهر جي مک روڊن جي صفائي سٿرائي جا انتظام مڪمل ڪيا ويا ۽ پوليس انتظاميا پاران سيڪيورٽي جا انتظام مڪمل ڪيا ويا هئا، ٻئي طرف ورسي ڏهاڙي تي ميونسپل ڪميٽي هالا چيئرمين پاران هالا جيمر خانا جي نئين سر تعمير ٿيل بلڊنگ جي افتتاحي تقريب ۾ مفت طبي ڪئمپ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ هالا سميت آسپاس جي علائقن مان هزارن جي تعداد ۾ مريضن ڪئمپ ۾ شرڪت ڪري مفت علاج ڪرائڻ سميت مفت دوائون پڻ حاصل ڪيون ويون - جڏهن ته سروري جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان نئين سر تعمير ٿيل جيمر خانا جي بلڊنگ جو افتتاح ڪرڻ سميت هلندڙ ڪئمپ جو تفصيلي جائزو پڻ ورتو- پ پ ايم اين اي مخدوم جميل الزمان چيو ته عوام جي سهولت لاءِ هر ممڪن اپاءَ ۽ ڪوششون جاري رهنديون جڏهن ته هن ڪئمپ ۾ مفت مريضن جو علاج ڪرڻ لاءِ آيل ڊاڪٽرن ۽ عملي کي خراج تحسين پيش ڪجي ٿو- هن وڌيڪ چيو ته مٽياري ضلعي جي ترقي واري رٿا ۾ شامل منصوبن تي رهيل ڪم مڪمل ٿيڻ گهرجي ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر مٽياريءَ کان انهن منصوبن بابت جامع رپورٽ وٺي پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان فوري طور گرانٽ منظور ڪرائي منصوبن کي مڪمل ڪيو ويندو- سروري جماعت جي روحاني پيشوا ميمبر قومي اسيمبلي مخدوم جميل الزمان حضرت مخدوم محمد الزمان طالب المولا جي ورسي موقعي تي سروري جماعت جي عقيدتمندن ۽ مريدن کي پيغام ڏيندي چيو ته حضرت طالب المولا سائين انتهائي نفيس طبعيت جا مالڪ ۽ عوام جا خدمتگار هئا سندن نقش قدم تي هلندي سروري جماعت سميت هر انسان جي خدمت ڪرڻ اسان سڀني جو فرض آهي الله پاڪ کان دعا ٿا گهرون ته ملڪ پاڪستان کي دشمنن کان پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي- ان موقعي تي سائنس چيئرمين ميونسپل ڪميٽي هالا گل محمد پنهور- سيد مختيار حسين شاهه بابو شاهه- سيد ممتاز شاهه زوار نديم ڪربلائي - ڪاشف پٽو - ڊاڪٽر مير عبدالستار ميمڻ- سائين سفر ميمڻ - رستم سمون- بابو رزاق ڏنو هميوٽو - ڊاڪٽر قربان ميمڻ- سيٺ رميش ڪمار- سيٺ ڪندن کتري- حاجي مولا بخش مهر- ذولفقار جوڻيجو ۽ ٻيا پڻ موجود هيا -

نوابشاهه ۾ گئس ليڪيج سبب گهر ۾ ڌماڪو، ٻه معصوم ٻارڙا ٿڏي تي فوت، ڪيترائي زخمي

گوليمار واسي غفور دين عباسي پلمبر جي گهر ۾ زوردار ڌماڪي سبب گهر جي ڇت ڪري پئي

حادثي جي نتيجي ۾ 2 معصوم ٻار ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويا ۽ گهر جا ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا

ريسڪيو ٽيمن پهچي ملبي هيٺان زخمين ۽ فوت ٿيل ٻارن جا لاش ڪڍي ويجهي اسپتال منتقل ڪيا

نوابشاهه (ڊ ر) نوابشاهه جي گنجيل آبادي واري علائقي گوليمار ۾ صبح سوير هڪ افسوسناڪ حادثو پيش آيو جتي غفور دين عباسي پلمبر جي گهر ۾ گئس ليڪيج سبب ٿيل زوردار ڌماڪي سان گهر جي ڇت بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ: ڪول ڪمپني خلاف ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ عوامي ورڪرز پارٽي پاران وينزويلا تي آمريڪي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

سکر(بيورو رپورٽ) عوامي ورڪرز پارٽي سکر طرفان سکر پريس ڪلب آڏو وينزويلا تي آمريڪي حملي صدر نڪولس مادورو ۽ سندس زال سيليا فلورس جي اغوا بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: لائبريري جي افتتاح وقت ڊائريڪٽر رفيعه ملاح کي شيلڊ ڏني پئي وڃي

شهدادپور لڳ چور زميندار جي ڏڳي ۽ ڳابو ڪاهي ويا، پوليس ۽ ڳوٺاڻن پيرا لڳڻ تي جوابدارن جو گهيرو تنگ ڪيو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور برهون روڊ تي ڳوٺ پير ڪوڙل جي پرسان زميندار غلام مصطفي ٻکيهو جي ڏڳي ۽ ڳابو چور چوري ڪري ڪاهي ويا جنهن بعد زميندار پاران ٻيري پوليس جاسوسي ڪتي ۽ ڳوٺاڻن جي مدد سان پيرا کنيا جنهن بعد ڪتي پاران هڪ گهر ۾ سورچو سنڀالڻ بعد پوليس پاران ڪارروائي تيز ڪندي معاثر بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ سوئي گيس جي کوٽ خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو

مختلف علائقن جي رهواسين ميان غلام حسين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

گيس جو پريشر بلڪل ئي ختم آهي، پائپن ۽ چولهن مان رڳو خالي هوا نڪري ٿي، نوٽيس ورتو وڃي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي مختلف علائقن ۾ سوئي گيس جي صارفين سوئي گيس انتظاميا خلاف سخت احتجاج ڪيو احتجاج جي اڳواڻي خيرپور شهر اتحاد جي صدر ميان غلام حسين فاتح،عامر رسول عباسي اسدالله ناريجي احسان الله پنهوار ايڊووڪيٽ،جميل جويو،امان الله ناريجو بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

رب ٻرڙيو واسين جميل، گلزار، مشتاق، پرويز ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بااثرن 32 جريب زمين تي قبضو ڪرڻ ڪوڙا ڪاتا ٺهرايا آهن جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ رب ٻرڙيو جي رهواسي جميل احمد، گلزار، مشتاق، پرويز علي داد، غلام حسين ٿليبڙو ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته بااثرن 32 جريب زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ رشوت ڏئي ڪوڙا ڪاتا ٺهرائڻ ٿا هنن چيو ته بااثرن پوليس کي پئسا ڏئي ٻه حاضري تان واپس اينڊ نوجوان بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

شهدادپور لڳ موٽرسائيڪل بيريئر سان ٽڪرائجڻ سبب ڳوٺاڻو فوت

درگاهه ڪرم شاهه بخاري سامهون حادثي ۾ 48 ورهين جو نظر بروهي زخمي ٿي پيو

زخمي کي سرهاڙي اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽر نه هجڻ ڪري تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو

شهدادپور (ن ع) سرهاڙي لڳ درگاهه ڪرم شاهه بخاري سامهون پٽ شاهه سرهاڙي روڊ تي تيز رفتار موٽرسائيڪل روڊ تي رکيل بيريئر سان ٽڪرائجي ويو نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار ڳوٺ فقير محمد واسي فوت ٿي ويو درگاهه ڪرم شاهه بخاري سامهون پٽ شاهه سرهاڙي روڊ تي روڊ تي رکيل بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڳيڙيلو ويجهو پوليس مقابلي دوران 25 لک انعام يافته بدنام ڌاڙيل ڪيهو جتوئي مارجي ويو

مقابلي دوران 60 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل انعام يافته مارجي ويو آهي، جنهن علائقي ۾ رڻ ٻاري ڏنو هو

مارجي ويل ڪيهو جتوئي ڪجهه ڏينهن اڳ مقابلي ۾ ماريل ڌاڙيل ساٿي جتوئي جو سوٽ هو: ايس ايس پي

ڌاڙيلن جي ٽولي تر تپائي ڇڏيو هو، سندس قبضي مان هٿيار به مليا آهن، ٻين ساٿين جي ڳولها جاري آهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس سان مقابلي ۾ 25 لک روپيا انعام يافته ڌاڙيل مارڻ جي دعوي ڪئي آهي ان بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

راضيديرو پريس ڪلب جي چونڊ، قربان علي گلال صدر، سارنگ جکڙ جنرل سيڪريٽري منتخب

راضيديرو(ن ع) پريس ڪلب راضيديرو جي سال 2026 جي لاءِ سالياني چونڊ سرپرست اعلي پريس ڪلب راضيديرو امام بخش گلال (پريمي) جي نگراني هيٺ ٿي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

لاهور: آرٽسٽ اوورهيڊ پل تي پينٽنگ ٺاهي رهيا آهن

ڪوٽڙي: ساليانن بندين دوران ڪراچي واهه جي صفائي ڪئي پئي وڃي

سيپڪو مورو پاران لائٽ بند ڪرڻ ڪيس کي ڳچي ۾ پئجي ويو، عملدار معطل

چيف جسٽس جي دوري دوران بجلي بند هئڻ جو سيپڪو چيف نوٽيس ورتو

ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ ايس ڊي او مورو معطل، سکر رپورٽ ڪرڻ جو حڪم

مورو(ن ع) مورو بار م سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جي دوري دوران سيپڪو مورو پاران لائٽ بند ڪرڻ ڪين کي ڳچي ۾ پئجي ويو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي مورو واري دوران بجلي بند هئڻ جو سيپڪو چيف نوٽيس ورتو سيپڪو مورو جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ ايس ڊي او کي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ ڪراچي واهه جي وارابندي جو مدو ختم، پاڻي سپلاءِ شروع نه ٿي، رهواسي اڄ مرڻ لڳا

اريگيشن کاتي پاران واهه جي صفائي ۽ مرمت لاءِ 19 ڊسمبر کان 10 جنوري تائين بند ڪيو ويو هو

مرمتي ڪم سست رفتاري سان هلڻ سبب مدو پورو ٿيڻ باوجود واهه ۾ پاڻي نه کوليو ويو آهي

جام شورو ڪوٽڙي ۽ ٺٽي جا ڪيترائي علائقا پيئڻ جي پاڻي کان محروم، با اثر ٽينڪر مافيا جو راڄ قائم

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي ۾ ڪي بي فيڊر واهه ۾ پاڻي جي سپلاءِ بند هجڻ کي هڪ مهينو گذرڻ جي باوجود پاڻي جو واهيو شروع ٿي نه سگهيو آهي ڪراچي واهه کي صفائي ۽ مرمت لاءِ 19 بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سنڌ هاري ڪاميٽي اڳواڻ محمد رمضان خاصخيلي جي ورسي جي حوالي سان تياري جاري

15جنوري تي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي جي ورسي لاءِ تقريب رکي ويندي

ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي جي هاري جدوجهد کي سنڌ جي تاريخ ۾ سنهري الفاظ ۾ ياد ڪيو ويندو: ضمرحيدر جتوئي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌهاري ڪاميٽي جي اڳواڻ بزرگ سياستدان سخي مرد ڪامريڊ سخي محمدرمضان خاصخيلي جي 15جنوري خميس جي ڏينهن جي ورسي ملهائڻ لاءِ پريپرنمونٽي سان تياري ڪئي پئي وڃي سنڌهاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ضمرحيدرجتوئي پنهنجي جاري ڪيل بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

جاگيردارن، سردارن، ميرن ۽ پيرن سنڌ کي لٽيو ۽ ڦريو آهي: حيدر شاهاڻي

باڊهه (ن ع) سنڌ ڏينهون ڏينهن انتهائي ڏکي صورتحال مان گذري رهي آهي، جڏهن ماڻهن کي ووٽ ڏئي اقتدار جي اعلي ايوانن تائين پهچايون انهن اقتدار سنڀالڻ ڪانپوءِ سنڌي ماڻهن جي زخمن تي مرهم لڳائڻ بجاءِ انهن جي اهنجن ۾ اضافو ڪيو آهي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

هالا: مخدوم جميل الزمان مخدوم طالب المولي جي ورسي تقريب ۾ دعا گهري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ حميد دين بن غلام المشرقي جي 16 هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

دوڙ (ن ع) دوڙ شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڪوهيڙو جو راڄ برقرار مسلسل سخت ڪوهيڙي سبب حد نگاهه زيرو ٿي وئي هر طرف ڌنڌ سبب روڊ رستا ويران ٿي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪڙيوگهنور ۾ ترقياتي اسڪيمن ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

نوجوان اتحاد غريب آباد جي اڳواڻن شهيد فاضل راهو چوڪ تائين ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو

چيئرمين ٽائون ڪميٽي پاران 15 سالن کان ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪيو وڃي پيو:مظاهرين

گٽر نالا، گهٽيون ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي سميت ڪابه بنيادي سهولت ناهي، نوٽيس ورتو وڃي

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيوگهنور ۾ وارڊ نمبر چار غريب آباد ڪالوني ۾ ٽائون ڪميٽي انتظاميه ڪڙيوگهنور ۽ ٽڪ جي چونڊيل نمائندن پاران ترقياتي اسڪيمن ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف نوجوان اتحاد غريب آباد جي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

مجبوري تحت گهٽ پريشر ۽ گئس لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي: منظور ميمڻ

هالا(ن ع) سوئي سدرن گئس ڪمپني جي ريجنل ڊي جي ايم منظور ميمڻ هالا ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ کي هن وقت گئس جي ذخيرن مان رڳو 650 ايم ايم سي ايف ڊي گئس ملي رهي آهي جنهن سبب صوبي جي مختلف علائقن ۾ گئس گهٽ پريشر سان فراهم ڪئي پئي وڃي.هن ٻڌايو ته اڳ سنڌ کي گئس ذخيرن مان 1300 ايم ايم سي ايف بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور: نوجوان اتحاد ڪڙيو گهنور پاران مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪڙيوگهنور ۾ قومي عوامي تحريڪ جي هاري ڪانفرنس، شهيد فاضل راهو جي ياد ۾ جلسو

جلسو ڪڙيو گهنور جي الرحمان شادي هال ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي

ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڏکيو وقت آيو ته پيپلزپارٽي جا اڪثر وڏيرا ميدان ڇڏي ڀڄي ويا:اياز پليجو

بينظير ڀٽو سان گڏ جنرل ضياء الحق جي آمريت کي رسول بخش پليجو ۽ شهيد فاضل راهو گڏجي آمريت کي للڪاريو

ڪڙيوگهنور (ن ع) ڪڙيوگهنور ۾ قومي عوامي تحريڪ جي پاران هاري ڪانفرنس ۽ شهيد فاضل راهو جي ياد ۾ عظيم الشان جلسو ڪڙيو گهنور جي الرحمان شادي هال ۾ ٿيو جنهن ۾ سوين ماڻهن شرڪت بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور: قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪيرو پريس ڪلب جي چونڊ، فريد مغل صدر ۽ ساجد قائمخاني جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا

ڪيرو(ن ع) نيشنل پريس ڪلب ڪيرو جون ساليانا چونڊون انجمن تاجران سنڌ جي مرڪزي نائب صدر ۽ انجمن تاجران ڪيرو جي صدر جاويد عالم قائمخاني ۽ جنرل سيڪريٽري ساوڻ هنگورو جي نگراني هيٺ منعقد ٿيون جن ۾ سال 2026—2027 ع بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

لاهور: روڊ ڪناري هڪ نوجوان سينگار جون بتيون وڪري لاءِ سجائي ويٺل آهي

خليفن جو شڪايتون ملڻ ڪانپوءِ خليفن ۾ رد و بدل ڪيو آهي: پيرپاڳارو

ڪجهه ماڻهن جي نظر ۾ اهي فيصلا غلط لڳن ٿا ليڪن اهي جماعت ۽ درگاهه لاءِ ڪيا

پنهنجي اولاد کي تعليم سان گڏ هنر به لازمي ڏياريو نيائين جي سٺي تربيت ڪيو: پنوعاقل ۾ خطاب

پنوعاقل (ن ع)پنوعاقل لڳ حرن جي روحاني پيشوا پير صاحب پاڳاري پنوعاقل پرسان دعوت بيڙو فقير جي ڳوٺ سجڻ فقير مگريو ۾ رات جو قيام ڪيو اڄ صبح وڏي انگ ۾ پهتل مريدن ۽ عقيدتمندن کي ديدار ڪرايو ان موقعي تي پير صاحب پاڳارو پنهنجي خطاب ۾ چيو بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سکر پرسان ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت

تماچاڻي ٿاڻي جي حد ۾ حادثي سبب سارنگ مهر ٿڏي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر کان 10 ڪلوميٽر پري تماچاڻي ٿاڻي جي حد ۾ ٽرڪ جي ٽڪر ۾ سارنگ مهر نالي موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت ٿي ويو نوجوان جو تعلق شڪارپور جي شهر چڪ سان آهي نوجوان جي لاش کي ايمبولينس ذريعي سنڌس آبائي ڳوٺ آندو ويو جڏهن لاش گهر پهتو ته اتي افراتفري مچي وئي ۽ علائقي ۾ سوڳ جو ماحول پکڙجي ويو.

چاهه صاحب ۾ معذورن پاران ٻاهه ٻاري نائين ڏينهن به علامتي بک هڙتال جاري

مظاهرين خادم حسين شيخ، عبدالمجتبيٰ شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج جاري رکيو

سنڌ حڪومت پاران معذورن لاءِ اعلان ڪيل پنج سيڪڙو ڪوٽا تي عمل ڪرايو وڃي: مظاهرين

چاهه صاحب(ن ع) چاهه صاحب ۾ معذورن پاران معذور ڪوٽا تحت نوڪريون ۽ ماهوار وظيفو جاري نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب چاهه صاحب آڏو اڄ نائين ڏينهن به علامتي بک هڙتال جاري ڪوهيڙي ۽ لڳ ڪاندارينڊ سيءَ هوندي به معذور پنهنجي معصوم ٻچڙن سميت ٻاهه جو سچ ٻاري پنهنجي حقن لاءِ ويٺل رهيا بک هڙتال ۾ معذور اڳواڻ خادم حسين شيخ، عبدالمجتبيٰ شر ۽ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

پنگريو: ايم اين اي رسول بخش چانڊيو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

"بزم روح رهاڻ پاران جمال رند جي ياد ۾ ڳٺجاڻي، سنڌس خدمتن تي خراج تحسين

منصور قادر جوڻيجي ۽ حبيب حضوري پاران جمال رند جي سنڌي ادب ۾ خدمتن کي ساراهيو

جمال رند ون يونٽ جي زماني ۾ ٻين اديبن سان گڏ جدوجهد ڪئي: ادريس جتوئي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) بزم روح رهاڻ پاران نامور افسانه نگار، صحافي تعليمي ماهر جمال رند جي ياد ۾ ڳٺجاڻي ڪوٺائي وئي ڪيس لفظن جي زبردست پيشا پيش ڪئي وئي. ڳٺجاڻي ۽ جي صدارت ڪندي ناميارو اديب منصور قادر جوڻيجي چيو ته جمال رند جون سنڌي ادب ۾ ڪيل خدمتون بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽرڪول بلاڪ ٽو ۾ هونڊا ڪمپني خلاف ڊرائيورن جو احتجاجي مظاهرو

هونڊا ڪمپني ٽائيم تي پگهارون نه ٿي ڏي،ڪاڌو خراب ملي ٿو: مظاهرين

اسان کي ڊبليو پي پي ايف فنڊ به جاري نٿو ڪيو وڃي جيڪو اسان جو حق آهي

اسلام ڪوٽ/ڪلوئي (نمائندن وڪان) ٿرڪول بلاڪ ٽو تي هونڊا ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ ڊمپر ڊرائيورن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب اسلام ڪوٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي،ڊرائيورن سنڌيپ مهراج،صدام حسين سمون،هارون ساند،کيتو ڀيل،مانسنگهه ڀيل،اياز دريس ۽

آمريڪا ۽ اسرائيل کي ايران معاملن ۾ مداخلت جو ڪو به حق ناهي: حافظ نعيم الرحمان

اسلامي نظام جي نالي تي ٺهندڙ ملڪ ۾ عوام جاگيردارن ۽ وڏيرن وٽ يرغمال بڻيل آهن

سنڌ مسئلن جو گهر بڻجي چڪي آهي، جڏهن ته 78 لک ٻار تعليم کان محروم آهن

هالا (ن ع) هالا ويجهو منصوره ۾ تقريب ختم بخاري شريف ۽ دستاربندي جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان 14 حافظن قرآن ۽ 22 عالمن ڪرام جي دستاربندي ڪئي تقريب ۾ منصوره مدرسي جا استاد، شاگرد ۽ سماجي اڳواڻن بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: وينزويلا جي صدر جي آزادي جي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

صرف مالي طاقت يا دولت رکڻ سان ڪو ماڻهو امير نٿو ٿئي: غلام حيدر شاهه

حقيقي امارت انسان جي ڪردار، اخلاق، ذميواري ۽ شرعي اصولن تي عمل ڪرڻ ۾ آهي

موجوده دور ۾ معاشرو بيچيني، اخلاقي بگاڙ انتها پسندي ۽ ذهني انتشار جو شڪار آهي

پنگريو (ن ع) انجمن غلامان قلندر ويلفيئر جي سربراهه غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري چيو آهي ته صرف مالي طاقت يا دولت رکڻ سان ڪو ماڻهو امير نه ٿو ٿئي بلڪه حقيقي امارت انسان جي ڪردار اخلاق، معاشرتي ذميواري ۽ شرعي اصولن تي عمل ڪرڻ ۾ آهي هن چيو ته دولت عارضي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ريلوي وارن راڌڻ ۾ اڇي ناجائز نموني دڪان سيل ڪيا آهن: منظور علي جانوري

ريلوي وارن جو راڌڻ جي پراپرٽي سان ڪو تعلق ناهي، اڪثر پراپرٽيون آزاد خان پٺاڻ جون هيون

يوٿ ضلعي دادو جي صدر مير مرتضي ڳوري مزاحمت ڪري دڪانن کي لڳل تالا ٽوڙائي ڇڏيا

راڌڻ (ن ع) ريلوي وارن راڌڻ ۾ اڇي ناجائز نموني ۾ دڪان سيل ڪياب جيڪي سنڌن پراپرٽي تي اڏيل ناهن هنن غلط ڪم ڪيو آهي ڪين دڪان سيل ڪرڻ جو اختيار ناهي سردار منظور علي خان جانوري خبر موجب راڌڻ ۾ ريلوي آفيسرن ۽ ريلوي پوليس پاران ٿاڻو شهر جي دڪانن کي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

چاهه صاحب ۾ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاج

ڪارڪنن ابراهيم ٻگٽي، محمد حسن پلهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

38لک بجيٽ باوجود شهر ۾ هڪ روڊ جو ترقياتي ڪم ناهي ڪرايو ويو: مظاهرين

چاهه صاحب(ن ع) شهر ۾ گذريل ڏهاڪي سالن کان ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن ابراهيم ٻگٽي، محمد حسن پلهه علي خان سري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهر جي مين بئنڪ چوڪ ڌرڻو اڳواڻن چيو ته ٽائون ڪميٽي چئن وارڊن تي مشتمل آهي ۽ 38 لک ماهوار بجيٽ هئڻ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: اقبال رند جي مان ايوارڊ تقريب جو ڏيک

خيرپور پوليس پاران چوري ٿيل 7 موٽر سائيڪلون برآمد ڪري اصل مالڪن جي حوالي ڪرڻ جي دعوي

خيرپور(ڊ ر) ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو جي حڪم ايس ايڇ او ٿاڻي پير ۽ ان جي ٽيم خفيه اطلاع تي جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڏوهاري جي گهر تي ريڊ ڪري 7چوري ٿيل موٽر سائيڪلون برآمد ڪيون ويون جڏهن ته برآمد ٿيل موٽر سائيڪلون اصل مالڪن کي واپس ڪرڻ ڪانپوءِ پوليس ٽيم فرار ڏوهاريءَ جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران 3 ڏوهارين کي گرفتار ڪري چوري جو سامان برآمد ڪرڻ جي دعوي

خيرپور(ن ع) ايس ايڇ او ٿاڻو سوراهه ۽ سندس ٽيم ڪامياب ڪارروائي ڪندي چونڊڪو شهر مان رتن ڪمار ميڊيڪل اسٽور ۾ ٿيل چوري ۾ ملوث ڏوهاري خدا بخش ڳوپانگ سميت ٻه ٻيا ڏوهاري اجمل شر ۽ دلدار چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب گرفتار ڏوهارين جي قبضي مان ليپ ٽاپ، موبائل فون، سي سي ٽي وي ڪيمرا، موٽر سائيڪل جنريٽر ۽ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

درٻيلو صفن لڳ صوفي بزرگ حضرت شاهه مصراڻي جو عرس مبارڪ اڄ کان شروع، تياريون مڪمل

دولت پور صفن (ن ع) سنڌ جي مشهور روحاني صوفي بزرگ حضرت شاهه مصراڻي المعروف مصر جي مير جو ساليانو عرس مبارڪ اڄ کان دولت پور لڳ ڳوٺ فيض محمد پليءَ ۾ نهايت احترام ۽ عقيدت سان ملهايو ويندو ان موقعي تي درگاهه شريف جو گادي نشين فقير حاجي در بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

چاهه صاحب پريس ڪلب ۾ ولادت حضرت علي عليه اسلام جشن مولود ڪعبه جو پروگرام

چاهه صاحب(ن ع) هر سال جيان هن سال ۾ چاهه صاحب پريس ڪلب ۾ ولادت حضرت علي عليه اسلام جشن مولود ڪعبه جو پروگرام ڪيو ويو زوار منتظرعباس وسطڙو طرفان پروگرام منعقد ڪيو ويو جشن مولود ڪعبه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو جشن مولود ڪعبه جي پروگرام ۾ مولوناغلام نبي شاهه ولادت حضرت بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو تيز رفتار ٽرالر جي موٽر سائيڪل سوارن کي ٽڪر سبب ٻه ڄڻا فوت، هڪ زخمي

نارو ڍورو شگر مل لنڪ روڊ تي حادثي ۾ نوجوان عمير ۽ ذيشان لاشاري موقعي تي ئي فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي ڊرائيور کي گرفتار ڪرڻ بعد لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي علائقي نارو ڍورو شگر مل لنڪ روڊ تي تيز رفتار ٽرالر موٽر سائيڪل سوارن کي چيپاٽي ڇڏيو افسوسناڪ حادثي ۾ ٻه نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويا جڏهن ته هڪ نوجوان بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: پريس ڪلب جا نوان چونڊيل عهديدار ويٺل آهن

پان سيد آباد ۽ ڀرپاسي ڪوهيڙو برقرار، ٿڌ ۾ واڌ سبب عام زندگي متاثر

پان سيدآباد (ن ع) پان سيدآباد ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ شديد ڪوهيڙو برقرار آهي جنهن سبب ٿڌ ۾ نمايان اضافو ٿي ويو آهي وڌندڙ ٿڌ ۽ ڪوهيڙي سبب عام ماڻهو گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن جڏهن ته روزمره جي سرگرمين ۾ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ملتان: سبزي منڊي ۾ مزدور ٽرڪ تان سامان لاهي رهيا آهن

پنوعاقل پرسان ڪنڀر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 4 ڄڻا رتورت

ڳوٺ علي شير ۾ جهيڙي دوران عاشق، گلبهار الهه ورايو ۽ اسماعيل ڪنڀر زخمي ٿي پيا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل پرسان ڪنڀر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 4 ڄڻا رتورت ڳوٺ علي شير ڪنڀر ۾ جهيڙي دوران عاشق، گلبهار الهه ورايو ۽ اسماعيل ڪنڀر زخمي ٿيا.زخمين موجب حبيب الله قادري، رياض ڪنڀر ۽ ٻين حملو ڪري زخمي ڪيو آهي.

ايڊووڪيٽ سرواڻ مگسي جي رئيس حاڪم علي سومرو جي وفات تي وارثن سان تعزيت

حيدر شاهاڻي، هوت خان گاڏهي، عبدالحميد ميمڻ، شائيال مگسي ۽ ٻين تعزيت ڪئي

سيهڻ(ن ع) ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي جو فرزند ايڊووڪيٽ سرواڻ مگسي ، مرڪزي وائيس چيئرمين حيدر شاهاڻي ، مرڪزي سيڪريٽري جنرل هوت خان گاڏهي ، مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ ، ڊاڪٽر قادر مگسي جو پاڻيٽيو ڊاڪٽر شائيال بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ۾ عوامي ورڪرز پارٽي پاران وينزويلا تي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

نصيرآباد (ن ع) عوامي ورڪرز پارٽي جي مرڪزي سڏ تي ڊينڊڙ ملڪگير احتجاجي جي سلسلي ۾ عوامي ورڪرز پارٽي، ناري جمهوري محاذ قمبر شهدادڪوٽ پاران نصيرآباد ۾ آمريڪا سامراج طرفان وينزويلا تي چڙهائي ۽ صدر مادورو نڪولس جي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي روهڙي ڪئنالن مان غيرقانوني طور مٽي کڻڻ جو سلسلو جاري

عملدار في ٽريڪٽر ٽرالي تي هزار کان 1500 سو رپيا وٺي رهيا آهن: ذريعا

شهرين ۽ آبادگارن پاران اعلي اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) رشوت عيوض بااثر ماڻهن کي واهن مان مٽي کڻڻ جي اجازت ڏني وئي آهي في ٽريڪٽر ٽرالي تي هزار کان 1500 سو رپيا ورتا پيا وڃن ۽ طرف ايريگيشن کاتي کي سرڪاري پاران ڪروڙين رپيا ڏنا ويندا آهن جيڪي آهي به هڙپ ڪندا آهن جڏهن ته واهن جي ڪيرن بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ ڀرپاسي بدامني، چور ٻن پورهيتن جي گهرن مان الهه تلهه ٻهاري ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ مڪڻ ٻيلو مان نامعلوم چور پورهيت لقمان جوڻيجو جي گهر کي ڪاٽ هڻي 4 ٻڪريون چوري ڪري ويا، هوڏانهن پنوعاقل سٽي ٿاڻي جي حد بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

پير پاڳاري خانڳڙهه پهچي سردار علي گوهر مهر سان والده جي وفات تي تعزيت ڪئي

تعزيت دوران علائقي جون معزز شخصيتون، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ پڻ موجود

حر جماعت جي روحاني پيشوا فاتحه خواني بعد سوڳوار خاندان ۽ مهمانن لاءِ خصوصي دعا پڻ ڪئي

خانپور مهر (ن ع): حر جماعت جي روحاني پيشوا پير پاڳاري خانڳڙهه پهچي گوهر پيلس ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبر سردار علي گوهر مهر سان سندس والده جي وفات تي تعزيت ڪئي.ان موقعي تي پير پاڳاري مرحومه جي روح جي ايصال ثواب، مغفرت ۽ بلند درجات لاءِ دعا ڪئي ۽ سردار علي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ مخدوم محمد الزمان طالب المولا جي ورسي ملهائي وئي، جيم خانا بلڊنگ جو افتتاح

حضرت طالب المولا سائين انتهائي نفيس طبيعت جا مالڪ ۽ عوام جا خدمتگار هئا:مخدوم جميل

سنڌن نقش قدم تي هلندي سروري جماعت سميت هر انسان جي خدمت ڪرڻ اسان سڀني جو فرض آهي

مٽياري ضلعي جي ترقي واري رٿا ۾ شامل منصوبن تي رهيل ڪم مڪمل ٿيڻ گهرجي، عوام جي سهولت لاءِ ڪوششون جاري رهنديون

مخدوم جميل الزمان ميونسپل ڪميٽي پاران لڳايل مفت طبي ڪئمپ جو دورو ڪري جائزو ورتو

هالا (رپورٽ: منصور حيات بلوچ) برصغير جي عظيم بزرگ هستي سروري جماعت جي سترهين گادي نشين حضرت مخدوم محمد الزمان طالب المولا جن جي 33 هين ورسي هالا ۾ انتهائي عقيدت و احترام بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

سڳيون: پاڻي ۾ ڪري پيل ٽريڪٽر ٽرالي کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

سڳيون ۽ ڀرپاسي ڪوهيڙي سبب ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي، ڪو به جاني نقصان نه ٿيو

سڳيون (ن ع) سڳيون ۽ڀرپاسي وارا علائقا شديد ڌنڌ ڪوهيڙي جي لپيٽ ۾ صبح ڪوهيڙي سبب عرس جتو جي مشين ايس بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ايران جي معاملي تي مسلمان ملڪن جي خاموشي سمجهه کان ٻاهر آهي: اسد اقبال زيدي

شهدادڪوٽ: (ڊ ر) شيعا علما ڪائونسل سنڌ جو صدر اسد اقبال زيدي شهداءِ سيهوڻ جي ورسي جي حوالي سان ضلع قمبر شهدادڪوٽ پهتو جتي شيعا علما ڪائونسل ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي اڳواڻن ڪارڪنن پاران گلن جي ورکا ۾ سندن استقبال ڪيو جتي شيعا علما ڪائونسل جي صدر اسد بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ضلعي ۾ منشيات جو وڪرو عروج تي، نوجوان نسل تباهيءَ جو شڪار

ڪيٽي بندر، گاڙهو بگهاڻ ٻهارا ساڪرو سميت ننڍي وڏي شهرن ۾ منشيات وڪرو جاري

عوام نشو واپرائڻ سبب مختلف مرضن ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن، پوليس ڪارروائي ڪري:شهري

گاڙهو(ن ع) ٺٽو ضلعو خاص ڪري ساحلي پٽي ڪيٽي بندر گاڙهو بگهاڻ ٻهارا ساڪرو سميت ننڍا وڏا شهر ۽ ڳوٺ هن وقت منشيات فروش ڊيلرن جي هٿن ۾ ايل آهن جتي چرس هيرين آئيس وڪرو جيا وڪامي رهيو آهي هي منشيات ٺاٺو بولاخان ٺاٺو احمد خان ۽ ڪوهستاني بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ميهڙ لڳ شهزور ۽ پڪ اپ گاڏي ۾ ٽڪر، نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڪوهيڙي سبب شهزور گاڏي جو پڪ اپ سان ٽڪر ٿي پيو، حادثي سبب زوار مهراڻ فوت ٿي ويو

لاش تعلقه اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ لڳ ڪوهيڙي سبب روڊ حادثو شهزور جي پڪ گاڏي سان واقعيو پيش آيو جنهن رئيس قربان علي چانڊيو جو نوجوان پٽ زوار مهراڻ علي چانڊيو فوت ٿي ويو جنهن لاش تعلقه اسپتال اندر آندو ويو بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: خاڪسار تحريڪ جي تقريب ۾ اڳواڻ اسٽيج تي ويٺل آهن

ميهڙ ۾ انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو جي نالي سان لائبريري جو افتتاح

ايڊيشنل ڊائريڪٽر رفيعه ملاح ۽ ايم پي اي زبير جوڻيجو لائبريري جو افتتاح ڪيو

لائبريري کي 8800 هزارات سئو ڪتاب ڪتابن رکڻ لاءِ 35 ريڪون ڏنيون ويون

راڌڻ (ن ع) پ پ پ جي اڳواڻ ايم پي اي مرحوم انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو جي نالي سان ميهڙ ۾ لائبريري منسوب ٿيل ايڊيشنل ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪولس رفيعه ملاح پ پ پ جي ايم پي اي زبيرجوڻيجو پاران افتتاح ڪيو خبر موجب ايڊيشنل ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪولس رفيعه ملاح بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڳڏيجي ۾ ڪينسر وڪوڙيل پورهيت جي سرندي وارن کان علاج جي اپيل

ڳڏيجي (ن ع) ڳڏيجي جي پرسان ڳوٺ بهادر سولنگي جو رهواسي پورهيت نيڪ محمد سولنگي وڏي عرصي کان موذي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ويجهو ڪوچ ۽ ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ٽڪر، عورتن ۽ ٻارن سميت 24 ڄڻا زخمي

جتو شريف واري هنڌ تي حادثي ۾ صدام، سلمان، رحمت الله، امام علي، شبير علي ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمن واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي ابتدائي طبي امداد بعد اسپتال منتقل ڪيو

شڪارپور (ڊ ر) انڊس هاءِ وي تي مسافر ڪوچ ۽ ٽريڪٽر ٽرالي وچ ۾ خطرناڪ ٽڪر عورتن ۽ ٻارن سميت 24 ڄڻا زخمي شڪارپور جي علائقي نيو فوجداري ٿاڻي جي حدن اندر انڊس هاءِ وي تي جتو شريف بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ مان تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن ويل نوجوان ٽرين حادثي ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

سڪرنڊ(س ر)سڪرنڊ پرسان ڳوٺ قيصر خان چانڊيو جي رهواسي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويل نوجوان ڪميل عطا چانڊيو ولد ڊاڪٽر عطا محمد چانڊيو لنڊن جي علائقي براڊفورڊ ۾ ٽرين حادثي ۾ 4 جنوري تي فوت ٿي ويو هو جنهن جو مڙهه لنڊن

راڌڻ: پ پ ايم اين اي سردار رفيق احمد جمالي اڄ دل جي بيمارين جي اسپتال چيسٽ پين يونٽ جو افتتاح ڪندو

راڌڻ (ن ع) پ پ ايم اين اي سردار رفيق احمد جمالي اڄ دل جي بيمارين جي اسپتال چيسٽ پين يونٽ جو افتتاح ڪندو خبر موجب سردار رفيق احمد جمالي بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ شاعر ڏکايل محمد صديق لاڪو جي ياد ۾ ادبي ميڙاڪو ۽ صوفيائي محفل منعقد

سڪرنڊ (س ر)نالي واري شاعر ڏکايل محمد صديق لاڪو جي ياد ۾ ادبي ميڙاڪو ۽ مشاعرو ۽ صوفيائي محفل ٿي گذري، سنڌي ادبي شاخ سڪرنڊ پاران نور آرٽ آشرم سڪرنڊ ۾ ٿي گذريو ڪيس شاعري لفظن ذريعي پيغا پيش ڪئي وئي ان موقعي تي ڪهاڻيڪار محمد صديق منگيو چيو ته شاعر ڏکويل لاڪو سادو ۽ اندر جو صاف ماڻهو هو جڏهن هن کان ڏکويل جي بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ڪيرو ۾ ناليواري ليکڪ مرحوم محمد جمن ڪنڀر جو ٽيجهو، وڏي پٽ کي پڳ ٻڌرائي وئي

ڪيرو(ن ع) ناليواري ليکڪ تعليمدان مرحوم محمد جمن ڪنڀر جو ٽيجهو گلشن عاقل ڪالوني ڪيرو ۾ ٿي گذريو مرحوم جي سويي پٽ منصور ڪنڀر کي پڳ ٻڌرائي وئي پڳ جا ور سماجي اڳواڻ سيد جمال بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

باڊهه: ايس ٽي پي اڳواڻ مرحوم قادر بخش بروهي جي ورسي تقريب جو ڏيک

سڪرنڊ مان تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن ويل نوجوان ٽرين حادثي ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

سڪرنڊ(س ر)سڪرنڊ پرسان ڳوٺ قيصر خان چانڊيو جي رهواسي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويل نوجوان ڪميل عطا چانڊيو ولد ڊاڪٽر عطا محمد چانڊيو لنڊن جي علائقي براڊفورڊ ۾ ٽرين حادثي ۾ 4 جنوري تي فوت ٿي ويو هو جنهن جو مڙهه لنڊن مان ضروري ڪارروائي بعد اڄ سڪرنڊ بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

سکر واسي جي گهر ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل چور ڪاهي ويا، ٿاڻي تي اطلاع

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي مصروف علائقي جناح چوڪ ڪلاڪ ٽاور وٽان هڪ شخص امير حمزه جي نامعلوم چور گهر اڳيان بيهاريل موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا- انهيءَ چوري جي حد جي بي سيڪشن ٿاڻي تي اطلاع ڪيو ويو آهي

پنوعاقل: شهر جي گلين ۾ گٽر جي گندگي پيل آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.